# مطالعو سنڌ جو

(جلد-٢)



غلام محمد لاکو

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

# مطالعو سنڌ جو

(حصو پهريون)

مترجم:

غلام محمد لاکو

سنڌي ادبي بورڊ
حيدرآباد، سنڌ.
2004ع

مترجم جا حق ۽ واسطا محفوظ

ڪتاب جو نالو: مطالعو سنڌ جو (حصو پيو)
مترجم: غلام محمد لاکو
ڇپائيندڙ: سنڌ تحقيقي بورڊ حيدرآباد، سنڌ
ڪمپيوٽر لي آئوٽ: هوت ميگهواڙ،
انٽيل ڪميونيڪيشنز، گاڏي کاتو، حيدرآباد سنڌ.
ڇاپو پهريون: 2004ع
تعداد: هڪ هزار
قيمت: =/80 روپيا

پاران ايم ايچ پنھور انسٽيٽيوٽ اف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

**MUTALIO SINDH JO**
(A study of various aspects of literary, Political
and Cultural History of Sindh)
Translated by: Ghulam Muhammad Lakho
Published by: Naz Sanai, Sindh Tahqiqi Board,
Hyderabad Sindh,
2004
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.



پنهنجي استاد محترم

محمد بخش لغاري جي نالي

# ٻہ اکر

سنڌ تحقيقي بورڊ طرفان، سنڌ جي تاريخ تي لاڳيتي جاکوڙ ۽ کوجنا ڪندڙ محقق، محترم غلام محمد لاکي جو ڪتاب ”مطالعو سنڌ جو“ پهريون حصو، اڳ ۾ پڌرو ڪيو ويو آهي. هي ڪتاب ”مطالعو سنڌ جو“ جو ٻيو حصو آهي. جو لائق پڙهندڙن جي هٿن ۾ آهي.

سنڌ جي تاريخ لکڻ ۾ ڪيڏيون ڏکيائيون ۽ پيچيدگيون آهن، ان کان هرڪو باشعور سنڌي واقف آهي ۽ ان ڪم لاءِ اسان وٽ ڪي ادارا ناهن. ڪا تحقيق جي ٽيم ناهي، جيڪا گڏجي ويهي، سنڌ جي تاريخ تي لاڳيتو ڪم ڪري، ۽ نہ رڳو ان کي مڪمل ڪري پر هيستائين ظاهر ٿيل ۽ پرنٽ ۾ آيل تاريخ جي سائنسي بنيادن تي کوجنا ڪري، اُن تان لٽ ۽ مير لاهي.

اڪيلو غلام محمد لاکو، جيڪو هِن وقت سنڌ جي تاريخ تي لاڳيتو ڪم ڪري رهيو آهي ۽ اڪيلو ئي لاکو، ڪيترن جو مَٽُ آهي. هُن سنڌ جي تاريخ سان اهڙي محبت ڪئي آهي، جيڪا هڪ سچي ۽ کري محقق کي هئڻ گهرجي. هُن جي سچائي ۽ خلوص جي ڪري هن کي عزت جي نگاهہ سان ڏٺو وڃي ٿو، ۽ ان ۾ ڪوبہ شڪ ڪونهي تہ سنڌ ۾ ان قسم جو ڪم ڪندڙن جي راهن ۾ ڪافي رڪاوٽون بہ موجود آهن. غلام محمد لاکي جهڙي نبل ۽ سنهو جسم رکندڙ، انتهائي ڏکيو ۽ ڪٺن ڪم پنهنجي ڪُلهن تي کنيو آهي ۽ ان کي خوش اسلوبيءَ سان نڀاهي رهيو آهي. هي ڪتاب بہ ان ڳالهہ جو گواهہ آهي جو هن سنڌ جي تاريخ جي حوالي سان ٽڙيل پکڙيل مواد کي هڪ هنڌ سهيڙيو ۽ ترجمو ڪيو آهي ۽ پنهنجي عالمانہ راين کان بہ اسان کي واقف ڪيو آهي.

– ناز سنائي

٢١ جولاءِ ٢٠٠٤
حيدرآباد سنڌ.

# فهرست


پيش لفظ 6

علم الانسان ۽ علم الآثار: سنڌو تهذيب جي تشريح جا اهم ماخذ 9

سنڌ ۽ ڪڇ جا لاڳاپا 20

سنڌ ۽ ماوراءِ النهر جي ادبي لاڳاپن جا ڪي پهلو 49

منتخب التواريخ ۾ سنڌ جو اتهاس 58

سچل جي فارسي ڪلام جا اڻ قلمي نسخا 71

سنڌ جي سرحدن جي مقرري 81

سنڌ ۾ ڏاڙبل مسئلي جي شدت 95

شيخ اياز، اردو زبان جو شاعر 122

# پيش لفظ

مطالعو سنڌ جو، نالي سان منهنجو هڪ ڪتاب سال 1992ع ۾ ڇپيو هو، جنهن ۾ مختلف لکندڙن جا انگريزي مضمون ۽ مقالا ترجمي جي صورت ۾، پڙهندڙن جي خدمت ۾ پيش ڪيا ويا هئا. هي ڪتاب هن وقت ختم ٿي چڪو آهي، ان ڪي ساڳئي نالي سان "حصو پهريون" ڪري عنقريب ٻيهر ڇپرايو ويندو. گذريل ٻارهن سالن ۾ ٻين ڪمن سان گڏ، مون ڪجهه وڌيڪ مقالا ۽ مضمون پڻ، انگريزي توڙي اردو ٻولين مان ترجما ڪري ڇپرايا، جن جو تعلق سنڌ جي اتهاس جي مکيه عنوانن سان آهي. ترجمو ٿيل هن وڌيڪ مواد کي "مطالعو سنڌ جو" (حصو ٻيون) عنوان سان ڪتابي صورت ۾ گڏ ڪيو ويو آهي.

مطالعو سنڌ جو، حصو ٻيون، ۾ ڪل اٺ مضمون ۽ مقالا شامل آهن. هن مواد کي هتي تاريخي ترتيب سان پيش ڪجي ٿو. هنن مطالعن جا لکندڙ نامور اهل قلم آهن. سندن تحقيق توڙي اڀياس جي وڏي اهميت آهي. شيخ خورشيد حسن جي مقالي ۾، سنڌو تهذيب جي اڀياس ۾ درپيش رڪاوٽن حل ڪرڻ جو هڪ نئون طريقو تجويز ڪيو ويو آهي. نامور اسڪالر ايم. ايچ. پنهور جا ٻه مضمون: سنڌ ۽ ڪڇ جي تاريخ توڙي سنڌ جي تاريخي سرحدن جي حوالي سان وڏي وقعت رکن ٿا. هوئنئن تہ عبدالغني ميرزايف سنڌ ۽ ماوراءُ النهر جي ادبي تعلقات جي حوالي سان، ڪي مکيه ڳالهيون نروار ڪيون آهن. ليڪن ميرزايف جو اهم ڪم، مطربي سمرقندي بابت ڪوجنا ۽ هن جا ٻہ تذڪره ايڊٽ ڪري ڇپرائڻ وارو ليکيو وڃي ٿو. بعد ۾ ميرزايف جي ڪم کي بنياد بنائي ايران ۾ مطربي سمرقندي بابت وڌيڪ پائدار ڪم ڪيو ويو آهي. ڊاڪٽر عارف نوشاهي صاحب جو مقالو، مغل دور ۾ لکيل هڪ تاريخي ماخذ ۾، سنڌ بابت ڏنل مواد جي نشاندهي ڪري ٿو. ياد رهي

تہ هن حوالي سان مون پڻ آڳاٽو هڪ مضمون لکيو هو (مهراڻ، نمبر1 سال 1986ع). مشتاق علي جعفري، اسان کي پنهنجي دور جي پلوڙ شاعر شيخ اياز جي اردو شعر جي باري ۾ ڄاڻ ڏني آهي. سچل چيئر، ڊاڪٽر ابراهيم خليل کي سچل جو فارسي ڪلام مرتب ڪرڻ جو ڪم سونپيو هو. هن مطالعي ۾ ڊاڪٽر خليل جو شامل مقالو، ان علمي ڪم جي پس منظر ۾ لکيو ويو هو. افسوس تہ ڊاڪٽر خليل مرحوم جو ڪيل علمي پورهيو اڄ تائين ڇپجي نہ سگهيو آهي.

تاريخ، تمدن ۽ ادب جي پلوڙ ذڪر سان گڏ، ويهين صديءَ جي آخري ڏهاڪن ۾، سنڌ اندر پيدا ڪيل ڌاڙيل گڙدي، اسان جي ويجهي اتهاس جو هڪ ڀيانڪ باب آهي. هزارين ماڻهن کي ڌوڪڙن لاءِ اغوا ڪري، انهن کان ڪروڙين روپيہ ڀڳ طور وصول ڪيا ويا. نامور ليکڪ ۽ صحافي جناب شيخ عزيز، هن عنوان تي ڀرپور پيرو هڪ سنجيدو اڀياس پيش ڪيو هو. بعد ۾ شاهہ عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور جي پروفيسر امداد حسين سهتي، هن عنوان تي ڀرپور مقالو لکي Ph.D جي ڊگري ورتي. هن مقالي جي ڇپجڻ سان سنڌ ۾ ڌاڙيل فيڪٽر بابت اسان جي ڄاڻ ۾ گهڻو واڌارو ٿيندو. هن ملڪ ۾ اهل دانش جي راين ۽ رٿن کي ڪڏهن بہ اهميت نہ ڏني وئي آهي. ان ريت شيخ عزيز جي ڏنل تجويزن کي بہ ارباب حڪومت، توجهہ ۽ عمل جي لائق نہ سمجهيو. اهوئي سبب آهي جو ميان نواز شريف جي دور ۾ ٿيل فوجي آپريشن جي نتيجي ۾، سنڌ اندر ڪجهہ وقت لاءِ تہ ڌاڙيلن جي ڦهري ڪارروايئن جو خاتمو ٿيو. ليڪن هي مسئلو پنهنجي جاءِ تي اڄ بہ موجود آهي.

مطالعو سنڌ جو، (حصو ٻيون)، اميد تہ پهرئين حصي وانگر، علمي دنيا لاءِ ڪارائتو ثابت ٿيندو. آخر ۾ مون تي ڪجهہ دوستن جي شڪرگذاري لازم آهي. سڀ کان اول آءٌ مشڪور آهيان انهن قلمڪارن جو، جن جا قيمتي مضمون ۽ مقالا ترجمو ڪري هتي پيش ڪيا ويا آهن. ان کان پوءِ محترم ناز سنائي جو، جنهن هي ڪتاب اوهانجي هٿن تائين پهچايو آهي. پياري صدام حسين پڻ هن ڪتاب جي تياري ۽ ترتيب ۾ مون سان هٿ ونڊايو.

6 جولاءِ 2004ع — غلام محمد لاکو

# علم الانسان ۽ علم الآثار:
# سنڌو تهذيب جي تشريح جا اهم ماخذ*

[شيخ خورشيد حسن پاڪستان جو مشهور آرڪيالاجسٽ آهي. سندس هيءُ مقالو سنڌو تهذيبن جي مطالعي جي حوالي سان وڏي اهميت رکي ٿو، جو "پاڪستان آرڪيالاجي" نمبر 26، سال 1991ع "سلورجبلي نمبر" ۾ ڇپيو هو]

علم الانسان ۽ علم الآثار جي گڏيل مدد ۽ موجوده دور جي مشاهدن جي سهڪار سان، گذريل زماني جي حالتن ۽ عملن جي تشريح ڪري سگهجي ٿي. عملن جو مفهوم نهايت جامع ۽ وسيع آهي، جنهن ۾ بيشڪ هنر، ڪاريگريون، معاشي ۽ سماجي حالتون توڙي لطيف فن اچي وڃن ٿا(1). هيءُ هڪ نئون نظريو آهي، جنهن ڪجهه وقت اڳ آمريڪا ۾ جنم ورتو. تازي دور ۾ هن نظريي جي روشنيءَ ۾ قديم آثارن جو اڀياس شروع ڪيو ويو آهي؛ ان طرح نهايت دلچسپ نتيجا ملڻ شروع ٿيا آهن. جيئن اسان کي خبر آهي ته قديم آثارن جي علم جو تعلق انسان جي گم ٿيل تهذيبن سان هجي ٿو، اُن جي برعڪس علم الانسان جو توجهه موجوده رسم ۽ رواج توڙي طور طريقن جي اڀياس تي محيط ٿئي ٿو، جن جون پاڙون قديم دور ۾ کُتل آهن. هنن ٻنهي مضمونن جي تحقيق جي مقصدن ۾ گهري هڪجهڙائي آهي. ان هوندي به اُنهن جي تحقيق جي طريقهءِ ڪار ۾ ڇِڙو فرق آهي. مختصر هيءُ ته علم الآثار جي ماهر جو هي ڪم آهي ته اُهو انساني باقيات جي اُنهن صورتن، جي اڄ به ڪنهن نه ڪنهن شڪل ۾ محفوظ آهن، جي نشاندهي ڪري، ۽ گذريل دور جي مختلف زمانن ۽ ان سان گڏ سندن

---

* ليکڪ: شيخ خورشيد حسن

مشترڪ تعلقات جي بِناءَ تي اُنهن نتيجن کي ”امڪانات“ جي ڪسوٽيءَ تي پرکي. ان لاءِ نهايت منظم طريقي سان ڪم ڪرڻ کپي. امڪانات اُهي جائز تصور ڪيا ويندا، جيڪي هلندڙ دور ۾ انسان جي رسم ۽ رواج ۾ به سچ پچ ته ڏسڻ ۾ اچن(2). علم الآثار جي ماهرن جي اڪثريت هن ڳالهه تي متفق آهي ته ڪنهن انساني باقيات جي سلسلي ۾ تحقيق ڪندي، صرف هڪ خاص جاءِ کي نظر ۾ نه رکڻ کپي، ليڪن ان جي آسپاس کي به مدنظر رکڻ کپي. بلاشبه اُن جاءِ جي محل وقوع سان گڏ، متعلقه ماڳ جي اِردگرد جي علائقي جي اهميت کي به نظرانداز نه ڪجي. پر هيءُ به ياد رکڻ کپي ته اِن ريت حاصل ٿيل نتيجن بابت به ڪجهه احتياط ڪرڻ لازم ٿي پوي ٿو. هي ڳالهه امڪان کي ويجهي آهي ته ڪجهه قبيلا قديم زماني کان وٺي پنهنجي سڃاڻپ برقرار رکندا آيا آهن، پر زماني جي تبديلين سان گڏ سندن طرز زندگيءَ ۾ به آهستي آهستي تبديلي اچي رهي آهي. باوجود ان جي ته سندن شڪار ڪرڻ، مڇي پڪڙڻ ۽ هنري طريقا قديم دور جا آهن. اهڙن قبيلن جي موجوده طرز زندگي، هوبهو قديم دور وانگر نه ٿي ٿي سگهي، ان ڪري هلندڙ ثقافتي روين ۽ انهن جي گذريل دور سان تعلق کي چڱيءَ طرح سان تجزيي، مطالعي ۽ پرک ۾ آڻي، نتيجا حاصل ڪرڻ کپن.

سال 1925ع ۾ سنڌو تهذيب جي دريافت کان وٺي، ان جي باري ۾ گهڻو تحقيقي ڪم ٿي چڪو آهي. پر ان ڏس ۾ اڃا وڌيڪ ڪم ڪرڻ جي ضرورت آهي ته جيئن ڏکڻ ايشيا جي هن تمام ترقي ڪيل مڪمل شهري ۽ وسيع تهذيب جي باري ۾ معلومات مڪمل ٿي سگهي. علم الآثار جي ماهرن جي کوٽائي جي ذريعي گڏ ٿيل معلومات، سنڌو تهذيب جي باري ۾ اڪثر اسرارن ۽ خاص ڪري نسلي مطالعي ۾ مددگار ثابت نه ٿي آهي. جن انساني ڍانچن جو تجزيو ٿيو آهي، اُهي سنڌو تهذيب جي انسان جي نسلي ساخت بابت فيصلہ ڪن شاهدي نه ٿا ڏين. سيول (Sewell) ۽ گوها (Guha) هڏاون آثارن جي ڏس ۾

پنهنجي اپياس جي آثار تي، موهن جي دڙي ۾ گهڻ نسلي ماڻهن جي نشاندهي ڪن ٿا(3). ٻئي طرف ڊي. ڪي. سين (D.K. Sen) قبول ڪري ٿو تہ گهٽ ۾ گهٽ مٽي جي شڪل، نڪ جي صورت ۽ قد ڪاٺ جي حوالي سان، اُتي رهندڙ ماڻهو هڪ نسل جا هئا(4). ڪجهہ قديم آثارن جي ماهرن جو رايو آهي تہ انڊس دور کان ڪري اڄ تائين، انساني نسلي ساخت گهٽو ڪري اڻ تبديل ٿيل رهي هوندي. اهڙن ماهرن موجب هنن علائقن تي ٿيل حملا ضرور اهيمت جوڳا نہ هوندا، جن سبب ماڻهن جي جسماني ساخت ۾ ڪا وڏي تبديلي اچي(5).

سنڌو تهذيب جي دريافت واري وقت کان وٺي: عاج جي شين، ٽامي جي ٽانون، ٺڪر جي برتنن، ٺپن ۽ مُهرن تي موجود پراسرار لکت کي سمجهڻ جي ڪوشش ٿيندي رهي آهي. ڪجهہ عالم، جيڪي هن لکت کي سمجهڻ جي ڪوشش ۾ رُڌل آهن، اُنهن ۾ پارپولا(6)، ۽ مهاديون (Mahadevan) (7)، جو خيال آهي تہ سنڌو لکت 'پروٽو - دَراوڙي' آهي. پر ڏسجي ٿو تہ هن ڏس ۾ ڪاميابي اڃا پري آهي. جيتوڻيڪ 'پروٽو - دراوڙي' وارو مفروضو وڌيڪ بهتر آهي، پر اڄوڪي دراوڙي دنيا ڪجهہ بہ ذڪر جوڳو باقياتي مواد پيدا نہ ڪيو آهي(8).

موهن جو دڙو پختہ سنڌو تهذيب جو وڏو شهري مرڪز آهي. اُهو سنڌو ماٿر جي اُن حصي ۾ واقع آهي، جيڪا هن تهذيب جي مکيہ ايراضي رهي هوندي. ان ڪري اها ايراضي سنڌو تهذيب جي آغاز جي منطقي علامت ٿي سگهي ٿي(9).

ميداني خطي ۾ پڪي اڏاوت ۽ شهر جي بنياد پوڻ کان وٺي موجوده دور تائين، رڻ جي ٻرمار ۽ پوءِ جي دور ۾ زير زمين پاڻيءَ جي سطح وڌڻ سبب، سنڌو تهذيب جي بنيادي باقيات تائين پهچڻ ۾ ڏکيائي پيدا ٿي آهي. موهن جي دڙي جي ڪوٽ واري علائقي جي هيٺينءَ سطح تي پهچڻ لاءِ 1950ع ۾ کوٽايون شروع ڪيون ويون، پر پاڻيءَ جي سطح وڌڻ جي ڪري گهربل مقصد حاصل نہ ٿي سگهيا(10). سال 1964ع ۾ ڊيلز تجرباتي کوهہ کوٽايا. اُن وقت مٿاڇري واري سطح جو

اندازو 39 فوٽ هو. جتي موجود دڙو 35 کان 40 فوٽ اوچو هو(11). وري 1966ع ۾ ڊچ صلاحڪارن 24 مشاهداتي کوهن لاءِ اڳوٽ طئہ ڪيل جاين تي سوراخ (Drilling) ڪرايا. ان طرح سراسري ميداني سطح کان 60 فوٽ هيٺ، سرن جي اڏاوت ۽ ٺڪر جي ٽانوَن جي نشاندهي ٿي(12). علم الآثار جي ماهرن جي شديد خواهش آهي تہ اهي هيٺينءَ سطح تائين پهچن، ليڪن پاڻيءَ جي وڌندڙ سطح اُن ۾ رڪاوٽ بنيل آهي. يونيسڪو پاران حڪومت پاڪستان جي زير زمين پاڻي گهٽ ڪرڻ واري رٿا جزوي طرح سان مڪمل ٿي سگهي، ڇو تہ رٿيل رٿا مان صرف 26 ٽيوب ويل لڳي سگهيا. اطلاع اهي آهن تہ زير زمين پاڻي، سطح کان 28 فوٽ هيٺ رهجي ويو آهي(13). هي سطح ان حساب سان تہ ٺيڪ آهي جو ان ڪري موهن جي دڙي جي آثارن کي بچائڻ ۾ مدد ملندي. البتہ 32 واڌو ٽيوب ويلن جي اصلي رٿا تہ جيئن زير زمين پاڻي 65 فوٽ هيٺ ڪجي، سا عمل ۾ نہ اچي سگهي آهي. اُن جو سبب رقم جي کوٽ آهي، جنهن جي دستياب ٿيڻ جو ويجهي مستقبل ۾ ڪوبہ امڪان ڪونهي. ان ڪري موجوده صورتحال سبب، موهن جي دڙي جي وڌيڪ کوٽائي ممڪن ڪونهي تہ جيئن اُن جي اوّلين سطح تي پهچي سگهجي.

ان حالت ۾ علم الآثار ۽ علم الانسان جي گڏيل مدد سان، سنڌو تهذيب جي مُنجهيل سُٽ کي سُلجهائي سگهجي ٿو. سنڌو تهذيب جي دلچسپ خاصيت، اُن جون طويل عمر واريون روايتون آهن، جي اڄ بہ زنده آهن. موهن جي دڙي جي آسپاس رهندڙ ڪنير اڄ بہ اهڙا ٿانوَ ٺاهين ٿا، جي سندن وڏڙا قديم دور ۾ ٺاهيندا هئا. عورتون اڄ بہ اهڙا زيور پهرين ٿيون، جي پنج هزار سال اڳ بہ استعمال ۾ هئا. گهٽو وزن ڍوئيندڙ گاڏيون (ڏاند گاڏيون) اڄ بہ سڄي سنڌ ۾ ڏسجن ٿيون. هي گاڏا موهن جي دڙي جي پڪل رانديڪن جي ڏيک ڏين ٿا. جيتوڻيڪ اڄ اسان وٽ موهن جي دڙي جي ڊگي گاڏيءَ جو حقيقي نمونو موجود ڪونهي. پر پوءِ بہ پڪ آهي تہ رانديڪي واري ڊگي گاڏي اُن سان گهڻي مشابهت رکي ٿي. ڪيڙي تي ڄُر جون علامتون بہ سنڌو تهذيب

واري وقت کان هلندڙ آهن. موهن جي دڙي جي ڦولدانيءَ تي چٽسالي سنڌ جي ڪيس سان مشابهه آهي، جو آڏاٽن تي تيار ٿئي ٿو(14). ان طرح چٽسالين ۽ گلڪارين جي شڪل ۾ موهن جي دڙي جون ڪي نشانيون، اڄ به سنڌ جي ڳوٺن ۾ لوڪ هنرن جي صورت ۾ موجود آهن.

اهڙي پس منظر ۾ هن مقالي نگار، سنڌو تهذيبن جي اڀياس خاطر "مهاڻا" قبيلي کي اڀياس جو محور بنايو آهي، جنهن کي "ميربحر" به سڏجي ٿو. اهي ناڪئا به آهن ته مڇي پڪڙڻ وارا به آهن. اُنهن جا ڳوٺ اڪثر ڪري درياهه سنڌ جي ڪناري سان آهن، پر ڪي ڳوٺ دادو ضلعي ۾ منڇر ڍنڍ تي ۽ ڪجهه گهر ناري جي اُپرندن ڪنارن سان به موجود آهن. سنڌ گزيٽيئر موجب مهاڻا سنڌو ماٿر جا قديم رهاڪو آهن(15). اهي ڏکي عرصي کان پنهنجي ڌنڌي ۾ رُڌل آهن. اُنهن جو ڪارو رنگ توڙي عادتون اطوار، سنڌن دراوڙي نسل هجڻ متعلق شاهدي ڏين ٿا. پوسٽنس لکي ٿو ته "مهاڻا ڪاري رنگ جا آهن، پر انهن جي شڪل شباهت عام سنڌين وانگر آهي. اهي عام طرح ٻيڙين ۾ رهن ٿا ۽ سندن ڪو ٻيو نِڪاڻو ڪونهي"(16). برٽن جو خيال آهي ته "مهاڻا اصل ۾ هندو آهن ۽ پوءِ مسلمان ٿيا آهن. اهي عام سنڌين وانگر نه ٿا ڏسجن. انهن جا مهانڊا منفرد آهن ۽ رنگ ۾ به ڪارا آهن"(17). ڪيڊل جو رايو آهي ته مهاڻو قبيلو نهايت قديم آهي. سندن تعلق سنڌو تهذيب جي دور ۾ ڍنڍن ۾ رهندڙ اُن نسل سان آهي، جنهن جي رت ۾ نهايت گهٽ ملاوٽ ٿي آهي"(18). شيخ صادق علي سنڌ جي ذاتين جي مطالعي سبب اهميت رکي ٿو، پر ڪيس به مهاڻن جي اصليت بابت پڪ ڪونهي. سندس موجب هن ذات وارا يا ته ٻيڙيون هلائين ٿا، يا وري مڇي ماري گذران ڪن ٿا. پاڻ مهاڻن جا 254 پاڙا لکيا اٿس(19). بلوچستان جي ميد قبيلي کي به "مهاڻو" سڏيو ويو آهي. اهي اڪثر ڪري مڪران ۽ لس ٻيلي جي سامونڊي ڪنارن سان ڏٺا ويا آهن. اُهي پوري رنگ جا ۽ ڌنڌلين اکين وارا آهن. اُهي ايترا ته مضبوط ۽ سگهارا آهن جو پنهنجي طاقت جي آڌار تي جوکم وارن ڪمن ڪرڻ جي اهليت به رکن ٿا، ۽ سمونڊ اندر جٽاء دار قوت جو پڻ اظهار ڪن ٿا(20).

ناڪئن يا مڇي مارينڌڙن جي روپ ۾. مهاڻن جو تعلق سنڌو ماتر تي سڀني حملي آورن سان قائم رهيو آهي. آريا، ايراني، يوناني، ستين، اڇا هوڻ (Huns)، مسلمان ۽ پوءِ انگريز سنڌ تي ڪاهي آيا، پر مهاڻن تي صرف مسلمانن جو اثر پيو ۽ سندن زندگيءَ توڙي ثقافت ۾ تبديلي محسوس ڪئي وئي. جيتوڻيڪ مهاڻن جو ڪم ڪنن هو، پوءِ به اسلام کان اڳ سنڌو ماتر ۾ ڪين گهٽ رتبو مليل هو. مسلمانن ڪين سماج ۾ برابر جي حيثيت ڏني. ان ڪري ته مهاڻن اسلام قبول ڪيو.

مهاڻن جو ڳوٺ 10-15 ٻيڙين تي مشتمل آهي، جن کي ڌونڊي سڏجي ٿو. ٻيڙين جي پرسان کُليل ميدان تي عارضي گهر ناهين ٿا. اُنهن اڏاوتن ۾ رهن به ٿا ته ٻيڙين جي مرمت به ڪن ٿا. سندن گهرن کي پکين جي آکيرن سان ڀيٽي سگهجي ٿو. اُهي سنڌو درياهه جي لاهه ۽ چاڙهه جي پس منظر ۾ لڏ پلاڻ ڪن ٿا. اُنهن جي پيئڻ جي پاڻيءَ جو اهم ذريعو سنڌو درياهه آهي، جو خواجه خضر طرفان ڪين مليل آهي. مختلف سببن جي ڪري مهاڻن لاءِ هي درياهه مقدس آهي. اُنهن جي لاءِ درياهه نه رڳو بقاءَ جو ذريعو آهي، ليڪن پناهه گاهه طور به ڪم اچي ٿو. سندن عقيدي موجب سنڌو درياهه جو پاڻي روحاني طاقت سان نوازيل آهي. عام طرح مهاڻا پنهنجن ٻارن کي بد روح جي ٻيجڙاين کان بچائڻ لاءِ سنڌو درياهه جو پاڻي پياريندا رهن ٿا. اُن کي سنو سنوڻ سمجهيو ويندو آهي. مهاڻن جي زندگيءَ ۾ ٻيڙي اهم ڪردار ادا ڪري ٿي. ٻيڙي اُنهن لاءِ رهائش به آهي ته پيدائش جو ذريعو پڻ آهي. ٻيڙيءَ جا عام طرح ٽي حصا هجن ٿا. آڳل، تَرُ (وچ)، ۽ پاڇل. آڳل کي رڌڻي طور استعمال ڪن ٿا ۽ تَرَ کي سمهڻ جي ڪمري طور ڪتب آڻين ٿا. پاڇل هڪ مضبوط جاءِ آهي، جتان عام طرح ٻيڙي هلائڻ لاءِ ونجهه جو استعمال ٿئي ٿو. مطلب ته ٻيڙي کي هلائڻ کان ڪري، ان کي نيڪ ناڪ رکڻ تائين، پاڇل وارو حصو وڏي اهميت رکي ٿو.

مُهاڻا اها سنڌي ڳالهائين ٿا جا سنڌ جي ڀرارڙين ۾ استعمال ۾ آهي. اُن هوندي به ڀرارڙيءَ جي ثقافت ۽ زبان جي معاملي ۾، مهاڻن کي ڪي قدر انفراديت به حاصل آهي. ناڪئا اڄ به موهن جي دڙي جي

بلڪل سامهون، درياهہ جي ٻئي طرف خاص قسم جو ميلو منعقد ڪندا آهن. اهو ميلو ٻوڏ جي مند کان ڪجهہ وقت اڳ ٿئي ٿو، جنهن ۾ ٻيڙين جي ڊوڙ، ترڻ، ناچ ۽ ڪي ٻيا جشن منعقد ڪيا وڃن ٿا. حقيقت ۾ هي تقريبون قديم آهن ۽ اُنهن جون پاڙون موهن جي دڙي ۾ کتل آهن.

ڪوجنائن ذريعي ميسوپوٽيما ۽ سنڌو ماٿر ۾ واپاري لاڳاپن جو پتو پيو آهي. درياهہ ذريعي سوين اقتصادي ۽ مذهبي ڳانڍاپن جو پتو، 'اُر' ۽ 'اڪاد' جي حڪمران سارگن کان وٺي، 'آئزن لارسا 'جي دورن (2370 ـ 1900 ق. م) تائين ملي ٿو(21). عالمن ۾ ميلوها، مگن (مڪن) ۽ دلمن جي سڃاڻپ ۾ لڳ ڀڳ اتفاق ڏسجي ٿو. محققن 'ميلوها' جي درآمدي شين کي سنڌو ماٿر جي پيدائش سان ڀيٽيو آهي، ۽ ان ڳالهہ تي بہ اتفاق آهي تہ 'ميلوها' اصل ۾ سنڌو ماٿر وارو ماڳ آهي(22-23). مُڪرجي چوي ٿو تہ قديم زماني ۾ ساموندي واپار دراوڙن جي هٿ ۾ هو، جيڪي درحقيقت سنڌ جي اڄوڪي دور جي ماڇي ۽ مهاڻا قبيلن جا ابا ڏاڏا هئا(24). اها ڳالهہ هن حقيقت ذريعي ظاهر ٿئي ٿي تہ موهن جي دڙي مان لڌل مُهرن تي ٻيڙين جا اهڙا آثار ملن ٿا(25). جهڙيون ٻيڙيون موجوده دور ۾ درياهہ سنڌ اندر مهاڻا ڪتب آڻين ٿا. سنڌوءَ تي هلندڙ ٻيڙين جي آڳل ۽ پاچل اپريل آهي... ساڳي شڪل، جا ڪجهہ وڌيڪ صاف آهي، موهن جي دڙي مان لڌل پڪي مٽيءَ جي ٽڪنڊي تعويذ جي صورت ۾ ملي آهي(26). هن تعويذ تي وڌيڪ دلچسپ شڪل هي آهي تہ ٻہ پکي نهايت سجايل طريقي سان ڏسڻ ۾ اچن ٿا. اڄ سوڏو پکين کي مهاڻا هن طرح سينگاريندا اچن ٿا. ٻيڙين تي پيڻ پکي ۽ پيٺوري (ماهي خور پکي) چٽڻ جو هڪ خاص مقصد آهي. سنڌ جي فطرتي دنيا جي ڄاڻوءَ جيمس مري جو خيال آهي تہ هي پکي ماهي خور هجڻ سبب، مڇي سان وڏو هاجو ڪن ٿا(27). اهي شڪار جي خيال کان اُتاهينءَ تائين هيٺ لامارو ڏين ٿا. ۽ غوطا هڻي تيزيءَ سان مناسب وزن جو شڪار ڪري سرخرو ٿي واپس ٿين ٿا. گهڻو ڪري مهاڻا هر ٻيڙيءَ ۾ اهي پکي پاڻ سان رکن ٿا. جڏهن مڇي چار ذريعي

آسانيءَ سان دستياب نہ ٿئي، تڏهن هن مقصد لاءِ پکين جو استعمال ڪيو ويچي ٿو. پکين جي ڳچيءَ ۾ ڳاني وجهن ٿا، جنهن سبب پکي شڪار ڪيل مڇي ڳهي نہ ٿا سگهن. مڇيءَ کان سواءِ پکين جو شڪار بہ مهاڻن جي آمدنيءَ جو هڪ وڏيڪ ذريعو آهي. پکين جو شڪار چار ذريعي ٿئي ٿو. انهن جون عورتون جدا جدا ڌنڌن ۾ مصروف رهن ٿيون.

علم الانسان جي ذريعي پاڻي ۽ زمين ۾ رهندڙ هن قبيلي جو اپياس ثابت ڪيو. هن ڏس ۾ ٻيڙين جو گهر وارو حصو خاص ڌيان گهري ٿو، جنهن ۾ ڪاٺ جي اڪر ذريعي تصويرون نهيل آهن. هي نقش نگار، سنڌو تهذيب جي دور ۾ ٿيندڙ سنگتراشي يا شڪلين ٺاهڻ واري روايت جي هڪ علامت آهن. مهاڻن جي ٻولي ۽ خاص ڪري محاورا توڙي چوڻيون اهميت جوڳا آهن. انهن جو اپياس موهن جي دڙي جي رسم الخط جي مطالعي ۾ مددگار ٿي سگهي ٿو(28).

**حوالا ۽ حاشيا:**


1. Allchin Bridget, Ethnoarchaeology in South Asia, in South Asian Archaeology (1983), Naples, 1985, p.p.21-33 (Vol.I).
2. Fairservis, Walter A., Jr., Sir Mortimer Wheeler and I, Serie Orientale Roma, LVI,I Orientalia Josephi Tucci Memoriae Dicata, Rome, 1985, p.p. 344-54.
3. R. B. Seymour Sewell and B. S Guha in John Marshall, Mohenjodaro and Indus Civilization (London, 1931), Vol. II, p.p 599-648.
4. D. K. Sen, Ancient Races of India and Pakistan- A study of Methods in Ancient India, 1967, No. 20 & 21, p.p. 178-205.
5. Wheeler, The Indus Civilization (Third Edition) Cambridge, 1968, p. 78. See also (a) Matrio Cappieri in

W.A. Fairservis, Roots of Ancient India (London, 1971), Appendix K. p.p. 425-437 and (b) Shaikh Khurshid Hasan, The Burial parctices among the people of the Indus Valley Civilization, In International Symposium on Mohenjodaro Karachi, 1975, p.p. 94-99.

6. Parpola Asko, Interpreting the Indus Script, In Indus Civilization - New Perspective, Islamabad, 1981, p.p. 117-31.
7. Mahadevan, Iravatham, Terminal Ideograms in the Indus Script, In Harappan Civilization, New Delhi, 1982, p.p. 311-17.
8. Dani, A.H., The Indus Civilization _ New Perspective, Islamabad, 1982, p.p. 10.
9. Mughal M.R., Present State of Research on the Indus Valley Civilization, Karachi, 1973, p.23.
10. Alcock, Leslie, Pakistan Quarterly, Karachi, 1952, Vol. 2 (1), P.P.12-16.
11. Dales, G.F., New Investigations at Mohenjodaro, Archaeology, New York, 1965, Vol. 18(2), p.p. 145-50.
12. Mohenjodaro Preservation Plan (Ground Control), West Pakistan Power & Development Authority, Lahore, 1972, p.p.1-2.
13. Salient features in brief of preservation work of world famous most ancient archaeological remains at Mohenjodaro, Report prepared by the Mohenjodaro Preservation Authority, Karachi (Un-published).
14. Bunting, Ehel-jane W., Sindhi Tombs and Textiles- The Persistence of pattern, University of Mexico Press, U.S.A. p. 65.

15. Gazetteer of Sind, Bombay, 1907, p. 178.
16. Capt. T. Postans, Personal Observations on Sind, 1843, p.p. 100-05.
17. Burton, Richard F. Sind and the Races that inhabit the Valley of Indus, Karachi (Re-print), 1973, p.p. 251-52.
18. Cadell, S.P., Who are the descendants of the people of Mohenjodaro. Journal of the Bombay Anthropological Society Jublee, Vol. 1937, p.p. 125-140.
19. Sadiq Ali Shaikh, A short sketch of the Muslim Races in Sind, Baluchistan and Afghanistan, Karachi, 1954, p. 60.
20. Gazetteer of Baluchistan (Lasbela), Quetta (Reprit), 1986, p. 58.
21. Mallowan, M., The Mechanics of Ancient Trade in Western Asia, Iraq (III) London, 1965, p.p 1-9.
22. Parpola Asko, Recent Development in the study of the Indus Script, In Sind Through the Centuries, Karachi, p.p. 74-75.
23. Lamberg-Karlovsky, C.C, Sumer, Elam and the Indus: Three Urban Processes Equal one Structure, In Harappan Civilization, New Delhi, 1982, p.p. 61-68.
24. Mookerji, Radha Kumunda, History of Indian Shipping and their own ships from earlier times in the Persian Gulf, Bombay, 1960, P. 62.
25. Mackay, E.J.H., Further Exacavations at Mohenjodaro, Vol.I, New Delhi, P. 30; Clay models of boats have been found at Lothal. See 'Lothal & Indus Civilization', 1973 by S.R. Rao p. 124.

26. Dales, G.F., 'The South Asia Section Expedition', Philadelphia, 11.1., p.p. 38-45.
27. Murrary , J.A., The Vetebrate Zoology of Sind: A Systematic Account, Richardson & Co, London, 1884,p.p. 102.
28. Hasan, Shaikh Khurshid & Ashfaque Syed Mohammad, 'Mohenjodaro', A 5000 years old Legacy, UNESCO, Paris, 1981, P. 38.

(ٽه ماهي "مهراڻ" 1-2002/2ع ۾ ڇپيل)


●

# سنڌ ۽ ڪڇ جا لاڳاپا*

[سنڌ جي نامياري اسڪالر ايم. ايڇ. پنهور صاحب 9 ڊسمبر 1979ع تي، حڪومت سنڌ جي ايجوڪيشن ڊپارٽمينٽ جي دعوت تي، نيشنل ميوزم ڪراچيءَ ۾ "سنڌ ۽ ڪڇ" جي لاڳاپن تي انگريزي زبان ۾ هڪ ليڪچر ڏنو هو. هي ليڪچر پوءِ ساڳئي ڪاتي جي آرڪائيوز شعبي سال 1980ع ۾ ڪتابي شڪل ۾ ڇاپي پڌرو ڪيو هو. هن اهم مقالي جو سنڌي ترجمو ڪندي مصنف جي اجازت سان ڪي قدر اختصار ڪيو ويو آهي ۽ ان مان نقشن توڙي چارٽن کي به حسب تقاضا خارج ڪيو ويو آهي. هن مقالي ۾ البت ڪلهوڙن کان ڪري هلندڙ دور تائين واري عنوان تي نه لکيو ويو آهي. ان بابت وافر مواد موجود آهي. اميد ته ڪو صاحب دلچسپي وٺي موضوع کي مڪمل ڪندو. ڪٿي ڪٿي پنهور صاحب جا خيال تحقيق طلب ڏسجن ٿا، جن بابت ايندڙ وقت ۾ تصديق يا ترديد ٿي سگهندي]

سنڌ ۽ ڪڇ جي لاڳاپن تي گفتگو ڪرڻ جو اصل محرڪ ڊاڪٽر الانا جو ڪتاب "سنڌي ٻوليءَ جي لساني جاگرافي" بڻيو جو سال 1979ع ۾ ڇپيو آهي. ڪڇ بابت هن ڪتاب ۾ استعمال ٿيل ذريعا: هنٽر جو "امپيريل گزيٽير آف انڊيا" 1886ع، راس جو "پنجن ندين جي سرزمين" 1880ع، ۽ ولبر فورس جو "ڪانياواڙ جي تاريخ" 1916ع آهي. انهن ڪتابن جي هاڻي گهڻي اهميت نه رهي آهي. انهن ۾ ڏنل معلومات گهڻي حد تائين متروڪ ٿي چڪي آهي. هن ڪتاب ۾ تازين کوجنائن جهڙوڪ: رڻ ڪڇ جو هڪ ڪاري (نار) هجڻ، هاڪڙو - سرسوتي ندي، ۽ ان جو 1226ع ۾ خشڪ ٿيڻ، ۽ پڻ انڊس توڙي سنڌو ماٿر جون ڪڇ ۽ ڪانياواڙ ۾ ابتدائي بستيون - جهڙا عنوان بحث هيٺ نه آيا آهن. انگريزن جي هي ڳالهه درست ڪانهي ته، عربن ڪڏهن به ڪڇ کي فتح ڪيو هو. گزيٽيرن ۾ ڪڇ جي سمن جي هڪ خاندان جو ذڪر ملي ٿو، جنهن 1320ع ڌاري حڪومت ورتي هئي.

* ليکڪ: ايم. ايڇ. پنهور


1226-1343 AD
ROUTES BETWEEN CUTCH AND SIND
N
INDEX
SCALE

جڏهن تہ هاڻي معلوم ٿيو آهي تہ سمن بہ پيرا ڪڇ تي بادشاهي ڪئي. پهريون پيرو 810ع کان 985ع تائين، ۽ ٻيون پيرو 1147ع کان 1948ع تائين. سمن جو "تحفة الكرام" وارو شجرو بہ مشڪوڪ آهي. ان ڪري آءُ هت پنهنجي هن نامور عالم جي اجازت سان، عنوان تي مليل ڄاڻ موجب، سنڌ ۽ ڪڇ جي لاڳاپن تي مڪمل روشني وجهندس. عربن جي فتح کان ڪري سنڌ - ڪڇ لاڳاپن بابت گفتگو ڪرڻ بجاءِ، آءُ انهن هزارن سالن کي هت ۾ ڪٽندس.

(i) 8000 ق. م کان 1226ع تائين، جاگرافيائي ايڪي ۽ ثقافتي لاڳاپن جو دور.

(ii) سن 1226ع کان 1600ع تائين، سياسي لاڳاپن ۽ گڏيل مفادن جو دور.

(iii) 1600ع کان سال 1960ع تائين، گڏيل چراگاهن جي حوالي سان اقتصادي تعلقات جو دور.

پهرئين دور ۾ ڪڇ هڪ ٻيٽ هو ۽ ان جا سنڌ سان پاڻيءَ جي ذريعي بهترين رستا هئا. جاگرافيائي طور تي هڪ ٻئي سان لاڳاپيل ضرور هئا مگر هڪ ملڪ نہ هئا. ليڪن سنڌ جي تحفظ لاءِ ڪڇ کي سياسي طور تي جذب ڪرڻ ضروري هو.

ٻئين دور ۾ سنڌ ۽ ڪڇ تي ساڳيا قبيلا حڪومت ڪري رهيا هئا، پر هڪ قبيلو هندو هو ۽ ٻيو اسلام قبول ڪري چڪو هو. ڪڇ جا هندو سنڌ مان آيا هئا. اهي هندن بجاءِ مسلمانن کي ويجهو هئا. هي ٻئي قبيلا هڪ ٻئي سان سنا تعلقات رکندا آيا. جن کي اڄوڪي دور ۾ مشترڪ دفاع ۽ گڏيل مفادن جي تابع تعلقات جو زمانو سڏي سگهجي ٿو.

ٽيون دور گڏيل چراگاهن جي استعمال جو آهي، جڏهن سنڌي (ٿري، ڪوهستاني ۽ لاڙي)، ۽ ڪڇي، ذڪر وارين حالتن مان لنگهندا هئا.

مون وٽ ذاتي ذخيري ۾ سنڌ جا 500 نقشا آهن، جي انگريزن سن 1830ع کان ڪري سن 1947ع تائين تيار ڪيا هئا. ان کان علاوه

منهنجي ڪتبخاني ۾ سروي آف پاڪستان ڪاتي ۽ هوائي سروي ذريعي تيار ڪيل نقشن جا به انبار آهن. گذريل اڍائي سالن کان ڪري ٻن ڪاريگرن جي مدد سان، آءُ پاڻ سنڌ جي نقشن تي ڪم ڪري رهيو آهيان، جي اٺ هزار سال قبل مسيح کان شروع ٿين ٿا. اهي نقشا اصلي آهن ۽ ڪوشش ڪري غلطين کان بچڻ جو جتن ڪيو اٿم. گهٽو ڪري هن سڄي عرصي لاءِ ڪي به نقشا نه ڪڍيا ويا آهن. ان ڪري منهنجو ڪم اصلي به آهي ته نئون به آهي. مون سنڌ جي حڪمران خاندانن ۽ سندن همعصر بادشاهن جا تقابلي چارٽ به تيار ڪيا آهن.

**جاگرافيائي صورتحال:**

اڄ رڻ ڪڇ خشڪ آهي پر 1226ع کان اڳ ائين نه هو. ان وقت ڪڇ هڪ سامونڊي (کاري) نار هو. سنڌ جو سامونڊي ڪنارو به اتي نه هو جتي اڄ ڏسجي ٿو. اهو 4500 سال اڳ ماتلي ۽ تلهار جي وچ تي هو. ان دور ۾ اسان وٽ به نديون (هاڪڙو ۽ سنڌو درياهه) وهنديون هيون. هندستاني ٿر جي گم ٿيل ندي سرسوتي يا هاڪڙو ٽن درياهن: گهگهر، چتانگ ۽ خود سرسوتيءَ ذريعي سيراب ٿيندي هئي. هي سڀ درياهه سواليڪ جي حدن مان يعني ته دهليءَ کان 200 کان 300 ميلن جي حد مان اتر کان نڪرندا هئا. تازي جاگرافيائي دور ۾ جمنا ندي به سمورو يا پنهنجو ڪجهه پاڻي هاڪڙي کي ڏيندي هئي. تيرهين صديءَ تائين ستلج درياهه جي چڙوچڙ شاخن جو پاڻي به ان ۾ اچي پوندو هو. سکر ۽ ڪشمور جي وچ تي ڪٿان، سنڌو درياهه جي ڪجهه واهن جو پاڻي به هاڪڙي ۾ پوندو هو. اهو سمورو پاڻي سرسوتي يا هاڪڙي ۾ ملي ويندو هو. هاڪڙي جو سمورو وهڪرو ڪڇ جي نار ذريعي خارج ٿيندو هو؛ جنهن کي هاڻي ڪوري نار (کاري) سڏجي ٿو. سنڌوندي هميشه اولهه ڏي رڙهي آهي. تيرهين صديءَ جي وچ تائين درياهه سنڌ ۾ پنهنجي اوپر واري شاخ (اوپر پراڻ) ذريعي، واڌو وهڪرو ڪوري نار ذريعي سمنڊ ۾ خارج ڪندو هو. گهٽو ڪري 3000 سال اڳ تائين، ننگرپارڪر تعلقي جي آس پاس ٽين ندي يعني ته لوڻي، راجستان جي

اولهہ کان چوماسي جي بارش جو پاڻي ڪٽي اچي، ڪوري نار جي ذريعي خارج ڪندي هئي. ننگرپارڪر تعلقو ان وقت هڪ ٻيٽ هو.

ٿنهي ندين جو گڏيل پاڻي ڇڇر ٿي ڪوري نار (لکپت وٽان) ۽ ڪڇ جي نار (ماندوِ جي ڀرسان) ذريعي عربي سمنڊ ۾ ڪرندو هو. ان ريت ڪڇ جي ڪاري ۽ نار جو پاڻي مٺو رهندو هو. ان وقت ڪيئي ڏنڍن جو مرڪب "ڪڇ" هڪ ٻيٽ هو ۽ ان جي هم چورس پکيڙ 5000 ميل هئي. ان طرح تازي ۽ مٺي پاڻيءَ ڪري اتي مڇي توڙي موسمي پکي جام ملندا هئا. سنڌ، ڪڇ ۽ ڪاٺياواڙ جي شڪاري قبيلن لاءِ ان وقت ڪڇ جنت جي مثل هو.ان ريتَ هي ٻيٽ ٽنهي ملڪن لاءِ پل جو ڪم به ڏيندو هو. جاگرافيائي حالتون به ٽنهي ملڪن کي ڳنڍيندڙيون هيون. اها صورتحال 6000 سال اڳ به هئي ته 1200ع ڌاري به موجود ڏسجي ٿي.

1226ع ۾ هاڪڙو سڪي ويو. سنڌو درياهہ اولهہ ڏي ڌڪجي ويو ۽ اهو ڪوري نار ذريعي ڪڇ جي نار ۾ نہ پوندو هو. زميني تبديلين سبب ڪڇ جي نار جي سطح مٿي ٿي آهي، جنهن خشڪ ٿي ان کي رڻ ۾ تبديل ڪيو آهي. سنڌ، ڪڇ ۽ ڪاٺياواڙ جا ڳانڍاپي جا ذريعا به ختم ٿي ويا ۽ ان طرح معاشي توڙي ثقافتي تعلقات به ٽٽي ويا.

رڻ اجا به 24 کان 30 انچ ساموندي پاڻي حاصل ڪري ٿو، جو جون کان آگسٽ تائين لڳندڙ زبردست چوماسي جي هوائن توڙي سمنڊ جي لهرن ۽ ويرين سبب چڙهي ٿو. ڪجهہ پاڻي "لوڻي" ندي به پهچائي ٿي. هي پاڻي ڊسمبر تائين هجي ٿو ۽ سڄي رڻ ۾ ڏٻڻ جهڙيون حالتون ڏسجن ٿيون. زلزلن سبب رڻ ۾ ٻيٽن جو وڏو تعداد پيدا ٿيو آهي، جن سنڌ سان آمدورفت کي سولو بنايو آهي. ٿي رستا: روپار کان ننگرپارڪر، ٻج کان ڏيپلو ۽ رحمڪي بازار، لکپت کان رحمڪي بازار ۽ جاتي - وڏي اهميت رکن ٿا.

رڻ ڪڇ جي ٻيٽن جي ڪنارن سان ڪجهہ ڳاهہ ڄمندا آهن. اهي ٻيٽ سنڌين ۽ ڪڇين جا گڏيل چراگاهہ هوندا هئا. هي صورتحال تازي دور تائين جاري رهي.

ڪڇ جي هم چورس پکيڙ 7616 ميل آهي. سراسري طور تي اتر

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

۾ 12 انچ ۽ ڏکڻ ۾ 120 انچ برسات پوي ٿي. زمين گهڻو ڪري ويران، وڻن کان سواءِ، ۽ پهاڙي آهي. پر پهاڙي لاهين تي ساوڪ ڏسبي آهي. مکيه ڌنڌو مال چارڻ آهي. ساموندي ڪنارن تي مڇي به ماري ويندي آهي. سراسري طور تي ڪڇ ۾ ڏهن سالن ۾ هڪ ڏڪر پوي ٿو، جڏهن ته سنڌ جي ٿر ۾ به ڏڪر ٿيو وڃن. صدين کان ڪڇ جا ملاح، جهازران ۽ ڦورو تاريخ ۾ مشهور آهن. سن 1762ع ۾ جيڪو پهريون جهاز ننڍي ڪنڊ مان انگلينڊ پهتو هو، سو ڪڇين ڪنهن به ٻاهرين مدد کان سواءِ ناهيو هو. جڏهن سورهين ۽ سترهين صدين ۾ هندي وڏو سمنڊ، پرچوگيزن جو سمنڊ سڏبو هو ۽ اهي مضبوط ساموندي فوج رکڻ سبب، مغلن جي معاملن ۾ دخل ڏيندا رهندا هئا؛ تڏهن جهانگير بادشاهه مسلمانن جي مڪي ڏي حج جي سفر واسطي، ڪڇ جي راءَ کي ذميداريون سونپيون هيون. سنڌ لاءِ اهي ڪڇي ملاح دوستيءَ جي دور ۾ رحمت ۽ دشمنيءَ جي زماني ۾ زحمت هوندا هئا.

ڪڇ جي نار جي سڪڻ تائين، جاگرافيائي طور سنڌ ۽ ڪڇ هڪ گڏيل زمين هئا. ڪاٺياواڙ پڻ سنڌ سان ڳنڍيل هئي پر ان کي گجرات سان زميني سرحد هئي. هن جاگرافيائي جوڙ سبب - سنڌ ۽ ڪڇ ۾ ثقافتي، سياسي ۽ معاشي لاڳاپن جو بنياد پيو. هي ٽئي مکيه لاڳاپا ڪڏهن گهٽ ۽ ڪڏهن وڌيڪ پي رهيا آهن. ڪڏهن هڪ کي اهميت ملي ٿي ته ڪڏهن ٻئي کي مڃتا حاصل رهي ٿي.

**سنڌ ۽ ڪڇ جا شڪاري قبيلا** (3500-6000 ق. م):

گذريل هڪ لک سالن ۾ سمنڊ جي سطح گهٽ وڌ ٿيندي رهي آهي. ويهه هزار سال اڳ سمنڊ اتر ملتان وٽ ۽ موجوده سطح کان 430 فٽ مٿي هو. ان دور ۾ اڪثر ڪري گنگا جا ميدان به سمنڊ هيٺ هئا. ڏسجي ٿو ته پٿر جي وچئين دور جا ماڻهو، ٻوڏ وارن علائقن کان دکن جي ميدانن ڏي هليا ويا هئا. سمنڊ ٻارهن هزار سال اڳ سکر وٽ هو. اٺ هزار سال اڳ ٺٽي محمد خان کان هيٺ هو. هاڪڙي ۽ سنڌو درياهه جي ڪنارن سان، سمنڊ چڙهڻ جي صورت ۾ گهاٽن ٻيلن جنم

ورتو ٿي. ان وقت ٻيلن جي هر چورس ڪيڙ اٽڪل روءِ 2500 ميل هئي. شڪاري قبيلن جي سنڌ ۾ آبادڪاري اٺ هزار سال اڳ ٿي هوندي ۽ اهي ضرور ڏکڻ هندستان مان ڪڇ جي رستي آيا هوندا. سنڌ ۽ ڪڇ جو هي ڀِرِيون ڳانڍاپو هو. ڪڇ جو نار (ڪاري) سنڌين ۽ ڪڇين، مڇي مارڻ ۽ پکي ڦاسائڻ لاءِ استعمال ۾ آندو هوندو.

## ابتدائي سنڌو تهذيبن جو زمانو (3500-2300 ق.م):

هڙاپا کان اڳ يا ابتدائي سنڌو تهذيب جون ٻينڪون ٻه ان ايراضيءَ ۾ هيون، جتي هڙاپا ڪلچر وڌيو ويجهيو هوندو. مون 2500 -1600 ق. م. دور بابت جيڪو نقشو ناهيو آهي، ان ۾ انهن آبادين کي نشانبر ڪيو آهي. ريڊيو ڪاربن تجزين موجب انهن جو وڌ ۾ وڌ زمانو 3500 ق. م. کان شروع ٿئي ٿو ۽ 2300 ق. م. ڌاري ختم ٿي وڃي ٿو.

## سنڌو شهنشاهت ۽ ان جا صوبا (2300 ق. م - 1600 ق. م):

سنڌو شهنشاهت جا گهٽو ڪري پنج صوبا هئا: اوڀارو، اترين، ڏاکڻيون، وچيون ۽ اولاهون. اوڀارئين صوبي جا ديهي ۽ شهري مرڪز – سرسوتي، گهگر ۽ چتانگ سان گڏوگڏ هئا.

اوڀاريون صوبو اولهه ۾ دهلي ۽ اتر ۾ سنڌ جي سرحد کي ڇُهندو هو. مرڪزي صوبي ۾ موجوده اچ، سبي، ڍاڍر، خضدار، وڌ ۽ لس ٻيلو شامل هئا. ڏکڻ ۾ اهو سامونڊي ڪناري کان موجوده ننگرپارڪر شهر تائين پکڙيل هو.

ان دور ۾ رڻ ڪڇ خشڪ نه هو. سرسوتي – هاڪڙو، سنڌو درياهه ۽ لوٽي نديون– ان ۾ ڪرنديون هيون ۽ ان کي ڪشادي ڍنڍ جي صورت ڏينديون هيون؛ جنهن جي پکيڙ ان وقت چار هزار چورس ميل هوندي. سمورو ڪڇ هڪ ٻيٽ هو، جنهن کي ڪڇ جي ڪاري، ڪڇ جو نار ۽ خود سمنڊ گهيري ۾ وٺيو بيٺا هئا. اهو سنڌ ۽ ڪانياواڙ جي وچ ۾ هڪ پل جي برابر هو. ڪڇ، ڪانياواڙ ۽ اتر اولهه گجرات گڏجي ڏاکڻيون صوبو ناهيندا هئا. اتريون صوبو: سنڌو، جهلم، راوي،

بياس ۽ ستلج جي ڪنارن سان پنهنجا شهري توڙي ٻوٺاٽا مرڪز رکندو هو. مرڪزي صوبي جي ايراضين کي ڇڏي، اڄوڪو بلوچستان اولاهون صوبو ناهيندو هو.

سمجهيو وڃي ٿو تہ هڙاپا، ڪالي بينگن، موهن جو دڙو ۽ لوٿل - اترئين، اوڀارئين، مرڪزي ۽ ڏاکڻئين صوبن جا تختگاهہ هئا. مفاصلي ۽ مواصلاتي حساب سان ڏاکڻيون صوبو، موهن جي دڙي کي ويجهي ۾ ويجهو هو، جو مرڪزي صوبي جو تختگاهہ هو. موهن جي دڙي کان ڪڇ ۽ ڪانياواڙ پهچڻ لاءِ سنڌو درياهہ ۾ ٻيڙين جو استعمال ڪبو هو. لوٿل پهچڻ لاءِ بہ ڪانياواڙ جي ڪناري سان ٻيڙن جو استعمال ڪبو هو. لوٿل ۽ موهن جي دڙي پهچڻ لاءِ مفاصلو، موهن جي دڙي ۽ هڙاپا کان گهٽ هو. ڪڇ پهچڻ نهايت آسان هو. البتہ موهن جي دڙي کان ڪنهن ٻي جاءِ تي رڳو پنجاهہ ميل پري پهچڻ بہ ڏاڍو ڏکيو هو. ڇو تہ ان دور ۾ صرف ڏڳي گاڏي استعمال ٿيندي هئي. جڏهن تہ اٺ ۽ گهوڙو اڃا پالتو جانور نہ ٿيو هو. ڏڳي گاڏيءَ لاءِ سڌريل چارا گهربل هئا جي اڃا کي ٿورا نهيا هئا. موهن جي دڙي کان هڙاپا وڃڻ لاءِ هوا جي ڪوٽ سبب ٻيڙين جو سفر اٽائو رهندو هو. ڇو تہ ٻيڙيءَ ۾ ونجهہ جو استعمال بہ اڃا عام نہ هو. پر ڪڇ ۽ ڏاکڻئين صوبي ڏي وڃڻ بلڪل آسان هو، ڇو تہ چوماسي جي هوائن سبب (ڪم از ڪم اونهاري ۾ سيوهڻ تائين)، ۽ پڻ ڪڇ جي ڪاريءَ تائين، پاٽيءَ جي ڇَرَ سبب مواصلات سولي هئي.

اترئين صوبي کان اوڀارئين صوبي تائين پهچڻ البتہ ڏکيو ڪم هو. اهو مرڪزي صوبي کان هاڪڙي - سرسوتيءَ جي ذريعي آسان هو.

اوڀارئين ۽ ڏاکڻئين صوبن جي ڀيٽ ۾ اترئين ۽ مرڪزي صوبن ۾ پختي هڙاپا تهذيب جي اوسر ۾ وقت جي وٿي ڏسجي ٿي. هن جي باري ۾ مختلف سمجهاٽيون ڏنيون وڃن ٿيون، جي اڻ پوريون ۽ متضاد آهن. ان جو موزون سبب پناهگيرن يا نون آبادگارن طرفان، مرڪزي ۽ اترئين صوبي ۾، زمين جي سڌاري لاءِ اختيار ڪيل طريقو ڏسجي ٿو. جڏهن آباديءَ جو دٻاءُ وڌيو تہ اهي وري اوڀر ۽ ڏکڻ صوبي ڏي ان طرح هليا

ويا، جيئن ابتدائي سنڌو تهذيبن جي ماڻهن ڪيو هو. قديم آثارن جي کوٽاين سان هن سموري پکيڙ ۾ ثقافتي هڪجهڙائي ظاهر ٿي آهي.

**هخامنشي سلطنت** (519 - 450 **ق. م**):

سنڌو تهذيبن جي خاتمي کان پوءِ شهري مرڪز تباهه ٿي ويا. سنڌ ۽ ڪڇ جي لاڳاپن جو سلسلو ايسين نامعلوم آهي، جڏهن وري سنڌ 519 ق. م. ڌاري دارا اعظم جي لشڪرين هٿان فتح ٿي. ان وقت اترين سنڌو ماٿر "گنڌارا" ۽ هيٺين سنڌو ماٿر "سنڌو" جي نالن سان مشهور هئي. دارا کي خواهش ٿي ته پنهنجي شهنشاهت کي سامونڊي ۽ زميني رستن سان ملائي ڇڏي. ڪڇ اجا هڪ ٻيٽ مثل هو ۽ ان جي جاگرافيائي حيثيت سنڌ سان منهن مقابل هئي، جنهن کي نظر انداز ڪرڻ ڏکيو هو. ان جا ملاح، ڦورو ۽ جهازران - سنڌ جي بندرگاهن ۽ سامونڊي واپار لاءِ خطرو ٿي سگهيا ٿي. دارا پنهنجي اميرالبحر اسڪائلاڪس کي پشاور مان درياهه سنڌ ذريعي سمنڊ تائين ۽ ان ريت ايراني نار ۽ ڳاڙهي سمنڊ تائين موڪلڻ جي رٿابندي ڪئي هئي. هو ڪڇ جي اهميت کي نظرانداز نه ٿي ڪري سگهيو. پر ان کي فتح ڪري پنهنجي ويهين صوبي "سنڌو" ۾ ملائڻ جو خواهشمند هو. ان ريت هن سنڌ جي بندرگاهن تان مصالحي، عاج ۽ ڪاٺ جي واپار کي، باقاعده جاري رکڻ جي خاطري ٿي ڪئي. سنڌ ۽ ڪڇ کي هخامنشين ستر کان هڪ سؤ ويهن سالن (450 - 400 ق. م) تائين قبضي ۾ رکيو. جڏهن پرانهان صوبا - سنڌو، گنڌارا ۽ مصر وغيره آزاد ٿي ويا. سنڌ، پنجاب ۽ ڪڇ - ننڍن ننڍن ٽڪرن ۾ ورهائجي ويا ۽ گنڌارا تي مختلف قبيلن جي حڪومت قائم ٿي. هي حڪومتون سن 325 ق. م. ڌاري سڪندر جي سنڌو ۽ گنڌارا تي حملي وقت موجود هيون.

**سڪندر جو حملو** (325 **ق. م**):

سڪندر پنهنجي دور ۾ چاتل سموري دنيا کي فتح ڪرڻ چاهيو ٿي. هن جي فوجن اوپر طرف (پنجاب ۾) وڌڻ کان انڪار ڪندي موٽڻ

تي زور ڀريو. هندستانين ۽ يونانين کي، سنڌو درياهہ ۽ ايراني نار جي ذريعي، يونان ڏي واپس ٿيڻ جي ڄاڻ هئي. حالتن جي مجبوريءَ تحت سنڌ جي حڪومتن کي تہ فتح ڪيو ويو، مگر ڪڇ تي ڌيان نہ ڏنو ويو. ڇو تہ ان جي اهميت جو سڪندر کي احساس نہ هو ۽ نہ وري سندس فوجن جي وڏيڪ ڪنهن مُهم کي سر ڪرڻ جي مرضي هئي. جڏهن هن پٽالا (برهمڻ آباد يا ڪو ٻيو ويجهو شهر) ڇڏي تہ، اتي يونان مخالف بغاوت شروع ٿي وئي. گهڻو ڪري هي بغاوت چندر گپتا موريا ۽ موئرس (موريا)، پٽالا جي حاڪم جي اشاري تي ٿي هئي. سڪندر جو دوست ۽ امير البحر نيارڪس اڃا سنڌ ۾ موجود هو. پاڻ بغاوت کي ڇيڀاڻڻ کان سواءِ بلڪل تڪڙ ۾ اسي جهازن جو ٻيڙو وٺي هليو ويو. گمان آهي تہ ڪڇين پڻ بغاوت ۾ حصو ورتو هوندو جي مطيع نہ ڪيا ويا هئا ۽ نيارڪس کي بہ ڪڇي ملاحن جي حملي جي خطري جو احساس ٿيو هوندو. نيارڪس جي روانگيءَ کان سنت پوءِ سڄي سنڌو ماٿر ۾ فساد پکڙجي ويا هئا. يونانين کي ڪڇ کي فتح نہ ڪرڻ جي سزا ملي هئي، جو ان وقت سنڌ جي تحفظ لاءِ هڪ اڻ ٽر ٻيٽ هو، جيئن اڄ عدن، سينگاپور ۽ جبرالٽر وغيره آهن.

**موريا خاندان جي حڪومت** (324 - 187 ق. م):

نندي کنڊ ۾ سڪندراعظم جيڪي ملڪ فتح ڪيا، انهن جا وارث موريا خاندان وارا ٿيا. چندر گپتا موريا 301 ق. م. ڌاري ڪڇ جي دفاعي اهميت کي محسوس ڪندي، ان کي پنهنجي شهنشاهت ۾ ملائي ڇڏيو. اشوڪ اعظم جي موت (232 ق.م) بعد هن جي حڪومت ٽڪرا ٽڪرا ٿي، آزاد رياستن ۾ تقسيم ٿي جيئن سنڌ ۽ ڪڇ وغيره. هي سلسلو 187 ق. م. تائين هلندو رهيو.

**يوناني باختري** (184 - 70 ق. م):

يوناني باخترين کي نہ رڳو ڪڇ جي اهميت جو اندازو هو، پر گڏوگڏ کين ڪاٺياواڙ جي اهيمت جو بہ احساس هو. ٻنهي ملڪن کي

فتح ڪيو ويو. هي رياستون 70 ق. م. تائين انهن جي قبضي ۾ رهيون جي پوءِ سٿين والاريون.

**سٿين خاندان** (70 ق. م - 46ع):

يوناني باخترين وانگر سٿين پڻ ڪڇ ۽ ڪانياواڙ کي پنهنجي شهنشاهت جي ڏاکڻين حصي طور شامل ڪيو هو. ان جو مطلب ته هيٺين سنڌ تي ايسين حملو ممڪن نه هو، جيسين ڏاکڻين ضلعن کي ضابطي ۾ نه ٿي آندو ويو.

**پارٿي خاندان** (46 - 78ع):

هن گهراڻي جي حاڪم گونڊو فرنس، جنهن هيٺين سنڌ کي فتح ڪيو، پنهنجي پيشروئن وانگر ڪڇ ۽ ڪانياواڙ کي به قبضي ۾ رکيو هو.

**ڪشن خاندان** (62 - 283ع):

جڏهن چيني ملڪن جي فاتح "ڪشن" خاندان هيٺين سنڌو ماٿر هٿ ڪئي، تڏهن اهي پهريان حاڪم هئا جن کي اسان جي ڏاکڻين سرحد جي اهميت جو احساس نه ٿيو. ان ڪري ڪڇ ۽ ڪانياواڙ کي هٿ نه لاتو ويو. ڪڇ ۽ ڪانياواڙ کي نظر انداز ڪرڻ جا ڪين سنت ئي نتيجا پوڳڻا پيا، ۽ حالتون خراب ٿينديون ويون. سٿين حاڪم رودرادمن پهريائين ڪڇ ۽ ڪانياواڙ کي والاريو، ۽ پوءِ هيٺين سنڌ توڙي سنڌو سؤوير تي قبضو ڪيو. انهن جو هي قبضو سؤ سالن کان به وڌيڪ وقت جاري رهيو. البته ٽالميءَ لکيو آهي ته سن 140ع ۾، جڏهن هو پنهنجي جاگرافيءَ وارو ڪتاب تحرير ڪري رهيو هو، تڏهن به هيٺين سنڌ ڪشن خاندان جي قبضي ۾ هئي(1). ان جو مطلب ته رودرادمن سن 135ع کان ڪري سن 145ع جي وچ ۾، ڪنهن وقت سنڌ کي فتح ڪيو هوندو. سن 175ع کان پوءِ سنڌ تي ننڍيون ننڍيون راڄڌانيون قائم هيون. يا وري ڪن ڀاڱن تي ڪڇ ۽ ڪانياواڙ وانگر سٿين خاندان جو راڄ قائم هو. سنڌ تي ڪشن خاندان جو راڄ

(1) Mc Grindle, J.W: "Ancient India as described by Ptolemy".

سن 65ع کان ڪري 175ع تائين، يعني تہ برابر هڪ سؤ ڏهہ سال هليو هوندو.

**ساساني خاندان** (176 - 367ع):

ايران جي هن گهراڻي سنڌ تي 283ع ۾ قبضو ڪيو، جو سن 367ع تائين جاري رهيو ڏسجي ٿو. شاپور ثانيءَ سن 365ع ڌاري، ڪڇ ۽ ڪانياواڙ کي نشانو بنايو پر اهو رڳو هڪ حملو هو. انهن جو سنڌ تي قبضو نہ تہ اثر وارو هو، ۽ نہ وري سياسي توڙي ثقافتي لحاظ کان ديرپا ثابت ٿيو. سن 395ع کان پوءِ ڪڇ ۽ ڪانياواڙ تي گپتا گهراڻي جو قبضو قائم ٿيو.

**وليڪا خاندان** (367 - 470ع):

سنڌ سن 367ع ڌاري آزادي حاصل ڪري ورتي. ستت چندر گپتا ثاني وڪرمادتيہ (380 - 415ع)؛ ڪڇ، ڪانياواڙ ۽ گجرات ۾ ساڪہ حڪومت جي پڄاڻي آندي. هو سنڌ جي وليڪا وارن جي مخالف هو، پر ڪڏهن بہ ان کي فتح نہ ڪري سگهيو. سنڌ ۾ وليڪا وارا طاقتور هئا. مهر ولي جي لوهي ٿنڀي (دهلي) تي لڳل ڪتبي موجب، چندر گپتا سنڌوءَ جا ست منهن پار ڪيا هئا. ان جو مطلب تہ هن دوآبي جي منهن کان بہ گهٽو هيٺ، جو اڄوڪي حيدرآباد - ٽنڊوالهيار روڊ وٽ هوندو، سنڌوءَ جي ڊيلٽا کي پار ڪيو. هي صرف هڪڙو حملو هو. هن نہ تہ تختگاهہ کي فتح ڪيو ۽ نہ ڪا ٻي وڏي ڪاميابي ماڻي هئي. گپتا جي گورنرن ڪڇ تي 500ع تائين حڪومت ڪئي. ان سال ۾ سنڌ جي راءِ خاندان، ڪڇ جي اهميت کي تسليم ڪندي، ان کي پنهنجي قبضي ۾ آندو. ان ريت ڪڇ تي سنڌ جو قبضو قائم ٿيو.

**راءِ خاندان** (499 - 652ع):

گپتا خاندان ختم ٿيو تہ سنڌن سلطنت ٽڪرا ٽڪرا ٿي وئي. ان ڪري راءِ خاندان ڪڇ تي قبضو ڪيو. ڀٽارڪہ هتان جو آخري گورنر هو. ولڀي خاندان ستت پاڻ کي ڪانياواڙ ۾ مستحڪم ڪيو. انهن جو

راءِ خاندان وارن سان سنو تعلق هو. ان طرح سنڌ کي پارٿيهارا جي ٻن مضبوط بادشاهتن: يعني تہ راجپوتانہ ۽ ڏکڻ گجرات جي ممکنہ حملي خلاف تحفظ جو سٺو موقعو ملي ويو.

**برهمڻ خاندان** (652 - 712ع) :

چچ کي ڪڇ جو ڀاڱو پنهنجي بادشاهت جي حصي طور مليو هو. هن 641ع ۾ اولهہ طرف يلغار ڪري مڪران کي پنهنجي حڪومت ۾ ملايو. سندس ملڪ ۾ پنج صوبا: ملتان، اچ، اروڙ، سيوستان ۽ برهمڻ آباد جي نالن سان هئا. ڪڇ جو علائقو آخري پرڳڻي ۾ شامل هو. چچ کان پوءِ سن 662ع ۾ سندس ڀاءُ چندر حاڪم ٿيو ۽ ست سال بادشاهت ڪيائين. سن 670ع ڌاري سنڌ بہ ٽڪرا ٿي وئي. ملتان ۽ اروڙ توڙي اُچ ڏاهر جي حوالي ٿيا، جڏهن تہ ڏاکڻيان صوبا ڏهرسينہ جي قبضي ۾ اچي ويا. هي ٻئي ڀائر هئا. ڏهرسينہ تيهہ سال يعني تہ 700ع تائين زنده هو. سندس دور ۾ ڪڇ تي چاوڙي سردار جسراج قبضو ڪيو. هي واقعو سن 685ع کان 696ع تائين، ڪنهن وچ واري عرصي ۾ ٿيو هوندو. ڏهرسينہ جي موت کان پوءِ سڄي سنڌ، وري متحد ٿي راجا ڏاهر جي حڪومت هيٺ اچي وئي. هن ڪڇ کي واپس وٺڻ جي ڪوشش نہ ڪئي. ماٿهو اڳ ۾ ئي هندو ڌرم ۽ ٻڌ ڌرم جي نالي ۾ ورهائجي چڪا هئا. اڄوڪي پاڪستان جي حدن ۾ ٻڌڌرم اڃا قائم هو، جڏهن تہ نندي ڪنڌ جي ٻين حصن مان برهمڻن، ٻوڌين کي هڪلي ڪڍيو هو. بعد ۾ ڪڇ جو ملڪ چاوڙي راجا ڪلياڻ والاريو. ڏاهر وڏي غلطي ڪئي جو ڪڇ تي ڌيان نہ ڏنائين. ڪڇ جي ڦورن عربن کي لٽيو هو. ممڪن آهي تہ سنڌ جا ساموندي ملاح بہ انهن سان گڏ هجن. ڏاهر جو هي موقف درست هو، جڏهن حجاج کي موت ڏني هئائين تہ، لٽيرن ۽ ڦورن تي هن جو ڪو بہ قبضو ڪونهي. پر ڪڇ جي جاگرافيائي اهميت کي نظرانداز ڪرڻ سبب، پنهنجي بادشاهت بہ وڃايائين.

ڏاهر جو هيٺين سنڌ تي ڪو خاص ضابطو نہ هو. سن 700ع ڌاري هڪ سنڌي قبيلو "ڪانيا" سنڌ مان ڪڇ ڏي لڏي رهيو هو. انهن

اوير ڪڇ ۾ سن 725ع کان 740ع جي وچ ۾، ڪنهن سال "ڪنٿ ڪوٽ" تختگاهه ڪي وسايو هو. جلد پوءِ اهي ڪانياواڙا ڏي لڏي ويا ۽ خود اهو ملڪ به پوءِ سندن نالي تي مشهور ٿيو. هي لڏپلاڻ ماڻهن جي وڏڻ ڪري نه ٿي هئي، پر ان جا ضرور ڪي سياسي سبب هئا.

**سنڌ تي عربن جي ڪاهه** (712ع):

عربن سنڌ تي 712ع ۾ قبضو ڪيو پر انهن ڪڇ کي نه والاريو. يا ته عربن کي ڪڇ جي اهميت جو اندازو نه هو، يا وري محمد بن قاسم جي تڪڙي واپسيءَ جي ڪري ائين ٿيو هو. سندس جاءِ نشين مان جنيد (724 - 730ع) ۽ ان جي نائبن: ڪڇ، ڪانياواڙ، گجرات، اجين، چتور، نيلم، بيلامن، جرز، مرمود، منڊل، ڍهناز، ڀڙوچ ۽ مالوه تي حملا ڪيا. حملن جو مقصد فتوحات بجاءِ ڦرلٽ جو مال هٿ ڪرڻ هو. ڪڇ جي نار (ڪاري) کان سڄي ڏکڻ سنڌ جي سرحد غير محفوظ هئي. جاگرافيائي حالتن جو فائدو وٺنديءَ لٽا (چالوڪيه)، مالوه (پارتيهارا)، ڏکڻ گجرات ۽ ڀڙوچ (جيه ڀٽا vi)، ڪڇ (راجه ڪلياڻ چاوڙو)، ۽ اتر گجرات توڙي ڪانياواڙ (سلادتيه v يا vi، ولڀي)- گڏجي جنيد جي نائبن کي 730ع کان 738ع جي وچ ۾ ڪنهن سال ۾ شڪست ڏني. هنن گڏجي عربن جي خلاف سنڌ ۾ هڪ بغاوت کي به ڀڙڪايو. سنڌ جي گورنر تميم کي سنڌ ڇڏڻي پئي، جنهن کي وري حڪم اچي فتح ڪيو ۽ عربن جي حفاظت لاءِ هڪ شهر "محفوظه" نالي سان آباد ڪيائين.

سن 738ع ڌاري صورتحال جي سنگينيءَ سبب، اوير ۾ عربن جي توسيع پسند پاليسيءَ تي وري سوچيو ويو. سنڌ جو عرب دور ڪو امن ڀريو نه هو. حالتن جو فائدو وٺندي هڪ مقامي راجا سن 746ع ۾ خودمختياريءَ جو اعلان ڪيو. هي خودمختياري پنج سال هلي. ڇٽي سگهجي ٿو ته جنيد جي حملن عربن کي فائدي بجاءِ نقصان ڏنو هو.

**سنڌ ۾ عباسي گورنر** (751 - 855ع):

هن دور ۾ ڪڇ تي چاوڙن جي حڪومت هئي. ان وقت سمن

جي هڪ فرد (لاکي ڄوراهي جو اولاد) جي، نائين صديءَ ۾ سنڌ مان لڏي آيا هئا. اوڀر ڪڇ ۾ پنهنجي ننڍڙي حڪومت ناهي ورتي هئي. عربي ڪتابن ۾ ڪانياواڙ جي ولڀي بادشاهت ۽ اتر گجرات طرف هشام تغلبي جي حملن جو ذڪر ملي ٿو. ان جي برعڪس قديم آثارن جي شاهدين مان معلوم ٿيو آهي ته، هي حملو 766ع ڌاري ٿيو هوندو؛ جڏهن اجا سنڌ تي عمر جي حڪومت هئي. هن حملي ۾ ولڀي تختگاهه تباهه ڪيو ويو. پر ڪانياواڙ کي هڙپ نه ڪيو ويو ۽ نه وري ڪڇ تي ڪاهون ڪيون ويون. هن حملي جو فائدو ڏکڻ گجرات جي پراٿيهارن ورتو، جن ڪانياواڙ جي حاڪم سلادتيه vii (ولڀي) کي شڪست ڏئي ملڪ کي به هڙپ ڪيو.

سنڌ ۾ عباسي دور ۾ حالتون لاڳيتو خراب رهيون ۽ گورنر تبديل ٿيندا رهيا. هڪ صديءَ ۾ ٽيهه حاڪم تبديل ٿيا. انهن مان چوڏهن نااهل هجڻ جي ڪري معطل ٿيا، ٽي ويڙهه ۾ مارجي ويا، چار هت سنڌ ۾ پنهنجي موت مئا، ۽ ٻن کي ته وڏي واکي ناڪام سڏيو ويو. هن صورتحال ۾ آبپاشي انتظام بحال نه ٿي سگهيو، بدامني زور ورتي وئي ۽ مقامي قبيلا لاڳيتو بغاوتون ڪندا رهيا. ان دور ۾ (800ع ڌاري) هتان سمن جو قبيلو (جي هندو هئا) لاکي ڄوراهي جي قيادت ۾ ڪڇ ڏي لڏي ويو. سندس پٽن پوءِ چاوڙن جي ٻاڇي هيٺ اوڀر ڪڇ ۾ ننڍڙي بادشاهت قائم ڪري ورتي. سندن حڪومت 985ع تائين هلي. ان جو مطلب ته سمن ڀهريون ڀيرو ڪڇ تي 175 سال راڄ ڪيو.

ڏسجي ٿو ته سنڌ جي عربن جا گجرات جي پراٿيهارن سان سٺا تعلقات نه هئا. گجرات جي حاڪمن جي دکن جي راشٽريڪوٽن سان ويڙهه هلندڙ هئي. عرب سياحن ۽ واپارين دکن جي حاڪمن جو سٺن لفظن ۾ ذڪر ڪندي، انهن کي بلهارا (Balhara) سڏيو آهي، ۽ ڪين دعائون به ڪيون آهن.

**سنڌ ۾ هباري دور** (855 - 1010ع):

سنڌ تي هبارين سن 854ع کان ڪري سن 1010ع تائين

خودمختيار ٿي حڪومت ڪئي هئي. اهي هبار بن اسود جو اولاد آهن، جي سن 730ع کان ڪري سن 738ع جي وچ ۾ ڪنهن سال ۾ سنڌ پهتا هئا. يمانين ۽ حجازين (نزارين) ۾ گهرو لڙائي ٿي ته، هبارين پنهنجو ڪردار ادا ڪندي حجازين جو پاسو ورتو. عباسي حاڪم عمران بن موسيٰ برمڪيءَ، يمانين جي مدد ڪئي هئي. هبارين جي اڳواڻ عمر بن عبدالعزيز، سن 840ع ڌاري عمران کي مارائي وڌو هو. آخري عباسي گورنر هارون پڻ مقامي لڙاين ۾ مارجي ويو. ان طرح عمر کي اڪيلي اچڻ جو موقعو ملي ويو. مختلف سنڌي قبيلا: جت، ميد ۽ ڪي ٻيون ذاتيون - هبارين جي مدد ۾ وڌي آيون. نيٺ هباري سن 854ع ۾ سنڌ تي قابض ٿي ويا. عمر بن عبدالعزيز کي خليفي المتوڪل ان شرط تي سنڌ جو حاڪم تسليم ڪيو ته، سندس نالو جمعي جي خطبي ۾ پڙهيو ويندو. باقي سڀني معاملن ۾ هباري حاڪم آزاد هئا.

هبارين جي دور ۾ سنڌ جو ملڪ بلڪل پرسڪون ۽ خوشحال هو. جڏهن ته بنواميه ۽ بنو عباس جي زماني ۾ لاڳيتي گڙٻڙ رهي ۽ حالتون خراب کان خراب تر ٿينديون ويون. زراعت جي واڌ صرف امن امان ۾ ٿيندي آهي. هباري جيئن ته وچ سنڌ ۾ رهندا هئا ۽ خود به زميندار هئا، ان ڪري زرعي مقصدن لاءِ آبپاشيءَ جي اهميت کان به پوريءَ طرح خبردار هئا. سندن سامهون وڏو مسئلو پراڻن ۽ قديمي نالن ۽ ڪڙين جي بحالي ۽ نون واهن شروع ڪرائڻ جو هو ته، جيئن پوکي راهيءَ لاءِ ترت ۽ مناسب پاڻي ملي سگهي. هنن قدمن سبب مقامي آباديءَ ۾ سندن وقار وڌي ويو. هبارين مقامي ٻوڏين ۽ هندن سان به سٺا تعلقات قائم ڪيا، جن ۾ هڪ الور جو هندو راجه هو جو خود مختيار به ٿي چڪو هو. سنڌي قبيلن جي اڪثريت سان به سندن سٺا لاڳاپا هئا، خاص طرح راجپوت نسل جي سمن سان جي هندو به هئا ته مسلمان به هئا. جڏهن سنڌ ۾ هبارين جي حڪومت هئي، تڏهن ڪڇ ۾ سمن جو راڄ قائم هو. سنڌ جي سمن ۽ ڪڇ جي سمن جا سٺا تعلقات هجڻ سبب، هبارين ۽ ڪڇ جا تعلقات به بهترين رهيا. ڪڇ جو رڻ اڃا نار (ڪاري) هو، ۽ سنڌ کي ڏکڻ کان حملي جو خطرو ٿي

سگهيو ٿي. پر ڪڇ جي سمن سان دوستي هجڻ ڪري اهو خطرو نه رهيو هو.

ڪڇ جي چاوڙن جو اتان جي سمن سان رت جو رشتو هو. چاوڙن جي گجرات جي چالوڪين ۽ راشٽراڪوٽن سان لاڳيتي دشمني رهندي هئي. اهو هبارين جي مفاد ۾ هو ته سنڌ جي سمن جي معرفت، ڪڇ جي سمن سان بهترين لاڳاپا رکن ته جيئن گجرات جي مضبوط حاڪمن کي پلي سگهجي. گجرات جي حملي جي صورت ۾، ڪڇ جي سمن جو وڏ ۾ وڏ مدار سنڌ جي سمن تي هو. انهن ڪانياواڙ جي مقامي حاڪمن سان به سٺا تعلقات رکيا. ياد رهي ته سنڌ ۽ گجرات جي وچ ۾ ڪانياواڙ هڪ وڏيڪ بفرزون جي حيثيت رکندڙ رياست هئي.

عباسي خلافت مامون جي موت کان پوءِ زوال پذير ٿي. اهي قوتون جي عباسين جون مخالف هيون، انهن اوپر جي شهنشاهت جي خيال کي هٿي ڏني. ان کان علاوه فوج جو رياست جي معاملن ۾ دخل ۽ شيعا بادشاهتن جو ابرڻ به سندن زوال ۾ معاون بنيو. شيعا حاڪمن پورو زور عباسي طاقت کي ختم ڪرائڻ تي لڳايو. ابتدا ۾ پهرين فاطمي خلافت تيونس ۾، ۽ سٺ سال پوءِ مصر ۾ هڪ وڏيڪ طاقت جو اسرڻ، اهي سڀ واقعا عباسين جي مخالفت ۾ هئا. فاطمين جا ارادا ڪڏهن به منظم طور سامهون نه آيا. انهن جو ظاهري مقصد عالمي سطح تي اسلامي ملڪن جي بادشاهت قائم ڪرڻ هو. عملي طور تي فاطمين ننڍي ڪنڊ، مرڪزي ايشيا ۽ بغداد ۾ تبليغي ڪم لاءِ ماڻهن موڪلڻ کان سواءِ ٻيو ڪجهه به نه ڪيو. ڪجهه شيعا رياستن جهڙوڪ: يمن، حجاز، فلسطين، آفريقا جي ڳاڙهي سمنڊ جو ڪنارو، سسلي ۽ تيونس کان علاوه ادريسين، خارجين، رستمين ۽ قرامطين جو وجود به ملي ٿو – پر اهي نه ته فاطمي شهنشاهت جو حصو هئا، ۽ نه وري ان سان لاڳاپيل هئا. قرامطين جو تعاون خالص واپاري ۽ مالي فائدن لاءِ هوندو هو. البته ايترو ضرور ٿيو ته سنڌ، ملتان ۽ مرڪزي ايشيا جهڙن پرانهن علائقن ۾، فاطمين وڏي جذبي سان "اسماعيلي ازم" کي

ضرور پکيڙيو هو. سنڌ جي هبارين ان ۾ کوبہ دخل نہ ڏنو ۽ جمعي جي خطبي ۾ عباسين جو نالو بہ وٺندا رهيا. آخر ۾ هبارين کان نهايت آرام سان سومرن واڳ ورتي. سومرا مقامي اسماعيلي هئا ۽ انهن جي دور ۾ هي مکيہ مذهبي (فرقو) ٿي اڀريو. انهن جي ابتدائي 157 سالن جي حڪمرانيءَ ۾، مرڪزي ايشيا، سيستان، افغانستان ۽ بلوچستان (خراسان) تي: طاهرين، صفارين، سامانين ۽ آل بويہ وارن جي حڪمراني هئي. انهن جو دور مختصر رهيو. هو هر وقت پاڻ ۾ وڙهندا رهيا. ان ڪري ڪين ڪڏهن بہ سنڌ جي معاملن ۾ دخل ڏيڻ جو وجهہ نہ مليو.

سنڌ جي هبارين جي اوڀر واري سرحد، پراتيهارن جي بادشاهت سان لڳ هئي، جيڪا بنگال ۽ اتر هندستان تائين پکڙيل هئي. خوشقسمتيءَ سان هوائي جهازن جي استعمال کان اڳ، ڪڏهن بہ سنڌ تي اوڀر کان حملو نہ ٿيو آهي(1). ان هوندي بہ هبارين وڏي فوج رکي، جنهن ۾ هاٿي بہ شامل ڪيا ويا هئا. ملتان ۾ بنو سامہ جي حڪومت هئي، جن طاقتور راجائن کي بہ، مندرن جي آڙ ۾ ضابطي ۾ رکيو هو.

مرڪزي ايشيا جي سامانين وچ صديءَ ڌاري مڪران جو قبضو وجايو، ۽ ان تي معدان ۽ ان جي اولاد جي حاڪميت قائم ٿي. مقامي آباديءَ جي اڪثريت اڃا اسلام قبول نہ ڪيو هو. ان هوندي بہ نون حاڪمن کي وڏي مڃتا ملي. ماڻهن معدان کي مهراج (بادشاهن جو بادشاهہ) جو لقب ڏنو هو. سامانين موجودهہ بلوچستان (مڪران کان سواءِ) تي حڪمراني ڪئي. پر سنڌ جي مامرن ۾ دخل نہ ڏنو. شيعہ بوَحدن، سجستان (سيستان) ۽ خراسان (مرڪزي ايشيا) جي وڏنڌڙ طاقتن ۽ بغاوتن سبب ساماني ڪمزور ٿيا. ڏکڻ آمو درياهہ جي ساماني خطي ۾، سن 994ع ڌاري غزنوي ڪامياب ٿيا. ٿوري وقت ۾ هن نئين قوت: سنڌ، ملتان، مڪران ۽ ڪانياواڙ لاءِ خطرناڪ صورتحال کي جنم ڏنو. ان ريت نون امڪانن ۽ حالتن کي منهن ڏيڻو پيو.

---

(1) هي اشارو پاڪ - ڀارت جنگ 1965ع ڏي آهي.

**سومرن جي حڪومت** (1010 - 1351ع):

سومرا مقامي اسماعيلي هئا جن مقامي هباري عربن کان سن 1010ع ڌاري حڪومت ورتي. ابتدائي 110 سالن ۾ ڪڇ ۾ سولنڪي (سولنگي) يا گجرات جا چالوڪيه، جي ڪڇ تي گورنر موڪليندا هئا. سومرن جا همعصر هئا. ڪڇ اڃا هڪ ٻيٽ هو. سلطان محمود غزنوي ڪانياواڙ تي حملو ڪيو. سومنات جو مندر ڊاٿائين. ڦرلٽ جو مال گڏ ڪيائين ۽ پندرهن ڏينهن جي اندر سومنات کي ڇڏي هليو ويو. انبي وادا جو حاڪم ڀيم ديو ڀهريون ڀڄي ويو. پر سومنات جي زوال تي هن ۽ مالوه جي هندو بادشاهه ڀرماديوا، محمود خلاف جنگ جي تياري ڪئي. رڻ ڪڇ ان وقت هڪ ڪاري (نار) هو. ان ڪري اتي ترسي ڀيڙيون گڏ ڪرڻ جوکم جو ڪم هو. اهوئي سبب آهي جو محمود. ننگرپارڪر پهچڻ لاءِ اتڪل روءِ، ساڳيو رستو ورتو جو 326 سال پوءِ محمد تغلق اختيار ڪيو هو. محمود ٿر کان ٿيندو مرڪزي سنڌ ۾ منصوره پهتو. شايد اتان جي حاڪم خفيف سومري کي ڀوڙي ماريو ويو. منصوره کي تاراج ڪري، اتر سنڌ جي جٽن کي سزائون ڏئي، محمود ملتان ۽ گومل لڪ کان غزني پهتو. تاريخ ۾ هي ڀهريون موقعو هو جو ٿر ۽ ڏکڻ کان سنڌ تي حملو ڪيو ويو ۽ ان لاءِ ڪڇ جو نار (ڪاري) استعمال نه ٿيو. پاڻي ۽ کاڌي جي کوٽ سبب حملي آور کي ڳرو نقصان برداشت ڪرڻو پيو. محمود بلاشڪ هڪ بهترين جنرل ۽ سپاهي هو پر هي جوکم صرف هندن جي جوابي حملي کان بچڻ لاءِ ڪنيائين.

گجرات جي بادشاهه ڀيم چالوڪيه، محمود جو پيڇو ڪندي هڪ مضبوط پٿر جي پل ذريعي، انڊس کي پار ڪندي (اها شايد ڪڇ جي ڪاري هجي) سنڌ تي حملو ڪيو. سنڌ جي هڪ مقامي حاڪم "هموڪا" سومري مقابلو ڪيو. جنهن ۾ پاڻ مارجي ويو پر سنڌ تي قبضو نه ڪيو ويو. سنگهارسومري ( 1098 - 1106ع) ڪڇ تي ڪاهه ڪئي هئي. چئي نه ٿو سگهجي ته هن ڪڇ جي ڪجهه حصن تي قبضو ڪيو هو يا نه؟ پر اندازو آهي ته ڪڇ جي سمن ۽ ڪاٺين هن حملي لاءِ سومرن کي ڀڙڪايو هوندو.

ٻارهين صديءَ جي ڀهرئين اڌ ۾ ڪڇ ۽ گجرات سان سنڌ جا لاڳاپا خراب ٿي ويا. جڏهن سمها سدراڄ، سنڌ جي راڄ (لاڙ جو ڪو مقامي سومرو حاڪم) کي شڪست ڏني. سدراڄ، سنڌ جي سفير کي چيو هو تہ هن حملي لاءِ ڪيس چالوڪين ۽ ٻين بادشاهن جي مدد حاصل هئي. سنڌين ۽ چالوڪين ۾ چمند راڄ (1053 - 1086ع) جي دور جي ابتدا کان دشمنيون شروع ٿي ويون هيون.

سن 1147ع ۾ لاکي جي قيادت ۾ (هي نہ تہ لاکو ڦلاڻي آهي ۽ نہ وري لاکو ڄوراهو)، ٻيون ڀيرو ڪڇ تي سمن جي حڪومت قائم ٿي. هن انقلاب وقت ڪين سنڌ جي سومرن جي مدد حاصل رهي. هن تبديليءَ ۾ اسماعيلي ڪردار بہ ڪم ڪيو. لاکو 1175ع ۾ فوت ٿيو تہ سندس پٽ راڏڻ حاڪم بڻيو. گجرات جي چالوڪين ڪڇ ۾ بغاوتن کي منظم ڪرايو ۽ موٽ ۾ سڄي ڪڇ کي سومري سردار ڦتوءَ فتح ڪري، موٽندي پوڏيسر پهچي ان کي تاراج ڪرايو. ان طرح هن راڏڻ جي پائداريءَ لاءِ راهہ هموار ڪئي. ڦتوءَ جي خلاف وري گجرات جي حاڪم ڀيم ديو چالوڪيہ ٻيون (1178 - 1241ع) حملو ڪرايو. ويڙهہ کان پاسو ڪيو ويو. راڏڻ جي سگهاري ٿيڻ سان سنڌ کي فائدو پهتو.

هيمہ چندرا موجب[1]، گجرات جي بادشاهہ ڪمارا پالا چالوڪيہ (1200 - 1229ع)، ڪڇ کي هڙپ ڪيو ۽ سنڌ جو حاڪم سندس ڏن پرو بنجي ويو. هي بيان حاڪمن کي خوش رکڻ لاءِ گهڙيو ويو هو. ڪڇ جو ملڪ راڏڻ جي اولاد جي هٿن ۾ رهيو، جڏهن تہ سنڌ جا ٻہ حصا ٿيا: اتر تي قباچہ جي ۽ هيٺين سنڌ تي سومرن جي بادشاهي برقرار رهي.

ڪڇ جو نار 1226ع ڌاري مڪمل خشڪ ٿي ويو. سنڌ جا ڪڇ سان سامونڊي رستي کان علاوهہ ٻيا رستا بہ ڪٽجي ويا. ان صورت ۾ ڪمارا پالا ٿوري وقت لاءِ ڪڇ کان ڏن ورتو هوندو. ٻارهين ۽ تيرهين صدين ۾ سڄي دنيا ۾ موسم خشڪ ٿي وئي هئي. ان ڪري مرڪزي ايشيا ۾ منگولن جي لڏ پلاڻ ٿي. لوٽي ۽ سنڌو درياهہ ۾ پاڻيءَ جي

(1) Hema Chandra: Dvyasharya - Ravya or Kumaraplachrita (being a poetical work of 11th century).

ڪوٽ ٿي. هاڪڙو مڪمل سُڪي ويو. سنڌ جا ڪڇ سان ويجها لاڳاپا ختم ٿي ويا. ڪڇ جي نار جي ڀنهي پاسن سان، سنڌ توڙي ڪڇ ۾ شهر زوال پذير ٿي ويا. البته ٻنهي ملڪن ۾ سياسي رابطو ٿورو گهٽو بحال هو. معاشي حالتن جي دٻاءَ سبب، جاڙيجن سن 1215ع کان 1296ع واري عرصي ۾، ڪاٺين کي تڙي ڪڍيو.

ڪڇ جي لوڪ شعرن موجب سومرن جي شاهي خاندان جي عورتن کي ڪڇي سپاهين بچايو هو، جڏهن سن 1297ع ۾ علاؤ الدين جي لشڪر لاڙ تي حملو ڪيو هو. هي ڳالهه ڪوڙي آهي يا سچي، ان کي ڇڏي ڪري سنڌ ۽ ڪڇ جي سياسي لاڳاپن جو هي هڪ عمدو مثال آهي. سومرن جي پوري دور ۾ ڪڇ تي جاڙيجن سمن جي حڪمراني هئي ۽ ٻنهي ۾ سٺي دوستي ڏسجي ٿي.

سنڌ ۽ ڪڇ سن 1297ع ۾ دهليءَ جي تابع ٿي ويا. ڪين وري مڪمل آزادي 1315ع ۾ علاؤالدين جي موت تي ملي. سن 1333ع ۾ اتر سنڌ مڪمل خودمختيار ٿي وئي. سن 1351ع ۾ سومرن کي سمن نيڪالي ڏني. سنڌ جي سمن ۽ ڪڇ جي سمن ۾، ڄام فيروز جي گجرات ۾ 1536ع ۾ موت تائين بهترين لاڳاپا موجود رهيا.

**سمن ڄامن جو دور** (1351 - 1524ع):

سمن ڄامن سن 1333ع کان ڪري 1351ع تائين، سومرن جي نائبن طور سنڌ جي ڪجهه حصن تي حڪمراني ڪئي هئي. سن 1351ع ۾ انهن پنهنجي بادشاهت قائم ڪئي. انهن ويهن سالن کي ڇڏي (1368 - 1389ع) جي تغلقن جي نائبن طور گذريا، سمن ڄامن سن 1524ع تائين آزاديءَ سان حڪومت ڪئي. هن سموري عرصي ۾ ڪڇ تي جاڙيجن سمن جي بادشاهي رهي، جي لاکي جو اولاد ۽ هندو توڙي اصل سنڌ جا رهاڪو هئا. سنڌ جي سمن ۽ ڪڇ جي سمن جا تاريخي لاڳاپا ڏسجن ٿا. محمد تغلق جي ڪاهه وقت سن 1351ع ۾، سنڌ جي مسلمان سمن، ڪڇ ڏي لڏ پلاڻ جي تياري ڪئي. پر بادشاهه جي اچانڪ موت تي هي ارادو ترڪ ڪيو ويو. هي حملو هڪ باغي غلام

جو پيڇو ڪندي ڪيو ويو، جنهن ڪي سومرن ٺٽي ۾ پناهہ ڏني هئي. ان جو مقصد سمن کي سيڪت ڏيڻ بہ هو، جن 1333ع ۾ سيوهڻ جو شهر دهليءَ جي نائبن کان کسيو هو. جاڙيجن سمن 1315ع ۾ دهليءَ کان آزادي ورتي هئي. انهن باغي غلام طغيءَ کي ڪڇ مان لڪپت، جاتي ۽ سجاول ذريعي ٺٽي پهچڻ ۾ مدد ڪئي. جاڙيجن، بادشاهہ محمد تغلق جو رستو روڪيو هو. بادشاهہ ڏکو رستو اختيار ڪيو ۽ ٺٽي پهچڻ لاءِ: ننگرپارڪر، ويراواهہ، ڏيپلو، مٺي، ڏنيرلو، ڏگهڙي ۽ نصرپور اچي درياهہ سنڌ پار ڪيائين، جتي سونديا شهر وٽ مئو هو.

هن جي موت کان پوءِ سمن همٿ ڪري سومرن کي هٽايو. سن 1365ع ۾ فيروز تغلق درياهہ ذريعي سنڌ تي ڪاهہ ڪئي ۽ پنج هزار ٻيڙا استعمال ڪيا. ان جو مقصد همير سومري کي بحال ڪرائڻ هو. سنڌ جي لشڪر ڪڇ جي ساموئدي سمن جي مدد سان هن ٻيڙي کي ناس ڪيو. فيروز شڪست کائي ڪڇ کان گجرات لاءِ نڪتو. هن جا ميداني جٿا رڻ ڪڇ ۾ رلي برباد ٿي ويا. بادشاهہ جو ڇهن مهينن تائين ڪوبہ ڏس پتو نہ ٿي پيو. ان جو وڏو سبب رڻ جو ڪشادو ملڪ، ڪڇ جا ويران جبل ۽ ڪڇين جو گوريلا جنگي طريقو هو. ٻئي حملي وقت فيروز ڪڇ کان هٽي سنڌ پهچڻ لاءِ اهو رستو ورتو، جو ان کان اڳ محمد تغلق اختيار ڪيو هو.

سن 1215ع ۾ راڌڻ جي موت تي، ڪڇ جو ملڪ هن جي ٽن پٽن ۾ تقسيم ٿي ويو(1). دادر کي ڪنٿ ڪوٽ - وڳڊ علائقو مليو. گجن کي اولهہ ڪڇ هٿ آيو. اوٺي کي لکوير جو خِطو هٿ آيو. سن 1410ع ۾ دادر جي اولاد کان وڳڊ نڪري ويو ۽ ان تي گجرات اچي حاڪمن قبضو ڪيو. باقي ٻہ خاندان پنهنجن حصن تي حاوي رهيا. هنن ٻنهي 1472ع ۾ سلطان محمود بيگڙي آڏو هٿيار ڦٽا ڪيا، جنهن ڪين پنهنجن علائقن ۾ نائب طور قبول ڪيو. سن 1506ع ۾ گجن جي اولاد مان لاکو، اوٺي جي اولاد هميرجيءَ جي علائقي مان لنگهندي قتل ٿي ويو. هن قتل جو جوابدار سمجهندي، سندس پٽ راول، دوکي سان

---

(1) ٻئي بيان موجب ڇئن پٽن ۾ ورهايو هو.

هميرجيءَ کي قتل ڪرائي ڇڏيو. هميرجيءَ جا پٽ گجرات ڀڄي ويا، جتي ڪجهه بهادري ڏيکارڻ تي، ڪين بيگڙي جي فوجي تربيت گاهه ۾ سکيا ڏئي واپس ڪڇ ڏي موڪليو ويو. هن دور ۾ سنڌ جو ملڪ ڪڇ جي اندروني مسئلن ۾ الجهي پيو. هميرجيءَ جي پٽ ڪنگهار جي مخالفت ۾، جام فيروز سنڌ جي بادشاهه، راول جي مدد ڪئي. ڪنگهار بدلي ۾ جام صلاح الدين جي مدد ڪئي جو ان وقت گجرات ۾ هو ۽ ٺٽي تي قبضي جو خواهشمند هو. هو ان ۾ ڪامياب ويو ۽ اٺ مهينا ٺٽي ۾ حڪومت ڪيائين، جنهن کي پوءِ درياخانِ بيدخل ڪيو هو. ڪنگهار رحمڪي بازار ۽ ويراواهه تي قبضو ڪري، سنڌ کان راول جي ڪنهن به امڪاني مدد کي ڪٽڻ جي ڪوشش ڪئي. هن ٺٽي تي ٻيو ڀيرو قبضي لاءِ پاڻ جام صلاح الدين جي مدد ڪئي. جام فيروز مدد لاءِ شاهه بيگ ڏي واجهايو، جنهن شاهه حسن جي قيادت ۾ اڳتي اچي صلاح الدين کي شڪست ڏني. جام فيروز ڪڇ ڏي ڀڄي ويو. خوف ۾ اچي ڪنگهار ٺٽي جي نئين طاقت خلاف جام فيروز کي فوجي مدد ڏني، پر کيس شڪست آئي ۽ هو ڪڇ کان گجرات هليو ويو. ڪنگهار کان بدلي وٺڻ لاءِ سن 1527ع ۾ شاهه حسن ڪڇ تي ڪاهه ڪئي. ڪڇين سرحدي علائقا خالي ڪندي ڪوهن ۾ زهر وڌو ۽ ڪي گوريلا جنگي طريقا اختيار ڪيا. هي حملو بي مقصد ثابت ٿيو. سن 1536ع ۾ شاهه حسن کي همايون بادشاهه جو حڪم پهتو تہ، گجرات جي حملي ۾ سنڌس مدد لاءِ پهچي. ڪڇين جي تلخ تجربي سبب شاهه حسن، گجرات وڃڻ لاءِ، ڪڇ کان ٿارو ڪندي سن 1351ع ۾ اختيار ڪيل محمد تغلق وارو رستو ورتو.

ان کان اڳ شاهه بيگ سڄي سنڌ ۾ خاص ڪري جيڪب آباد، شڪارپور، لاڙڪاڻي، دادو، ٺٽي ۽ حيدرآباد ضلعن کي تاراج ڪيو هو. گڏوگڏ هن سکر کان تلهار تائين، سنڌو درياهه جي ٻنهي ڪنارن سان، ڏهن کان پندرهن ميلن جي پکيڙ ۾، سِنڌي آبادين کي ڦريو، ساڙيو ۽ برباد ڪرايو هو.

ان بعد شاهہ حسن روهڙي ۽ ملتان جي وچ ۾ خاص ڪري ماتيلو، اٻاوڙو، سبورائي، پٽہ واهڻ، ديراوڙ ۽ اچ کي تاراج ڪرايو هو، جي سڀ ان وقت سنڌ جي سرحدن ۾ شامل هئا. سن 1541ع کان ڪري سن 1543ع تائين جي دور ۾ اڍائي سالن تائين، همايون جلاوطن ٿي ٻہ لک فوج سان سنڌ ۾ رلندو رهيو. شاهہ حسن 1540ع ۾ همايون جي شڪست جو ٻڌي، دور انديشيءَ طور روهڙي ۾ اچ علائقي جي وچ ۾ پوکون برباد ڪرائي ڇڏيون. پر جڏهن همايون سنڌ ۾ داخل ٿيو تہ باقي رهيل آباديون (فصل) ناس ڪرائي وڌائين. اڍائي ٽن سالن تائين کابہ پوک ٿيڻ نہ ڏني وئي، جنهن سبب سنڌ ۾ ڏکر، بيمارين ۽ خراب حالتن منهن ڪڍيو.

همايون جي ٻہ لک فوج کيس مارايو. ڪاڏي جي ڳولا ۾ لشڪرين ڦرلٽ جو ڏنڊو اختيار ڪيو. نتيجي طور ڳوٺ برباد ٿيا. هي ابتر صورتحال وڏيڪ پنجويهہ سال جاري رهي. ان ڪري سنڌي مڊل ڪلاس ڪڇ ڏي لڏ پلاڻ شروع ڪئي. جنان پوءِ هي ماٿهو ڪاٺياواڙ، گجرات، برهان پور ۽ عربستنان ڏي ويندا هئا. هي شايد آخري موقعو هو جو ڪڇ جي ملڪ وڏي پيماني تي سنڌي عوام سان تعاون ڪيو. لڏپلاڻ جو هي سلسلو سن 1542ع ۾ شروع ٿي سن 1600ع ۾ ختم ٿيو. هن دور ۾ وڏو عرصو يعني تہ 1586ع تائين ڪنگهار جي حڪومت رهي. سن 1540ع ۾ هن راول کي ڌوڙايو جنهن "نوان ننگر" ۾ پنهنجي حڪومت قائم ڪئي. هن لڏ پلاڻ جي شاهدي ڪڇ ۽ سنڌ ۾ مشترڪ قبيلن جي موجودگيءَ مان ملي ٿي. اهي هندو بہ آهن تہ مسلمان بہ آهن. شيرنگ جي حوالي سان(1) اهڙن قبيلن جي فهرست هت ڏجي ٿي:

ابڙا، آگرا (آڳڙيا)، ٻنڌاري، ٻاروچا، ڀٽ، ڀٽي، ڀتا، چاوڙا، دل، ڳاها، گجر، چَنڊ، هالا، هالي پوتا، نارڻ پوتا، جاڙيجا، جت، کتري، ڪانڙا، ڪاٺيا، لاکا، لوهاڻا، چارڻ، ميندرا، مگريا، ميمڻ، مياڻا، موتيا، پلهہ، پهوڙ، راجڙ، سولنڪي (سولنگي)، سمان، سميجا ۽ سنگهار وغيرهہ.

---

(1) Rev. M. A. Sherring "Hindu Tribes and Castes" Vol: II, Calcutta, 1879.

**ارغون، ترخان، مغل ۽ ڪلهوڙا:**

مرزا عيسيٰ ترخان جي سڏ تي پورچوگيز سن 1555ع ۾ ٺٽي پهتا. مرزا کي نہ ڏسي شهر ۾ قتلام ڪري، پر ڪروڙن جو سون هٿ ڪيائون. هن ڏس ۾ سنڌ جي مؤرخن جا بيان ناڪافي آهن. اصل سبب سنڌ ۽ ڪڇ جي سامونڊي ڪنارن سان ملاحن ۽ جهاز رانن جي ڦرلٽ هو. ارغونن جو سنڌ جي سامونڊي ڪنارن تي ڪوبہ ضابطو نہ هو ۽ ڪڇي ايترا تہ مضبوط هئا جو سمنڊ جي ڦرلٽ ۾ پورچوگيزن کي منهن ڏيڻ جهڙا هئا. ورنہ پن صدين جي باري ۾ سنڌ ۽ ڪڇ جي تعلقات تي مواد جي کوٽ ڏسجي ٿي. سنڌ جا سميجا اڪيلي سر ارغونن، ترخانن ۽ مغلن جي گورنرن سان لڙندا رهيا. ڪڇ، آگري جي بالادستي قبول ڪئي، پر مغلن جو ملڪ تي قبضو نالي ماتر هو. سنڌ ۾ ويڙهہ سبب سميجن، ڪڇ ڏي لڏ پلاڻ ڪئي. ليڪن ان جي متعلق مفصل معلومات نہ ٿي ملي. مغلن جي زماني ۾ سنڌ جو ملڪ: بکر، سيوهڻ ۽ ٺٽي ۾ تقسيم ڪيو ويو. سن 1524ع کان پوءِ سامونڊي ۽ ڪوهستاني قبيلا ڪڏهن بہ مطيع نہ ٿيا. سن 1736ع ۾ ٺٽو مقامي سنڌي قبيلي ڪلهوڙن کي مليو. جن سامونڊي ڪنارن تي ضابطي جي ڀرپور ڪوشش ڪئي. ليڪن 1740ع ۾ نادر شاهہ جي حملي بعد: ڪڪرالي جا ڄام، راڻو ڌهراج (ڌاراجہ)، چاچڪان جا نومڙيا، سومرا، مهر ۽ ڪانجي ڪوٽ جا نواب - خود سري ڪرڻ لڳا. بغاوتن کي سختيءَ سان ڪچليو ويو. ميان نور محمد کان پوءِ تخت لاءِ ٽيندڙ لڙاين وقت، اهي وري باغي ٿيا جن کي ڪڇين جي مدد حاصل رهي. ميان غلام شاهہ ڪلهوڙي ڪڇ تي حملو ڪيو. ڪڇين وري بہ ڪنگهار وانگر اهي ڪرتب استعمال ڪيا، جي انهن 1527ع ۾ شاهہ حسن خلاف ڪتب آندا هئا. آخرڪار صلح ٿيو جنهن موجب راءَ جي سوٽ، ميان غلام شاهہ جي نڪاح ۾ ڏني وئي، جنهن کي پوءِ سنڌ جي حاڪم "سنڌراڻي" جو خطاب ڏنو هو.

**گڏيل چراگاهہ:**

اڃا سوڌو هن عنوان کي هٿ نہ لاتو ويو آهي. مون ڪڇ، ٿر، لاڙ

۽ ڪوهستان جي سانگي قبيلن تي ڪابہ رپورٽ نہ پڙهي آهي. اهو هڪ اتفاق هو جو اپريل 1961ع ۾ بدين تعلقي جي ديهہ مڻي I، مڻي II، مڻي III، ۾ اٺ ۽ ٻڪريون چارينڊڙ ڪجهہ قبيلن سان منهنجي ملاقات ٿي هئي. انهن جو تعلق: ٿر، ڪوهستان، لاڙ ۽ ڪڇ سان هو. ڪن جو واسطو جت قبيلي سان هو. ڪي هندو تہ ڪي مسلمان هئا. پندرهن ڏينهن پوءِ رڻ ڪڇ مان رحمڪي بازار ڪان ننگرپارڪر ويندي، مون ڪيئي ڏنار ڏٺا جن جو ساڳين علائقن سان واسطو هو ۽ اهي رڻ ڪڇ جي ٻيٽ تي رڍون ۽ ڍور ڍڳا چاري رهيا هئا. هنن مثالن موجب، مالوندن جو تعلق سنڌ ۽ ڪڇ جي ساڳين علائقن سان هو، پر وٽن مال جا مختلف نمونا هئا. ورنڊڙ چئن سالن ۾ مون ڪوٽڙي بئريج ۾ تي لک ايڪڙ زمين هموار ڪرائي. اها زمين ماٺهن جي مختلف طبقن کي ملي هئي. زمين پڙپانگ هئي پر مينهن پوڻ شرط هرطرف نيڻ ٺار ساوڪ ٿي پوندي هئي. ان ڪري مختلف پاسن ڪان ڏنار جوق در جوق پهتا ٿي. ڪي مستقل ڳوٺ نہ هئا پر قبرستان مستقل هئا. ڪڏهن ڪڏهن ڪا مسجد بہ ڏسڻ ۾ ايندي هئي. ڪٿي ڪٿي ڪا بستي هوندي هئي تہ اتي گهر ويران ۽ ڪچين پٽين وارا ڏسبا هئا.

سانگي قبيلن همدرد آفيسرن کي عرض ڪيو ٿي تہ، ڳوٺ جي مسجد ۽ قبرستان انهن جا آهن، ان ڪري آس پاس جي زمين کين ڏني وڃي. روينيو رڪارڊ مان البتہ ان جي ثابتي نہ ٿي ملي. ميدانن تي ڪجهہ قديم آثارن جون شاهديون بہ مليون. 1970ع تائين ڪوٽڙي بئريج جي سموري زمين هموار ٿي زراعت لاءِ استعمال ۾ اچي وئي. ستر جي ڏهاڪي ۾ گوشت، کير ۽ مکڻ جي کوٽ پيدا ٿي. ثابت ٿيو تہ ڪوٽڙي بئريج جي ايراضيءَ ۾ ڪي ميدان، اصل ۾ چراگاهہ هئا جن جي ختم ٿيڻ سان انهن شين جي قلت محسوس ٿي. مون تفصيلي جانچ پڙتال بعد صورتحال کي هن ريت سمجهيو آهي.

(i) ڪوهستاني علائقو: هن ۾ ڪراچي، هيٺيون محال ڪوهستان، ڏڪڻ ڪوٽڙي ۽ اتريون ٺٽو تعلقو اچن ٿا. جتي جولاءِ آگسٽ ۾ ڇهہ ست انچ بارش ٿئي ٿي. ان بعد گاهہ ڦٽن ٿا جن تي آڪٽوبر نومبر تائين مال چري

ٿو. بارش تي پيدا ٿيندڙ اهڙن ٻوٽن تي ٻڪريون ۽ اٺ وڏيڪ ٻه مهينا پلجي سگهن ٿا.

(ii) ڪوٽڙي ٻئريج علائقو: اج چراگاهہ ختم ٿي چڪا آهن. پر جڏهن ٻہ ٻوڏ جو واڌو پاڻي پهچي ٿو تہ گاهہ ڦٽن ٿا ۽ جنوريءَ تائين هلن ٿا. مينهن پوڻ جي صورت ۾ هتي گاهہ نومبر تائين هلي ٿو.

(iii) ڍورا، هيناهيون ۽ ندين جا پراڻا پيٽ: ٻئريج جي علائقي ۾ گاهن ۽ ٻوٽن کان علاوه وڻ بہ ٿين ٿا. جتي جنوريءَ تائين مال چري ٿو، ۽ اپريل تائين اٺ توڙي ٻڪريون چرن ٿيون.

(iv) سنڌ جو ندين وارو علائقو: جڏهن بہ واهن ۽ ڪڙين مان پاڻي لهي ٿو تہ اتي گاهہ ڄمي ٿو، پر هت گاهہ ۽ وڻ سڄو سال ڏسجن ٿا.

(v) ٿر جو پرڳڻو: جولاءِ آگسٽ ۾ بارشن کان پوءِ هرطرف ساوڪ ٿئي ٿي جا آڪٽوبر تائين رهي ٿي. خشڪ پيلو گاهہ ڊسمبر تائين ۽ ٻوٽا سڄو سال موجود هجن ٿا. پر جي ورندي سال مينهن نہ پوي تہ پوءِ سڀ ڪجهہ سڙيو رک ٿيو وڃي.

(vi) رڻ ڪڇ جا ٻيٽ: ڊسمبر تائين رڻ ڪڇ ۾ ڏٻڻ رهي ٿي. هت جنوريءَ کان اپريل جي مهينن ۾ گاهہ ملي ٿو.

(vii) ڪڇ: هتي سنڌ کان وڏيڪ مينهن پون ٿا ۽ جنوريءَ تائين چارو ملي وڃي ٿو. جيڪڏهن سياري ۾ برسات پوي ٿي تہ پوءِ مارچ تائين گاهہ مهيا ٿئي ٿو.

هنن سڀني علائقن ۾ ڪوبہ پاڻ پرو ڪونهي. هڪ جاءِ تي گاهہ ۽ ٻوٽا ٿين تہ ٻيءَ تي نہ ٿين. مالوند قبيلن پنجن ڇهن صدين کان يا اڃا بہ وڏيڪ عرصي کان، چراگاهن جو گڏيل استعمال ٻي ڪيو آهي. انهن جا اڳواڻ بہ مشترڪ آهن. چراگاهن جي گڏيل غرض سبب، سنڌ ۽ ڪڇ جي جتن جا، سال 1956ع تائين مشترڪ سردار (ملڪ) هوندا هئا. عام طرح سمجهيو وڃي ٿو تہ هي تعلق 1965ع جي جنگ سبب

ختم ٿي ويو. هي ڳالهہ درست ڪانهي. ان جو وڏو سبب ڪوٽڙي بئريج جي تعمير آهي، جنهن سبب گڏيل چراگاهہ ختم ٿي ويا ۽ انهن جي وري پيدا ٿيڻ جو ڪوبہ امڪان ڪونهي، توڙي جو سرحدن جي آس پاس ٻئي ملڪ انهن کي جيارڻ ۾ سرگرمي ڏيکارين.

**نتيجو:**

چئي سگهجي ٿو تہ سنڌ ۽ ڪڇ جا گهرا تعلقات ان ڪري ختم ٿيا تہ:

(i) ڪڇ جي نار (ڪاري) جو خشڪ ٿيڻ ۽ اچ وڃ جي ذريعن جي کوٽ.

(ii) هن قوم پرستيءَ جي دور ۾ قبيلائي طور طريقن تي ٻڌل وفادارين جو خاتمو.

(iii) مشترڪ چراگاهن جو خاتمو.

پر هڪ گڏيل ڳالهہ يعني تہ ”ٻولي“ اڃا بچي ٿي. اها اڳڪٿي ڪرڻ ڏکي آهي تہ هي تعلق ڪيترو هلندو. اسڪولن ۾ ڪڇي نہ ٿي پڙهائي وڃي. سنڌي الف - بي ڪڇين لاءِ اوپري آهي. ان ڪري اهي اسان کان روز بروز پري ٿيندا ويندا.

جاڙيجن سمن جا مذهبي عقيدا هندو مسلم خيالن جو ميلاپ ڏسجن ٿا. ڪڇين وٽ مسلمان عالمن ۽ پيرن توڙي هندو ديوتائن جي لاءِ هڪ جيتري عزت آهي. هي صورتحال انن صدين کان جاري آهي. ڪڇي عوام، گجرات جي مسلمانن جي تابيعداري ۽ مغلن جي ٻيلپ، نيڪ ان طرح برداشت ڪري ويا؛ جيئن سومرن ۽ پوءِ سمن سان سندن روش رهي. پر ٿي سگهي ٿو تہ ايندڙ وقت ۾ ڪڇي ائين نہ ڪري سگهن.

جاڙيجن سمن جو ستن صدين (جنهن ۾ هڪ سؤ ٽيهہ سال برطانوي بالادستيءَ جا بہ آهن) جو دور اعتبار ۾ نہ اچڻ جهڙو تہ آهي؛ پر اهو هڪ سچ ۽ حقيقت آهي. هن دور جي ڪاميابيءَ جو مدار قبيلائي

برادرين ۽ ڀائپين تي آهي. حاڪمن اقتدار ڪي ٻوٽن جي چڱن مڙسن ۾ ورهايو ٿي. ان ۾ محصول، خرچ پکو، انصاف ۽ زمينن جو قبضو اچي ٿي ويو. انگريزن پڻ گذريل صديءَ جي وچ تائين اهو دستور رائج رکيو. هي دستور ڪڇ جي ملڪ، سنڌ ڪان ورتو ۽ شايد سومرن توڙي سمن ۾ به هلندڙ هو. ان جو اپياس ظاهر ڪندو تہ سومرن ۽ سمن ڪيئن ڏگهو عرصو حڪمراني ڪئي هئي!

نوٽ: پنهور صاحب اڪثر – Creek – لفظ ڪتب آندو آهي. پرمانند ميوارام ان جي معنيٰ نار ۽ ڪاري ڏني آهي. اسان ان معنيٰ کي قبول ڪيو آهي.

(سہ ماهي ”مهراڻ 1-1994/2ع ۾ ڇپيل)

●

# سنڌ ۽ ماوراءَ النهر جي ادبي لاڳاپن جا ڪي پهلو*

[پروفيسر عبدالغني ميرزايف جو تعلق، مرڪزي ايشيا جي ملڪ تاجڪستان سان هو، جتي پاڻ تاجڪستان انسٽيٽيوٽ آف اورينٽل اسٽڊيز جو سربراهه هو. سنڌ جي مشهور عالم پير حسام الدين راشدي مرحوم سان، ميرزايف جو ويجهو تعلق هو. ميرزايف سنڌ بابت پڻ ڪي مقالا لکيا، جي فارسي ۽ انگريزي ٻولين ۾ ڇپيل آهن. سندس وفات 16 آگسٽ 1976ع تي ٿي. هي علمي مقالو هن جي وفات کان پوءِ، راشدي صاحب جي ڪوشش سان، جڳ مشهور رسالي "سنڌ ڪئارٽرلي" نمبر 3، سال 1978ع ۾ ڇپيو هو]

سنڌ ۽ ماوراءِ النهر جي ماڻهن جي تاريخ عام طرح، ۽ پڻ ننڍي کنڊ جي تاريخ گهڻو قديم آهي، ۽ اها اسلام کان به اڳ تائين پکڙيل آهي(1). پر جڏهن اسين ادبي لاڳاپن جي ڳالهه ڪيون ٿا، تڏهن اها اسلام کان پوءِ جي دور جي حقيقت آهي. خاص ڪري ادبي لاڳاپا ڏهين صدي عيسويءَ کان پوءِ ڏسجن ٿا، جڏهن کان پارسي - تاجڪ ڪلاسيڪل ادب جا مکيه بنياد رکيا ويا ۽ ان جي ترقي ٿي. اهو عام ڄاتل آهي ته اهڙي ادب جي جاءِ پيدائش خراسان ۽ ماوراءِ النهر آهن. هي ان درو جي ڳالهه آهي. جڏهن خلافت جي اوير ۾ ساماني حڪومت جو بنياد رکيو ويو.

ڏهين صدي عيسويءَ جي وچ کان ادب جو اثر وڌيڪ گهرو ٿيو ۽ اهو ايران جي اولاهن ۽ ڏاکڻين حصن تائين پکڙجي ويو، ويندي انهن علائقن تائين، جن تي اڄ پاڪستان مشتمل آهي. ان وقت کان وٺي اڄ تائين جڏهن اسين، فارسي ٻولي ۽ ادب جي ڪنهن به دور جي ڳالهه ڪيون ٿا، تڏهن ان کان سواءِ اسان لاءِ ٻيو ڪو چارو ڪونهي ته، سنڌ

---

* ليکڪ: پروفيسر عبدالغني ميرزايف

جي ماڻهن جي حصي بابت خاص طرح ۽ عام طرح پاڪستان جي حصي جي متعلق سوچ ويچار ڪيون.

مٿي آيل تمهيد جي تائيد ۾، اسين هاڻي ڪجهه تاريخي ۽ ادبي شاهدين جا حوالا ڏينداسين. يارهين ۽ پڻ ٻارهين صديءَ جي اوائل ۾، خراسان ۽ ماوراء النهر جي ادبي صورتحال عام طور تي ڄاتل آهي. هن دور ۾ قصيدا، حبسيات ۽ شهر آشوب لکيا ويا. ٻنهي ملڪن ۾ ٻارهين صدي ۽ پوءِ تيرهين صديءَ جي ابتدا ۾، ادبي لاڳاپا وڌيڪ گهرا ٿيندا ويا. تاريخي طور تي ٻنهي علائقن ۾ اهو اونداهو دور ڏسجي ٿو. ماوراء النهر ۽ خراسان کي منگولن جي حملن خوفزده ڪري ڇڏيو، تڏهن سوين ماڻهن لڏ پلاڻ ڪئي. انهن پاڻ لاءِ سنڌ ۽ پنجاب ۾ پناهه گاهون تلاش ڪيون. عالمن جي هڪ گروهه سنڌ ۾ پناهه ۽ مدد جي آسري ۾ ادبي سرگرميون جاري رکيون. محمد عوفي به انهن عالمن مان هڪ هو، جيڪو 1212ع کان سنت پوءِ ناصر الدين قباچه جي درٻار ۾ پهتو ۽ جڳ مشهور تذڪرو ”لباب الالباب“ مڪمل ڪيائين. ساڳي درٻار ۾ پاڻ ”جوامع الحڪايات“ لکڻ شروع ڪيائين. هن ڪتاب لکجڻ سان ننڍي کنڊ ۾ سوانح نگاري جو آغاز ٿيو. عوفيءَ جي ڪاوشن کي ڏسي، هن وسيع خطي جي عالمن به شاعرن جا تذڪرا لکڻ شروع ڪيا. سنڌ جي اديبن به اوڻيهين صديءَ تائين هن روايت کي زنده رکيو. منهنجي هن دعوي کي درست ثابت ڪرڻ لاءِ مير علي شير قانع جو ”مقالات الشعراء“ ۽ مخدوم ابراهيم خليل جو ”تڪمله مقالات الشعراءِ“ ثبوت طور پيش ڪري سگهجن ٿا. حسن اتفاق سان هي ٻئي تذڪرا نامور محقق پير حسام الدين راشديءَ جي ترتيب سان ڇپجي چڪا آهن.

ماوراءِ النهر جي ڪش شهر مان امير خسرو جو والد امير سيف الدين محمد، منگولن جي حملن کان اڳ لڏي سنڌ ۾ پهتو هو. امير خسرو دهلوي ۽ سندس مريد حسن دهلوي، سڌي طرح خراسان ۽ ايران جي وڏن شاعرن کان متاثر ڏسجن ٿا. اهي پنج سال ملتان ۾ ٽڪيا، ان ريت سنڌ سان سندن تعلق جڙي ٿو. ان کان پوءِ سنڌ جي معرفت، ماوراء النهر جا عالم سندن لکتن کان آگاهه ٿيا. خراسان ۽

ماوراءِ النهر جي لکتن خاص ڪري غزل ۽ مثنويءَ تي، هنن پنهي شاعرن جي اثر جي حد نہ ٿي ڪٿي سگهجي. ان لاءِ هڪ جداگانہ مقالو گهرجي.

نندي ڪنڊ ۾ سورهين صديءَ ۾ مغل راڄ جي قيام کان پوءِ عام طرح ۽ خاص طرح اورنگزيب جي دور ۾، برصغير ۽ ماوراء النهر جي وچ ۾ ادبي لاڳاپا وڌيڪ مضبوط ٿيا. سورهين ۽ سترهين صدين جا تاريخي ۽ ادبي ماخذ ڏيکارين ٿا تہ ماوراء النهر مان سوين اديبن ۽ شاعرن، نندي ڪنڊ ڏي لڏ پلاڻ ڪئي هئي. اڪابرين جو هڪ گروهہ ڪشمير، پنجاب ۽ سنڌ ۾ داخل ٿيو ۽ پنهنجيون ادبي سرگرميون جاري رکيائون. مثال طور مطربي سمر قندي جا ٻہ تذڪرا ڏسڻ سان خبر پوي ٿي تہ[2]، اتي جا ڪيئي شاعر اڪبر ۽ جهانگير جي دور ۾، ذڪڻ هندستان تائين پهتا هئا.

مير علي شير قانع جي”مقالات الشعراءِ“ موجب پندرهين صديءَ جي پڇاڙي تائين، ماوراء النهر مان آيل اديبن جي اولاد ٻہ، پنهنجن وڏن جي روايت کي زنده رکيو. اسان کي ڏهن شاعرن جا نالا ملن ٿا، جن اڳ جي ادبي روايت کي جاري رکيو: قاضي احمد بخشل، مير احمد بخاري، امير امام الدين، سيفي ترمذي، شاداب سمرقندي، محمد صديق، مير محمد علي، عبداللطيف بخاري، گل محمد نقشبندي ۽ نيازي بخاري.

هڪ واقعي جو ذڪر ڪرڻ گهرجي جنهن جو اثر ماوراء النهر کان وٺي اڄوڪي پاڪستان تائين پکڙجي ويو ۽ ان اثر هيٺ ادبي سرگرميون جاري رهيون. هن ڏس ۾ شاعرن جو گهڻو تعداد ڪونهي پر ان ذريعي ٻنهي پرڳڻن ۾ گهرن ادبي لاڳاپن جي چٽائي ٿئي ٿي. بدرالدين ڪشميري هڪ شاعر هو، جو سورهين صديءَ جي وچ ڌاري، ماوراء النهر ۾ اچي مقيم ٿيو. ماوراء النهر جي ڪتبخانن ۾ اڄ ٻہ هن جا ڪتاب محفوظ آهن، جن ذريعي هن جي بهترين ليکڪ هجڻ جو ثبوت ملي ٿو. ان دور ۾ هڪ ٻيو مثال ملي ٿو جڏهن ماوراء النهر ۾ ”سليقئہ هندي“ متعارف ٿيو[3]. هن دور ۾ ٻنهي علائقن ۾ اقتصادي، واپاري ۽ سماجي لاڳاپا وڌيڪ مضبوط ٿيا. نتيجي ۾ ماوراء النهر ۾

”سليقئہ هندي“ وڌيڪ مقبول ٿيندو ويو. نتيجو هي نڪتو تہ هن سلسلي جا وڏا شاعر پيدا ٿيا. ان طرح ٻنهي ملڪن ۾ شاعرن ۾ ذاتي تعلقات پيدا ٿيا. هن ڏس ۾ اسان جي رهنمائي مطربي سمرقندي جي ”نسخہ زيباي جهانگير“ مان ٿئي ٿي. مثال طور هن شيخ فيضي (وفات: 1595ع) ۽ حسن خواجہ نثاري بخاري (وفات: 1596ع) ۾ تعلقات بابت مواد ڇڏيو آهي. خبر پوي ٿي تہ ٻنهي شاعرن ۾ خط و ڪتابت هئي. ٻئي ڄڻا هڪ ٻئي ڏي شعرن جو تبادلو بہ ڪندا هئا ۽ هڪ ٻئي ڏي فرمائشي شعر بہ لکي موڪليندا هئا.

سترهين صدي ۾ هن اسٽائيل جا هي شاعر مشهور آهن: سيدي نسفي، شوڪت بخاري ۽ ڪرم بخاري. هنن ۽ ڪجھ ٻين شاعرن ”سليقئہ هندي“ جا ڪي بهترين شعر چيا. سترهين صديءَ جي شاعرن جي ڪلام مان، اسين هن اسٽائيل جا اڪثر شعر ڳولي سگهون ٿا. هن اسٽائيل جو گهٽ ۾ گهٽ هڪ مجموعو تيار ٿيو. هي مجموعو سترهين صديءَ جي آخر ۾ نظام غني بخاري ”روضة الاشعار“ نالي سان تيار ڪيو(4).

هن اسٽائيل جي باري ۾ ٻنهي علائقن ۾، ساڳئي وقت هڪ واقعو پيش آيو. هڪ ئي وقت ”سليقئہ هندي“ ۾ هڪجهڙن لفظن جي استعمال تي اعتراض ٿيو ۽ تنقيد ڪئي وئي. سترهين صديءَ ۾ ماوراء النهر جو هڪ تذڪره نگار مليحا سمرقندي پنهنجي تذڪري ”مذڪرالاصحاب“ ۾ هن مسئلي جو ذڪر ڪندي مفيد معلومات ڏئي ٿو. ان مان خبر پوي ٿي تہ گهڻن نقادن ”سليقئہ هندي“ جي شاعرن: ابو طالب ڪليم، شوڪت، ناصر علي، قاسم بيگ ديوانہ، مومن مشهدي ۽ خاص ڪري صائب تبريزي جي شعرن تي تنقيد ڪئي آهي. مثال طور:

- در شهر فنا با خاک يکسان بود از پستي
  پي داخل شدن چون شمع ز ديدم قد خود را

(فناجي شهر ۾ آءُ مٽي ٿي ويس. مون ڪي بہ ان ۾ داخل ٿيڻ لاءِ، ٻرندڙ شمع وانگر ٻُري ختم ٿيڻو پوندو)

مليحا هن شعر تي تنقيد ڪندي چوي ٿو ته، جڏهن شاعر اڳ ۾ ٿي فنا جي شهر ۾ مٽي ٿيڻ جي ڳالهه ڪري ٿو، تڏهن اها بي وقوفي آهي ته شاعر ٻه سٽي جي آخر ۾، شمع وانگر ختم ٿيڻ جي ڳالهه ڪري.

ساڳي طرح سان "سليقۂ هندي" جي عظيم شاعرن: عرفي شيرازي، طالب آملي ۽ ظهوري ترشيزي - تي به هندستان ۾، وچ سترهين صديءَ ۾ تنقيد ۽ اعتراض شروع ٿيا. مثال طور هن دور جو هڪ مشهور نقاد ملا شيداي (وفات: 1644ع)، محمد جان قدسي (وفات: 1640ع) جي، امام علي موسيٰ رضا بابت چيل منقبت تي سخت تنقيد ڪري ٿو. هن فني بنيادن تي قدسيءَ جي منقبت تي ننول ڪندي پنهنجا اعتراض داخل ڪيا. هن دور جي هڪ ٻئي مشهور شاعر منير لاهوري (وفات: 1645ع) پڻ بحث ۾ حصو ورتو. هن هڪ قصيدي ۾ قدسيءَ جي قصيدي تي، شيدا جي تنقيد سان گڏ پنهنجا خيال به ظاهر ڪيا. ڪجهه وقت بعد سراج الدين علي خان آرزو (وفات: 1755ع)، پنهنجي ڪتاب "داد سخن" ۾ قدسي جي قصيدي تي منير ۽ شيدا جون منظوم تنقيدون ڏيندي، هڪ تقابلي اڀياس پيش ڪيو. فاضل ايڊيٽر ڊاڪٽر سيد محمد اڪرم لاهوري "داد سخن" جي نئين ايڊيشن ۾، هن مسئلي تي مفصل روشني وڌي آهي(5). آءُ هت وڌيڪ تفصيل ۾ وڃڻ بجاءِ، اهو ٻڌائڻ پسند ڪندس ته، هندي اسٽائيل تي هڪ ٿي وقت ٻنهي علائقن ۾ هڪجهڙي تنقيد، ٻنهي خِطن ۾ ادبي لاڳاپن جي گهٽي ويجهڙائي ظاهر ڪري ٿي.

ارڙهين صديءَ جي ابتدا ۾ هنن لاڳاپن ۾ هڪ ننڍڙي تبديلي آئي. ننڍي کنڊ جي عظيم شاعر ۽ فلاسافر عبدالقادر بيدل (وفات: 1721ع)، جا ڪم سندس موت کان سنت پوءِ، سنڌ جي معرفت ماوراءِ النهر ۾ داخل ٿيا. جتي هن جو اسٽائيل وقت جي ادبي شخصيتن قبول ڪيو ۽ تمام تڪڙو هن جا پوئلڳ وڌڻ لڳا. هن جو پهريون چاهيندڙ قانع نسفي هو. هن 1750ع تائين پنهنجو ديوان مڪمل ڪيو جنهن ۾ 4400 شعر هئا. هن جي ديوان توڙي ان دور جي ٻين شاعرن جي شعرن مان، خبر پوي ٿي ته اهي سڀ بيدل جي فن ۽ فڪر مان ڪيئن نه متاثر ٿيا

هئا! ڪجهہ وقت بعد سندس اسٽائيل وڏي اهميت اختيار ڪئي. هن جو اثر ايترو تہ گهرو هو جو، ارڙهين ۽ اوڻيهين صدين جي ماوراء النهر جي شاعري، سندس فڪري دائري ۾ ڦرندي رهي. هن سلسلي جو آخري شاعر سيد محمد نقيب خان طغرل احراري (وفات: 1915ع) آهي. سندس ديوان ۾ 4500 شعر آهن، ۽ اهو بخارا ۾ سال 1916ع ۾ ڇپيو هو. هڪ غزل جا ابتدائي ۽ آخري شعر ڏجن ٿا:

به عجز از ناتوا نيها اگر بردي تو راه آنجا
صداي ڪوس نوبت زن زماهي تا بماه آنجا
چه خوش گفته است. طغرل، حضرت بحر سخن بيدل
باوج ڪبريا ڪز پهلوي عجز است راه آنجا

هنن ٻن شعرن مان خبر پوي ٿي تہ، هي ۽ ٻيا شاعر حضرات، ڪيتري حد تائين بيدل جي فن، فڪر ۽ اسٽائيل کان متاثر هئا.

ساڳيو اسٽائيل افغانستان ۾ بہ وجود ۾ آيو، پر اتي ان جي ظهور ۾ اچڻ جي دور بابت ڪجهہ بہ نہ ٿو چئي سگهجي. جيتري مون کي ڄاڻ آهي تہ، اسان جي افغان دوستن هن بابت تحقيق نہ ڪئي آهي. ان هوندي بہ ظاهر آهي تہ اوڻيهين صديءَ جي آخري اڌ ۾، بيدل جو اسٽائيل افغانستان ۾ مقبول ٿي چڪو هو. ان وقت ڪي شاعر هن فڪر سان لاڳاپجي چڪا هئا. اهو اسٽائيل بہ ماوراء النهر ۾ بيدل جي فڪر وانگر ڏسجي ٿو.

افغانستان ۾ هن اسٽائيل جو وڏي ۾ وڏو شاعر غلام محمد خان طرزي هو. سندس ديوان 1900ع ۾ ڪراچيءَ مان ڇپيو هو. هن ديوان ۾ چاليهہ هزار شعر آهن. سندس اڪثر شعر ”سليقہ ۽ هندي“ جي وڏن شاعرن: صائب تبريزي، ڪليم ڪاشاني، شوڪت بخاري ۽ ناصر علي جي اسٽائيل ۾ آهن. شاعر 314 شعر، بيدل جي اسٽائيل ۾ چيا آهن.

اوڻيهين صديءَ جي آخر ڌاري، افغانستان ۾ اقتدار جي جنگ شروع ٿي ۽ آخرڪار گهرو لڙائيءَ ۾ بدلجي وئي. غلام محمد طرزيءَ کي قيد ڪيو ويو ۽ ڪيئي سال جيل ۾ رهيو. پاڻ 1881ع ڌاري پنهنجي خاندان سميت ڪراچي لڏي آيو.

سنڌ جي شاعرن ۾ مخدوم ابراهيم خليل ٺٽوي، سيد غلام محمد شاهه گدا حيدر آبادي، ۽ سيد تقي شاهه تائب، ان اسٽائيل ۾ لکيو ۽ ان طرح سنڌ ۾ بيدل جو ادبي گس مقبول ٿيو. هن وقت اسين سنڌ ۾، بيدل جي اثر جي حد جو ڪاٿو نه ٿا ڪري سگهون. ادبي لاڳاپن جي هن پهلو بابت اميد ته مستقبل ۾ وڌيڪ اڀياس ٿيندو. البته هي ڳالهه نهايت دلچسپ آهي ته، بيدل جو اسٽائيل سنڌ جي معرفت، ماوراء النهر پهتو ۽ پوءِ وري اتان کان سنڌ ڏي موٽ ڪاڏائين. ان طرح ماوراء النهر، افغانستان ۽ سنڌ جي لاڳاپن جي خبر پوي ٿي. هڪ وڌيڪ ڳالهه جيڪا ماوراء النهر ۽ سنڌ جي فارسي شاعريءَ ۾ تعلق جي نشاندهي ڪري ٿي، ساهي آهي ته اوڻيهين صديءَ ۾ سنڌ اندر، مثنوي ۽ قصيدو ٺيڪ ان طرح لکجڻ ۾ آيو: جيئن ماوراء النهر ۾ لکيو ٿي ويو. مير صوبدار خان جو ”فتح نامه“ بحر وزن ۽ انداز بيان ۾ فردوسيءَ جي ”شاهه نامه“ سان گهڻي مشابهت رکي ٿو. مير مائل ٺٽوي (وفات: 1836ع) هڪ قصيدو مير صاحب (ڪرم علي خان) جي بنگلي ۽ باغ جي شان ۾ چيو آهي. هي قصيدو بحر وزن، بيان، انداز ۽ قافيي ۾، ابو عبدالله رودڪي جي هڪ قصيدي سان مشابهت رکي ٿو. مير مائل جي قصيدي جون ڪجهه سٽون هن طرح آهن:

مژده کان تشریف جان آید همي
مژده کان جانِ جهان آید همي
بعني اکنون طبع من در نظم شعر
پیر وِ آن نکته دان آید همي
بسکه نظمش همچو نظم رودکي
دل فروزِ دوستان آید همي

سنڌ ۾ مير مائل کان سواءِ، ساڳئي دور ۾ ٻين شاعرن به هي اثر قبول ڪيو. اسين پنجاب ۾ پڻ هن دور ۾، ساڳيو رودڪي وارو اثر ڏسون ٿا. مثال طور سيد انصاري نشتر لاهوري (وفات: 1894ع)، جي هڪ غزل ۾ بحروزن ۽ قافيي جو ساڳيو رودڪي وارو طريقو موجود آهي. ان طرح ڏسجي ٿو ته خراسان ۽ ماوراء النهر جي ڏهين صديءَ جي

شاعري جو، سنڌ ۽ پنجاب ۾ اوڻيهين صديءَ جي شاعرن تي وڏو اثر هو. هن خطي جي عالمن ۽ شاعرن؛ سرزمين، سماجي ۽ ادبي تفاوت جي هوندي بہ، ڪلاسيڪل ليکڪن جي اثر کي قبول پي ڪيو.

سنڌ پاران ايران ۽ ماوراء النهر ۾، ادبي ڳانڍاپو قائم ڪرڻ اهم ڪردار ادا ڪيو ويو آهي. جيئن مون هڪ مضمون ۾ لکيو آهي، سورهين صديءَ جي شروع کان صفوين ۽ شيبانين ۾ مذهبي ۽ سياسي تڪرار سبب، ايران ۽ ماوراء النهر جي ادبي تعلقات ۾ ماٺار اچي وئي، يا وري بنهہ ختم ٿي ويا. ان دور ۾ سنڌ واحد ملڪ هو جنهن انهن لاڳاپن کي برقرار رکڻ ۾ مدد ڪئي. پر جڏهن اوڻيهين صديءَ ۾ سنڌ ڌارين جي قبضي ۾ اچي وئي، تڏهن ڪجهہ وقت لاءِ ماوراء النهر سان ادبي لاڳاپا ختم ٿي ويا.

مطلب تہ ننڍي کنڊ جي هن حصي ۽ ماوراء النهر ۾، مختلف دورن جا ادبي لاڳاپا وڏي اهميت رکن ٿا. جيئن مقالي جي مُهڙ ۾ چيو اٿم، هي تعلقات نهايت پراڻا آهن. ان جو دائرو جدا جدا دورن سان ۽ نظم توڙي نثر جي مختلف صنفن سان ڏسجي ٿو. جيڪڏهن ٻنهي علائقن جا اسڪالر، هڪ ٻئي سان سهڪار ڪري تحقيق ڪن تہ، هوند بهتر نتيجا ظاهر ٿين. اهو لازم آهي ۽ مون کي پڪ آهي تہ، پاڪستاني عالم هن ڏس ۾ اسان سان تعاون ڪندا. اهڙو تعاون سچ تہ موزون ماحول ٺاهيندو ۽ ان طرح سائنس توڙي ادب جي ميدانن ۾، تعلقات اڃا بہ وڌيڪ مضبوط ٿيندا.

**مترجم پاران وضاحتي حاشيا:**

1) ماوراء النهر - مان مطلب مرڪزي ايشيا آهي. هن دائري ۾ سوويت يونين جي ٽٽڻ سان، آزاد ٿيل پنج رياستون، ۽ افغانستان جو ملڪ شامل آهن. هن مقالي ۾ پريس جون اڪيچار غلطيون هيون، جن کي دور ڪرڻ لاءِ ساڳئي مقالي جي فارسي اختصار کي بہ سامهون رکيو ويو آهي. اهو اختصار ايران جي رسالي ”وحيد“ ۾ ڇپيو، ۽ مون کي ان جي ڪاپي اسلام آباد مان، ڊاڪٽر عارف نوشاهي صاحب موڪلي ڏني.

2) عبدالغني ميرزايف پهريون پيرو، مطربي سمر قنديءَ تي سنجيده تحقيق ڪئي. سندس ڪوشش سان مطربي جا تذڪرا: تذڪرة الشعرا – ۽ – خاطرات مطربي – ڇپجي ظاهر ٿيا. هي تذڪرا سال 1976ع، ۽ سال 1977ع ۾، ڪراچي يونيورسٽيءَ جي اولهه ۽ وچ ايشيا جي مطالعاتي مرڪز، پير حسام الدين راشدي صاحب جي تعارف ۽ حاشين سان ڇپيا آهن.

3) سليقهء هندي/ سبڪ هندي – هڪ ادبي تحريڪ جو نالو آهي، جنهن ۾ شعر جي اسلوب ۾ جدت طرف ڌيان ڏنو ويو.

4) مقالي ۾ پريس جي غلطيءَ سبب تذڪري جو نالو درست نہ ڇپيو آهي. هڪ گمان موجب "روضة الاشعار" ۽ ٻي راءِ موجب "بدايعة الاشعار" تي سگهي ٿو. هي تذڪرو تاجڪستان انسٽيٽيوٽ آف اورينٽل اسٽڊيز ۾ 2256 نمبر تي آهي.

5) داد سخن – جو هي ايڊيشن مرڪز تحقيقات فارسي ايران و پاڪستان اسلام آباد، پاران سال 1974ع ۾ ڇپيو آهي.

(ٽہ ماهي "مهراڻ" 1999/3ع ۾ ڇپيو)

●

# منتخب النواريخ ۾ سنڌ جو اتهاس*

[ڊاڪٽر عارف نوشاهي صاحب جو هي مقالو سہ ماهي "فڪر و نظر" اسلام آباد جي اپريل – جون 2002ع واري پرچي ۾ ڇپيو آهي، جنهن ۾ سنڌ جي اتهاس بابت عمدي گفتگو ڪئي وئي آهي]

منتخب التوارخ: جي نالي سان فارسي زبان ۾ گهڻا ڪتاب لکيا ويا آهن (1). انهن مان شهرت ۽ مقبوليت صرف ملا عبدالقادر بدايوني (947 هـ/ 1540ع - 1004هـ/ 1595ع) جي، هن نالي سان لکيل ڪتاب کي ملي سگهي. هن جي ڀيٽ ۾ باقي ڪتابن کي اهميت حاصل نہ ٿي ۽ اهي ڪنهن حد تائين نظرن کان اوجهل رهيا. انهن ۾ اٽڪ جي محمد يوسف جو لکيل ڪتاب "منتخب التواريخ" بہ شامل آهي (2). هڪ مبصر جي خيال ۾ مغل دور ۾ لکيل عمومي تاريخن ۾ "جامع التواريخ رشيدي" کان پوءِ، يوسف جو ڪتاب جامع ترين هجڻ سان گڏ، رائج الوقت علمي معيارن کي سامهون رکندي تيار ڪيو ويو آهي. نہ رڳو ايترو پر ان کي تاريخ ۽ جاگرافيءَ جو هڪ دائرة المعارف (انسائيڪلوپيڊيا) سڏي سگهجي ٿو (3). ظلم هي آهي تہ نہ اجا ڪتاب ڇپيو آهي ۽ نہ وري ان جي مصنف جي سوانح ملي سگهي آهي. ڪتاب جي ديباچي ۾ ليکڪ پاڻ کي "الاتکي اصلاً و وطناً والکنعاني المولدا" ڄاڻايو آهي (4). اٽڪ تہ سڀني کي معلوم آهي تہ هي پنجاب جو هڪ تاريخي شهر آهي. ليڪن مصنف جي جاءِ پيدائش ڪنعان تحقيق طلب ڏسجي ٿي. ڇا هي اهو ئي ٻن نهرن جي وچ وارو علائقو ڪنعان آهي، يا مصنف پنهنجي نالي جي نسبت سان، حضرت يوسف جي نالي منسوب ڪنعان (فلسطين) جو نالو لکيو آهي؟ هي ڪتاب مصنف انعام جي اميد تي 15 ذوالحج 1056هـ (1647ع) تي مڪمل ڪري شاهہ جهان جي

---

* ليکڪ: ڊاڪٽر عارف نوشاهي

نالي منسوب ڪيو. البت ڪتاب ۾ اهڙيون شاهديون ملن ٿيون تہ، ليڪڪ پوءِ بہ ان ۾ واڌارا ڪندو رهيو. مثال طور شاهہ عباس ثاني صفوي جي ذڪر ۾ لکي ٿو:

”در سنہ يک هزار، هفتاد وهفت هجري وديعت حيات سپرد“(5).

مطلب تہ 1077 هہ تائين واڌارا ٿيندا رهيا. هي ڪتاب ”منتخب التواريخ“ هڪ عمومي تاريخ آهي، جو حضرت آدم جي بيان سان شروع ٿي، شاه جهان جي تخت نشيني (1037هہ) جي واقعي تي ختم ٿئي ٿو. مصنف پنهنجي مقصد خاطر هڪ مقدمو، پنج قسم ۽ هڪ خاتمو تيار ڪيو آهي.

مقدمو: ڪائنات جي تخليق وغيره تي بحث.

قسم اول: پيغمبرن ۽ انهن جي مددگارن جي تاريخ.

قسم ٻيون: روءِ زمين جي بادشاهن جا حالات، جي آنحضرت صلي الله عليه وسلم کان پهريائين ٿي گذريا آهن. هن جي پهرئين باب ۾ ايراني بادشاهن جو ۽ ٻئين باب ۾ باقي دنيا جي بادشاهن جو تذڪرو ڏنيو آهي.

قسم ٽيون: آنحضرت صلي الله عليه وسلم ۽ بعد جي خليفن جو ذڪر المستعصم بالله تائين. هن باب ۾ ڇهن امامن جا حالات بہ ملن ٿا.

قسم چوٿون: آنحضرت صلي الله عليہ وسلم کان پوءِ ايران، توران ۽ روم وغيره جي بادشاهن جا حالات ۽ تاريخ.

قسم پنجون: امامن، عالمن ۽ عربي توڙي فارسي گو شاعرن ۽ درويش عورتن جو ذڪر.

خاتمو: ستن ولايتن ۽ اسلامي ملڪن جي شهرن ۽ جاگرافيائي ماڳن جو احوال.

هن مضمون ۾ اسان جي دلچسپي، ڪتاب جي قسم ٽئين جي باب ٻئين جي چوٿين فصل سان آهي، جنهن ۾ سنڌ جي راجائن ۽ حاڪمن جو ذڪر ملي ٿو. هن ۾ مصنف عهد رسالت جي ابتدا کان

ڪري، اڪبر جي دور ۾ سنڌ تي قبضي تائين، حڪومت ڪندڙ پنجن طبقن (سلسلن) جي زماني جي ترتيب سان تاريخ لکي آهي. اهي پنج طبقا هن ريت آهن:

طبقو اول: چار حڪمران ٿيا. راءِ سهي رس، ساهسي بن راءِ سهي رس، چچ بن سيلاج ۽ ڏاهر بن چچ. محمد بن قاسم جي هٿان سنڌ جي فتح جو ذڪر بہ ڪيو ويو آهي.

طبقو ٻيون: بنواميہ ۽ بني عباس پاران سنڌ تي مقرر ٿيل گماشتن جو احوال، جي محمد بن قاسم جي وفات کان پوءِ هتي مقرر ٿيا. هي ڇهہ ماڻهو هئا: احنف بن قيس، عامر بن عبدالله، ابوالخطاب، دائود بن علي، ابوالعباس، عبدالرزاق.

طبقو ٽيون: سومره (445-680 هہ). هن ۾ ويهن حڪمرانن جا حالات، نهايت اختصار سان درج ٿيا آهن.

طبقو چوٿون: سمہ مشهور ڄام (680-916 هہ). هي سترهن حڪمران ٿيا. آخري ڄام فيروز جو ذڪر تفصيل سان ٿيو آهي، ۽ باقي ڄامن جو صرف نالي جي حد تائين بيان ملي ٿو.

طبقو پنجون: ارغون ۽ ترخان، اڪبر جي قبضي ۾ اچڻ تائين، سنڌ جي ارغونن ۽ ترخانن جي ستن حڪمرانن جو تفصيلي ذڪر: امير ذوالنون ارغون، شاه بيگ ارغون، ميرزا شاه حسن ارغون، ميرزا عيسيٰ ترخان، ميرزا محمد باقي ترخان، ميرزا جاني بيگ ترخان، ميرزا غازي بيگ ترخان.

سنڌ جي حاڪمن لاءِ وقف ڪيل هن حصي کان علاوه، مصنف پنجين قسم ۾ هندستان جي ٻين بادشاهن جي تاريخ ۾ پڻ، سنڌ جي حڪومتن جو بيان آندو آهي. مثال طور شمس الدين التمش (607 هہ/ 1210ع - 633 / 1235ع) جي وقت ۾ ملتان ۽ اچ ۾، سنڌ اندر ناصر الدين قباچہ جي حڪومت جو ذڪر ۽ فيروز شاهہ تغلق (وفات: 790هہ) جي هٿان سنڌ جي فتح جو احوال.

سنڌ جي حڪمرانن جي تاريخ لکندي، مصنف جن ڪتابن جا حوالا ڏنا آهن انهن ۾: تاريخ طبري، تاريخ نظامي ۽ تاريخ سنڌ. جا نالا

نمايان ڏسجن ٿا. مير محمد معصوم بکري (944-1014هـ) جي "تاريخ سنڌ" محمد يوسف جي سامهون هئي. تاريخ نظامي، مان مراد شايد حسن نظامي نيشاپوري (تصنيف 602هـ/ 1206ع) جي تصنيف "تاج الماثر" هجي. مصنف ڪجهه معلومات سڌو سنئون، سنڌ جي ماڻهن کان به حاصل ڪئي. جيئن پاڻ هڪ جاءِ تي لکي ٿو: "ازسياق کلام تاريخ سند چنان معلوم شدکہ مردم سمہ از ولايت کچهہ بہ سند آمده بودند... امادر تاريخ نظامي چنان مسطور است کہ اصل و نسل اين طائفہ بہ جمشيد بن طهمورث منتهي مي گردد... اما از بعضي مردم سند استماع افتاده از قريش اندکہ از ولايت شام بديار سنڌ آمده بودند "(6).

**سنڌ جي تاريخ بابت منتخب التواريخ مان ڪجهه ٽڪرا:**

1- چچ بن سيلاج جي قابليت جي باري ۾ لکي ٿو:

"جواني خوش منظر در نهايت فصاحت و بلاغت چچ نام حاضر آمد- حضار مجلس از فصاحت زبان و طلاقت لسان او حيران ماندند--- او در علم محاسبہ ديواني و لغات هندي وسندي و خطوط مهارتي تمام داشت"، (ورق 105 الف).

ترجمو:

"چچ نالي هڪ خوبصورت نوجوان گهڻي فصاحت ۽ بلاغت جو مالڪ حاضر ٿيو. مجلس ۾ موجود ماڻهو سندس زبان جي رواني ۽ فصاحت ڏسي دنگ رهجي ويا. هو علم حساب ديواني ۽ پڻ هندي توڙي سنڌي ٻولين ۾ مڪمل دسترس رکندو هو."

2- ڄام فيروز جي ڪردار جي باري ۾ لکي ٿو:

"چون در عنفوان شباب جام فيروز برتخت سلطنت بنشست، بساط عيش و نشاط مبسوط گردانيده اکثر اوقات بدرون حرم مي بود- احياناً کہ بيرون مي آمد لوليان و مسخره ها در مجلس اومي بودند و هزلها و مسخرگيها [113 الف] مي کردند و در زمان او مردم

سمہ و نديمان تعدي بر اهل شهر مي نمودند و چون درياخان مانع مي شد بہ او اهانت مي رسانيدند- بدين جهت درياخان بہ موضع كاهان كہ جاگير او بود رخصت گرفتہ رفت".

ترجمو:

"جڏهن ڄام فيروز نوجواني ۾ سلطنت سنڀالي تڏهن عيش ۽ عشرت ۾ مشغول ٿي ويو. زياده وقت حرم ۾ رهيو ٿي. ٻاهر ايندو هو تہ سندس مجلس ۾، مشڪرا ۽ خسيس ماڻهو حرڪتون ڪندا ٿي رهيا. سندس دور ۾ سمن جا امير ۽ ماڻهو، رعيت تي ظلم ڪندا رهندا هئا، ۽ جڏهن [فيروز جو عمدة الملڪ] درياخان انهن کي روڪيندو هو تہ ان جي بہ بيعزتي ڪندا هئا. ان ڪري درياخان [فيروز کان] اجازت وٺي پنهنجي جاگير ڳاها ۾ اچي رهيو"

3- دريا خان جي دور ۾ ڳاها ۾ هرات جي عالمن جي آمد:

"و درهمان ايام مخدوم عبدالعزيز ابهري محدث (7) و مولانا اثيرالدين ابهري (8) و مولانا محمد پسران اوكہ هريكي عالمي متبحر بود، بموضع كاهان تشريف فرموده چند سال بہ افاده و نشر علوم پرداختند- و آمدن ايشان از هرات بسبب خروج شاه اسماعيل ماضي در شهور سنہ ثمان و عشر و تسع مائتہ بود و مولانا مشار اليہ جامع علوم نقليہ و عقليہ بود و تصانيف پسنديده در هر علم دارد كہ يكي از آن جملہ شرح مشكوة است و بر اكثر كتب متداولہ حواشي (9) نوشتہ اند و در همان بقعہ بعالم بقا خراميدند" (10). (ورق 113 الف).

ترجمو:

"ان دور ۾ مخدوم عبدالعزيز ابهري محدث ۽ سندس پٽ مولانا اثير الدين ابهري ۽ مولانا محمد جي سڀ وڏا عالم هئا [سنڌ جا]، ڳوٺ ڳاها ۾ آيا ۽ ڪجهہ سالن تائين ماڻهن کي فيض ڏيڻ ۽ علم جي واڌاري ۾ مصروف رهيا. هي ان وقت پهتا جڏهن شاهہ اسماعيل صفوي، سن 918هہ ۾ هرات تي قبضو ڪيو [۽ اتي جي سنت جماعت سان وابستہ عالمن کي تڪليفون ڏيڻ شروع ڪيائين]. هي عالم سڀ‍ورا منقول ۽ معقول ۾ ماهر هئا ۽ هر علم ۾ عمدا ڪتاب تيار ڪيائون. پاڻ رائج

كتابن تي حاشيا بہ لکيائون. سندن وفات بہ اتي [ٻگاها] ٿي."

## 4- سنڌ جي شهرن ٻگاها ۽ باغبان جي رونق:

" آن لشکر [ظهير الدين بابر بادشاہ] درهفدهم شهر ذيقعده سنہ عشرين و تسع مائتہ قريہ کاهان و باغبان را آمده تاختند- گويند کہ معموري آن ديار بہ حدي بود کہ درين تاخت هزار شتر از چرخ هاي باغات کہ کار مي کردند بردند و چيز هاي ديگر بر اين قياس بايد کرد" (11). (ورق 112 اب).

ترجمو:

" 17 ذيقعده 930هہ تي جڏهن ظهير الدين بابر جو لشکر سنڌ پهتو ۽ ٻگاها توڙي باغبان جي شهرن کي تاراج ڪيائون، تڏهن چون ٿا تہ هي علائقو ايترو تہ آباد هو جو، بابر جي لشڪر کي لٽ مار مان هڪ هزار اٺ هٿ آيا، جي باغن ۾ ڪم ڪندا هئا. وڌيڪ ڦرلٽ جو بہ ان مان اندازو ڪري سگهجي ٿو."

## 5- شاہ بيگ ارغون جي هٿان ٺٽي جي بربادي:

"تا بيستم ماه مذکور [محرم 926هہ] شهر تتہ تاراج و غارت نموده خاک مذلت بر فرق ساکنانش بر افشاندند و مضمون کريمہ "ان الملوک اذا دخلوا قرية افسدوها" [النمل/ 34] بابلغ وجهي ظاهر گشت و بسيار از اهل و عيال مردم دربند افتادند- آخر بسعي قاضي قاضن کہ يکي از فضلاءِ آن عصر بود آن نائره غضب فرونشست و منادي فرمود کہ ديگر هيچ کس معترض اموال و عيال مردم تتہ نشود"، (ورق 118 الف).

ترجمو:

" 20 محرم 926هہ تي شاہ بيگ ارغون ٺٽي کي برباد ڪيو ۽ اتي جي ماڻهن کي اهڙي طرح بيعزتو ڪيو جو هي آيت [بيشڪ بادشاہ جڏهن ڪنهن شهر ۾ داخل ٿيندا آهن تہ ان کي برباد ڪندا آهن] پنهنجي پوري مطلب سان ظاهر ٿي. ماڻهن جا پار ٻچا قيد ٿيا.

آخرڪار ان دور جي هڪ عالم قاضي قاضن جي ڪوشش سان غضب جي باھ ٿڌي ٿي ۽ پڙھو ڏنو ويو تہ ماڻھن جي مال ۽ اولاد سان وڏيڪ ڇيڙ ڇاڙ نہ ڪئي وڃي."

## 6- بکرجي قلعي جي تعمير:

"بعد از چند روز شاھ بيگ بقلعہ بکھر در آمده از ديدن آن قلعہ بغايت خوش حال گشتہ منازل و محلات شھر را ملاحظہ نموده ميان امرا و سپاھيان قسمت فرموده و قلعہ را پيموده و بخش کرده بہ امرا داد تا دست بدست تعمير نمايند و قلعہ الور را کہ قديم الايام پايتخت بود ويران ساختہ خشت پختہ آن را بہ بکھر آوردند و عمارات مردم ترک و سمہ کہ در حوالي بھکر بود اکثري را ويران ساختہ بہ عمارات قلعہ بکھر [119 الف] بکار بردند و در اندک فرصت عمارت قلعہ را باتمام رسانيدند."

ترجمو:

"ڪجھہ ڏينھن کان پوءِ شاھ بيگ بکر جي قلعي ۾ آيو ۽ ان کي ڏسي گھڻو خوش ٿيو. شھر جا محلا ۽ مڪان ڏسي پنھنجن اميرن ۽ سپاھين ۾ تقسيم ڪيائين. قلعي جي پيمائش ڪري مختلف حصا، مختلف اميرن کي ڏنائين تہ جيئن ڪم تڪڙو مڪمل ٿي سگھي. اروڙ جي قديم ڪوٽ مان، جو ڪنھن وقت تختگاھ ھو، پڪيون سرون ڪڍي بکر آنديون ويون. بکر جي آس پاس ترڪ ۽ سمان ماڻھن جون عمارتون ڊاھي، بکر جي تعمير ۾ ڪتب آنڌئون. ان ريت ٿوري عرصي ۾ قلعي جي عمارت مڪمل ٿي."

## 7- سنڌين جو جنگ ڪرڻ جو طريقو:

"ناگاه لشکر مخالفان از پيش نمايان شد و آن مردم بمجرد ديدن لشکر ھمہ بيک بار از اسب فرود آمده دستارھا از سر برداشتہ و گوشہ ھاي چادر بايک ديگر بستہ بجنگ در پيوستند - واين قاعده سند و ھند است کہ ھرگاه بخود قرار کشتہ شدن مي دھند از اسبان پياده شده سرھا برھنہ کرده چادرھا و کمر بندھا بيک ديگر مي

سواءِ، ٻيا سڀ مخطوطہ يا تہ ناقص آهن، يا وري اڻ پورا ڏسجن ٿا. شايد اهو ئي سبب آهي جو اڄ تائين، هي ڪتاب ڇپجي نہ سگهيو آهي. خود مون وٽ بہ جيڪو نسخو آهي اهو ناقص آهي. هي قسم اول کان "آصف بن برخيا" جي حالات کان شروع ٿي، قسم چوٿين ۾جهانگير جي ذڪر تي، سندس پاران اعتمادالدولہ جي ڌيءَ جي رشتي جي گهرج واري ذڪر تي ختم ٿئي ٿو. هن صورتحال ۾ قسم اول ۽ قسم چوٿين جي ڪجهہ جزوي مضمونن جي کوٽ کان علاوه، هن نسخي ۾ مصنف جو مقدمو، قسم پنجون ۽ خاتمو مڪمل طرح ڪونهن. هي نسخو ڪل 155 ورقن تي مشتمل آهي، جنهن جي مهڙ ۾ هڪ اڻ لاڳاپيل ورق آهي، جنهن تي "هاشم فدوي بادشاهہ غازي محمد شاهہ 1132هہ" جي مهر لڳل آهي. ممڪن آهي تہ هي نسخو "منتخب التواريخ" جو ڪو اختصار هجي.

**انتخاب منتخب:**

هن ڪتاب جي سنڌ جي حوالي سان هڪ قابل ذڪر ۽ دلچسپ ڳالهہ هي آهي تہ، اتي جي هڪ فاضل منشي عبدالشڪور بن عبدالواسع ٺٽوي، عالمگير جي دور ۾ سن 1084هہ/ 1673ع ۾ "منتخب التواريخ" جو هڪ اختصار "انتخاب منتخب" جي نالي سان تيار ڪيو. هن اختصار جي ديباچي ۾ عبدالشڪور پنهنجي خاندان جي باري ۾ ٻڌائي ٿو تہ، سندس ڏاڏو ابوالقاسم بکر ۾ پيدا ٿيوءِ پاڻ وڏو عالم هو. پاڻ ٺٽي جي حاڪم مرزا جاني بيگ جو استاد هو، تڏهن 980 هہ ۾ ٺٽي لڏي آيو. مرزا محمد باقي فوت ٿيو تہ مرزا جاني بيگ حڪمران ٿيو. ان وقت ابوالقاسم کي ٺٽي جو صدر مقرر ڪيو ويو. ابوالقاسم ۽ ابوالفضل ۾ بہ دوستاڻہ تعلقات هئا. ابوالقاسم جو پٽ ۽ عبدالشڪور جو والد شيخ عبدالواسع، پنهنجي دور جو بهترين خطاط ۽ انشاء پرداز هو. منتخب التواريخ،جي هي تلخيص منشي عبدالشڪور ان وقت تيار ڪئي، جڏهن سندس عمر چاليهہ سال تي چڪي هئي. ان جو مطلب تہ پاڻ 1044 هہ/ 1634ع کان ٿورو اڳ ڄائو هو. اختصار جي ترتيب پڻ ساڳي اصل

ڪتاب (منتخب التواريخ) واري آهي. البت سنڌ جي ترخان حڪمرانن جي ذڪر ۾ عيسيٰ خان، باقي خان ۽ جاني بيگ جو ذڪر ڪي قدر تفصيل سان ڪيو ويو آهي. ممڪن آهي تہ خانداني وابستگيءَ جي بنياد تي، عبدالشڪور هي واڌارا ڪيا هجن (13).

انتخاب منتخب، جا قلمي نسخا: ڪتابخانہ مجلس تهران (شماره 218)، ذخيره سلام، شماره 87 / 317، ملڪيت مولانا آزاد لئبريري علي ڳڙهہ مسلم يونيورسٽي، ڪتابخانہ گنج بخش اسلام آباد (شماره 3884)، ۽ مجموعہ شيراني، پنجاب يونيورسٽي لئبريري لاهور (شماره 4688 / 1638) ۾ موجود آهن.

مير علي شير قانع ٺٽوي "تحفة الڪرام" (تصنيف 1181هہ) ۾، يوسف جي هن ڪتاب "منتخب التواريخ" مان مدد ورتي آهي. جڏهن تہ "تحفة الڪرام" جي مرتب سيد حسام الدين راشدي صاحب، حيدرآباد ۾ مولانا غلام مصطفيٰ قاسميءَ جي ذخيري ۾ موجود "منتخب التواريخ" جي نسخي تان خوب مدد ورتي آهي(14). هن نسخي جو وڌيڪ تفصيل معلوم نہ ٿي سگهيو.

**حاشيا:**

1. منتخب التواريخ، جي نالي سان ايران ۽ هندستان ۾ ٻارهن ڪتاب لکيا ويا (احمد منزوي: "فهرستواره ڪتاب هاي فارسي" تهران، 1995ع، جلد اول، صہ 659-661.
2. منتخب التواريخ، جو تعارف فهرستن جي ڪتابن کان سواءِ، ڪجهہ ادبي تاريخن ۽ ٻين ڪتابن ۾ بہ ملي ٿو. مثال طور: آفتاب اصغر جو ڪتاب "تاريخ نويسي فارسي در هندو پاڪستان" لاهور 1985ع، صہ 335-339؛ احمد منزوي: "فهرست مشترڪ نسخہ هاي خطي فارسي پاڪستان" اسلام آباد، 1987ع، ڏهون جلد، صہ 121-122، ۽ ساڳئي مصنف جو ڪتاب (حوالو مٿي ڏنل)، صہ 659-660، ظهور الدين احمد: "پاڪستان مين فارسي ادب" لاهور، 1974ع، جلد ٻيون، صہ 251-253.

راشدي صاحب "تحفة الڪرام"جي حاشين ۾ (ص 94-97)، سومرن بابت "منتخب التواريخ" جي ٽئين قسم ۾ آيل پوري عبارت ڏئي ڇڏي آهي. هن ڏس ۾ راشدي صاحب تعجب جو اظهار ڪيو آهي تہ، اٽڪي پاويهہ سومرن حاڪمن جي ڳالهہ ڪرڻ جي باوجود بہ، ويهن بادشاهن جا نالا ڏنا آهن (تحفة الڪرام، صہ 486). راشدي صاحب جنهن نسخي تان مدد ورتي، شايد ان جي ڪاتب غلطي مان "بيست ودو نفر" لکي ڇڏيو. ورنہ تہ منهنجي نسخي ۾ (بيست نفر، ورق III ب) ئي لکيل آهي. البتہ مون واري نسخي ۾ دودي بن پونگر جي احوال کان پوءِ باقي حڪمرانن جي احوال کي ڇڏي، صرف نالن ۽ سندن دور حڪومت تي پورائو ڪيو ويو آهي. ان کان پوءِ آخري حڪمران همير جا حالات ڏنا ويا آهن. منهنجي نسخي ۾ همير جي احوال کان پوءِ، مصنف جو اهو تبصرو بہ ڪونهي تہ، مير معصوم اختصار کان ڪم ورتو آهي ۽ مون پاڻ سنڌ جي ماڻهن کان پڇي تحقيق سان باقي ڳالهيون لکيون آهن. هي تبصرو راشدي صاحب جي استعمال ۾ رهيل نسخي ۾ موجود آهي (تحفة الڪرام، ص 97).

راشدي صاحب، سلطان محمود خان بن مير فاضل ڪوڪلتاش جي ذڪر ۾ "منتخب التواريخ" جي پوري عبارت ڏني آهي (صہ 194). راشدي صاحب جي نقل ڪيل ۽ منهنجي نسخي جي عبارتن ۾ معمولي اختلاف آهي، پر ان کي نظر انداز نہ ٿو ڪري سگهجي مثال طور:

| مخطوط قاسمي | نسخہ نوشاهي |
|---|---|
| - احمد خواجہ بواسطہ بملک محمود (نان) ده مير سد | احمد خواجہ بسہ واسطہ بملک محمود... (123 ب). |
| - احمد خواجہ دوپسر داشته | احمد خواجہ دوپسر داشته عاقل خواجہ و عادل خواجہ (ساڳيو حوالو). |

12. نسخن جو تفصيل انهن ماخذن ۾ موجود آهي، جن جا نالا احمد منزوي جي "فهرستواره" ۾ (حوالو نمبر1) درج ٿيل آهن.

13. نور الحسن انصاري "فارسي ادب بعهد اورنگزيب" دهلي 1969ع، صہ 469-479. انصاري صاحب، علي ڳڙهہ وارو نسخو استعمال ڪيو آهي. ۽ پڻ ڏسجي: احمد منزوي "فهرست مشترک" جلد 10، صہ 122-123؛ Storey, 1 / 127.

14. تحفة الڪرام، مير علي شير قانع ٺٽوي، ترتيب:سيد حسام الدين راشدي، حيدرآباد. 1971ع، صہ 505.

(ماهوار "ڪينجهر" جولاءِ 2004ع ۾ ڇپيل)

●

# سچل جي فارسي ڪلام جا اڻ قلمي نسخا*

[سچل سرمست جي فارسي ڪلام جي مختلف قلمي نسخن بابت هڪ تحقيقي ايياس، تازو سچل چيئر پاران نڪرندڙ "آشڪار"نمبر4، سال 1994ع ۾ اردو زبان ۾ شايع ٿيو آهي. ان مقالي جو ترجمو سنڌي پڙهندڙن جي خدمت ۾ پيش ڪجي ٿو]

هن ناچيز ڪليات حافظ عبدالوهاب سچل (فارسي) مرتب ڪيو آهي؛ جو فول اسڪيپ جي اٺن سون صفحن تي مشتمل آهي. ان ۾ سچل جا 359 غزل، اٺ مثنويون، ۽ هڪ ٻيو غزلن جو مختصر ديوان بنام "ديوان خدائي"، متفرقات ۽ هڪ نثر پارو به آهي، جنهن جو عنوان "نڪتہ تصوف" رکيو ويو آهي. ٻہ سؤ صفحن تي مشتمل مقدمو بہ لکيو ويو آهي، جنهن ۾ سندس سوانح ۽ ڪلام تي بہ تصبرو ڪيو ويو آهي. ان مقصد لاءِ ڇهيل توڙي قلمي مواد جي ضرورت پئي. استعمال هيٺ آيل قلمي نسخن ۾ وڏيڪ پروسي جوڳو اهو نسخو آهي، جو پنجاب يونيورسٽي لائبريريءَ جو سينگار آهي ۽ ان جو فوٽو اسٽيٽ، سچل چيئر جي سرگرم ڪارڪن ۽ مشهور سچل شناس، جناب محمد علي حداد وڏي ڪوشش سان حاصل ڪري مون کي مهيا ڪيو. ٻيو مکيہ نسخو اهو آهي جو فقير غلام محمد قادريءَ قلمبند ڪيو هو ۽ هن وقت ڊاڪٽر اياز قادريءَ جي ڪتبخاني ۾ آهي. ان جو مون فوٽو اسٽيٽ ڪرايو آهي. هتي هنن ٻن قلمي نسخن سميت سچل جي ڪلام جي ڪجهہ ٻين مخطوطن جو تعارف پيش ڪجي ٿو.

**ديوان آشڪار. مخطوط پنجاب. نمبر** Pl-vi-311-2513. **ملڪيت پنجاب يونيورسٽي لائبريري لاهور:**

هن نسخي جو ڪاتب محمد نشان فاروقي فقير آهي. ابتدا ۾ نہ

* ليکڪ: پروفيسر ڊاڪٽر ابراهيم خليل نقوي

مقدمو آهي ۽ نه وري تقريظ يا پيش لفظ؛ جنهن ذريعي ڪاتب جي سوانح، ذوق ۽ شوق، علم و فضل، يا نسخي جي شروع ٿيڻ جي تاريخ وغيره جي باري ۾ معلوم ٿي سگهي. البته خاتمي جي تاريخ پڄاڻيءَ تي ڏسجي ٿي. آخري صفحي 215 تي هي عبارت آهي:

"هٰذه الڪتاب ديوان آشڪار، محبت آثار، دلاويز اشعار، محرم اسرار، نيڪو ديدوار، وحدت وثار، معرفت اطوار، ازدست حقير محمد نشان فاروقي بتاريخ چهاردهم ماه رمضان 1244هه يوم جمعه بوقت نيم پارس صورت تحرير يافت."

هي نسخو سچل جي وفات کان پوءِ ٺيڪ سندس ٻين ورسيءَ جي موقعي تي، جمعي جي ڏينهن 14 رمضان 1244هه (20 مارچ 1829ع) تي محمد نشان فاروقي فقير لکي پورو ڪيو. هن عبارت جي هيٺان بلڪل آخر ۾ هڪ رباعي ۽ ٻه شعر درج آهن. هن نسخي ۾ 318 فارسي غزل، ٻه سرائڪي غزل، ۽ پوءِ 5 مستزاد، 22 رباعيون، 12 فرديات، ٻه قطعا ۽ مختلف مثنوين مان طويل اقتباس، صفحي 176 کان صفحي 214 تائين ڏنل آهن.

پروفيسر ڊاڪٽر عطا محمد حامي مرحوم "نينهن جا نعرا" ۾ محمد نشان فاروقيءَ جي باري ۾ نوٽ لکيو آهي: "محمد نشان ولد گل محمد فاروقي پنهنجي زماني جو وڏو عالم، اديب ۽ شاعر ٿي گذريو آهي. سن 1269 هجريءَ ۾ وفات ڪيائين. سندس ڪلام ناياب آهي. فقط ٻه تاريخي قطعه ملن ٿا. جيڪي هن مير سهراب خان ۽ مرثيه گو شاعر محمد عالم اوّل جي وفات تي لکيا هئا. سندس تصنيفات مان هڪ فارسي لغات (قلمي) راقم الحروف وٽ محفوظ آهي."

**ديوان آشڪار، ڪاتب محمد شجاع فاروقي، تاريخ 27 رمضان 1252هه. ملڪيت غوث محمد پيرزاده، سجاده نشين درگاهه ڪوٽڙي ڪبير، نوشهره فيروز:**

هي نسخو 227 صفحن تي مشتمل آهي، جنهن ۾ 316 غزل آهن. ٻه سرائڪي غزل به درج آهن. ٽي مستزاد، ساقي نامه جون ڪجهه رباعيون، ڪجهه فرديات ۽ مثنوي "تارنامه" جيڪا 146 شعرن تي مشتمل آهي. ان کان علاوه ڪجهه ڪلام مختلف عنوانن تحت به درج

ڪيو ويو آهي. مثال طور تي "دربيان ترک هستي گويد"، "دربيان اعليٰ عزم"، "دربيان موحد و ملحد" ۽ "دربيان ڪلام يکي حال و ديگري قال" وغيره. هي سلسلو صفحي 225 تائين هليو آهي. آخري صفحو 226 آهي جتي خاتمو هن ريت آهي:

"اين ڪتاب ديوان آشڪار عشق و خمار بلڪہ سرامہ ديدار آن يار تصنيف حضرت هادي مرشد مڪمل عارف بالله سچو بادشاهہ عليه الرحمة قدس الله سره العزيز ازدست فقير محمد شجاع فقير فاروقي بتاريخ بيست هفتم ماه رمضان 1252هہ صورت اتمام پذيرفت. بادشاهہ حضرت صاحبان مشفقان سرتاج درويشان مونس و شامل حال طالبان دام برڪاتہ. نوشتہ شد عاقبت خيرباد".

ڪاتب محمد شجاع فاروقيءَ 27 رمضان 1252هہ برابر 5 جنوري 1837ع خميس جي ڏينهن تي ڪتابت مڪمل ڪئي. ان جو مطلب تہ سچل جي وفات کان ڏهہ سال پوءِ هي نسخو لکيو ويو. آخر ۾ هي بہ شعر درج آهن:

نوشتہ بماند سيہ برسفيد
نويسنده رانيست فردا اميد
هرکہ خواهد دعا طمع دارم
زانکہ من بنده گنہ گارم!

هن کان پوءِ واري صفحي تي هڪ مثنوي ۽ هڪ يوناني (طبي) نسخو درج ڪيو ويو آهي، جو ڪاتب پنهنجي يادداشت لاءِ لکيو آهي ۽ ان جو سچل ۽ سندس ڪلام سان ڪوبہ تعلق ڪونهي.

**ديوان آشڪار خطي. ڪاتب فقير غلام محمد قادري گدا. تاريخ 9 محرم 1275هہ. ملڪيت پروفيسر ڊاڪٽر اياز حسين قادري:**

هي نسخو "ديوان صائب" جي حاشين تي درج آهي. خاتمي جي تاريخ ڏنل ڪانهي. البتہ حاشيي جي نوٽ ذريعي ظاهر ٿئي ٿو تہ: هي چنچر ڏنهن عصر جي وقت مهيني ذي القعد 1274هہ (جون 1858ع) تي ختم ٿيو. صائب جي ديوان جي ضخامت 347 صفحا آهي ۽ مثنويون (رهبر نامه ۽ تارنامه)، رباعيون ۽ مستزاد وغيره صفحي 294 تائين لکيل آهن. سچل جي ڪلام جو خاتمو هن ريت آهي:

"الحمد لله خوب شد بعون الملک الوهاب مستطاب نسخہ ديوان آ شکار تصنيف حضرت مولانا خليفہ صاحب فيض مناقب عاشق العاشقين عمده الواصلين جو الله خليفہ سچيدنہ درويش فاروقي قدس سره عليه الرحمة من مقام لاڙکانہ 9 محرم 1275 ھہ تحرير يافت."

مطلب تہ هن سخي کي فقير غلام محمد قادريءَ 9 محرم 1275ھہ تي لاڙڪاڻي ۾ خاتمي تي پهچايو (خميس 19 آگسٽ 1858ع). هي مخطوطو سچل جي وفات کان 33 سال پوءِ لکيو ويو، ۽ مٿي ذکر ڪيل ٻن نسخن جي ڀيٽ ۾ جديد آهي. جيئن تہ هي نسخو "ديوان صائب" جي حاشيي تي درج آهي، ان ڪري صائب جي ديوان جي بنيادي حيثيت ۽ "ديوان آشکار" جي ثانوي حيثيت ٿئي ٿي. وڌيڪ هي تہ "قادري نسخو" نهايت بي ترتيب ڏسجي ٿو. مروجہ طريقي جي برعکس هن ۾ غزل رديف وار حروف تهجيءَ جي قاعدن موجب ڪونهن. ڪٿي ڪهڙو رديف تہ ڪٿي ڪهڙو رديف آيو آهي. پروفيسر ڊاڪٽر اياز قادريءَ کان غلطي ٿي آهي، جڏهن پاڻ پنهنجي مقالي "سچل جو قلمي ڪلام" ۾ لکي ٿو تہ. هي نسخو اڻ پورو ۽ صرف رديف ميم تائين لکيل آهي (ڪارروائي سچل نيشنل سيمينار، خيرپور 1982ع). هي ڳالهہ درست ڪانهي. هن نسخي ۾ رديف "ن" جا 25، "و" جا 12، "هہ" جا 29، ۽ "ي" جا 39 غزل موجود آهن. ڳالهہ صرف عدم ترتيب جي آهي. جيئن تہ آخر ۾ رديف "م" جا ڪجهہ غزل ملن ٿا، ان ڪري جناب اياز قادريءَ کان ٿورڙي غلطي ٿي آهي. ان جي باوجود بہ هن نسخي جي پنهنجي اهميت آهي. ان جو سبب هي آهي جو "نسخہ قادري" جو ڪاتب ميان فقير غلام محمد قادري "گدا" خاص طرح سان سچل فقير جو منظور نظر مريد ۽ ڀروسي جوڳو خليفو هو. سندس والد فقير محمد صالح قادري، سچل سرمست جي چاچي، سهري ۽ مرشد ميان عبدالحق قادريءَ جو مريد هو ۽ هن پنهنجي مرشد جي حڪم تي پنهنجي اباڻي وطن سڪرنڊ کي ڇڏي اچي لاڙڪاڻو وسايو هو. هن گهراڻي جو سچل جي خاندان سان دلي واسطو ان درجي تائين هو جو بعد ۾ پاڻ کي قادري سڏايائون. گدا نہ رڳو سچل جو مريد بلڪ عربي ۽ فارسيءَ جو عالم بہ هو. شعر بہ چوندو هو تہ درس بہ

ڏيندو هو. ان ريت سندس ڪتابت معتبر ڏسجي ٿي. هن خاندان جو قلبي ۽ روحاني تعلق مجيل ۽ گدا جي علمي قابليت تسليم ٿيل آهي. سڀ کان وڏيڪ تہ هي نسخو سچل جي حڪم تي لکيو ويو هو. فقير صاحب لکي ٿو:

اين رسالہ گفتہ است سچو فقير
حڪم مارا ڪرده آن پيران پير

**ديوان آشڪار قلمي. ڪاتب فقير رضا محمد شاهہ:**

سيني نسخن ۾ هي وڏيڪ خوشخط؛ پر ناقص ۽ پڻ ويجهي دور جو لکيل آهي. هي نسخو 1925ع ۾ تيار ٿيو. هن جا آخري صفحا غائب آهن پر وچ ۾ هڪ جاءِ تي مثنوي "رهبر نامه" جي خاتمي تي هڪ عبارت آهي. ان مان نسخي جي شروع ٿيڻ يا ختم ٿيڻ جي خبر نہ ٿي پوي. پر پوءِ بہ زماني جو پتو پئجي وڃي ٿو. عبارت هي آهي:

"ختم شد رهبر نامہ بتاريخ دوم سوم ماه رجب المرجب سنہ -- هہ بتاريخ 28 جنوري 1925ع ازدست فقير رضا محمد شاهہ سگ درگاهہ شاهہ دراز".

مطلب تہ هي نسخو رضا محمد شاهہ 28 جنوري 1925ع مطابق 2/3 رجب تي لکيو. هجري سال درج ڪونهي. انجمن ترقي اردو پاڪستان جي ڇپرايل "تقويم هجري و عيسوي" (1952ع) موجب 28 جنوري 1925ع تي 4 رجب 1343 هجري ۽ ڏينهن اربع جو هو.

هي نسخو بسم الله الرحمٰن الرّحيم سان شروع ٿئي ٿو. بسم الله جي هيٺان هو الله آهي. بعد ۾ ڪلام جي عنوان سان 316 فارسي غزل ۽ بہ سرائڪي غزل آهن. ان بعد صفحي 153 کان 5 مستزاد آهن. پوءِ ٽي صفحا "ساقي نامہ" لاءِ آهن. وري صفحي 160 کان مثنوي "تار نامہ" شروع ٿي، صفحي 167 تي ختم ٿئي ٿي. ان کان پوءِ مختلف صفحن تي متفرقات ملن ٿا. صفحي 179 کان صفحي 184 تائين "دردنامہ" درج آهي. صفحي 191 کان صفحي 223 تائين مثنوي "رهبر نامه" ڏنل آهي. وري صفحي 227 کان ٻيو مختصر ديوان (ديوان خدائي) درج آهي، جنهن ۾ 30 غزل آهن. آخر ۾ مثنوي "راز نامہ" آهي جا صفحي 248

کان شروع ٿئي ٿي. هي مثنوي 926 شعرن تي مشتمل آهي پر هن نسخي ۾ صرف 192 شعر لکيا ويا آهن. نسخو صفحي 258 تي ختم ڪيو ويو ۽ ان ريت مثنوي "رازنامہ" اڻ پوري رهجي وئي.

چار ڇپيل ۽ چار اڻ ڇپيل نسخا سامهون رکي سچل جو فارسي ڪليات مرتب ڪري، سچل چيئر جي حوالي ڪيو ويو ۽ اشاعت جو ڪم هٿ ۾ ڪنيو پي ويو تہ. وڌيڪ چار نسخا (قلمي) ملي ويا. ان ڪري ڇپائيءَ جو ڪم روڪيو ويو آهي. ٻہ وڌيڪ نسخا ٻہ ملڻ جي اميد آهي. مذڪوره ڇئن نسخن جو تعارف ٻہ هٿ ڏجي ٿو. هي نسخا پروفيسر ڊاڪٽر نواز علي شوق، ڊاڪٽر تنوير عباسي ۽ محمد علي حداد صاحب جي ڪوشش سان هٿ آيا آهن. انهن مان ٻہ نسخا مبارڪ اردو لئبريري محمد آباد، سنجرپور، ضلع رحيم يار خان جي سيد مبارڪ شاهہ (انيس شاهہ جيلاني) کان مليا ۽ ٻہ نسخا ملتان جي ڊاڪٽر مهر عبدالحق صاحب کان مليا آهن.

**ڪاتب واحد بخش فقير، سن 1312هہ:**

هي نسخو ڏهرڪي ضلعي سکر سنڌ جي حڪيم محمد بخش صاحب چغتائيءَ جولاءِ 1966ع ۾ هن ڪتبخاني کي عطيي طور ڏنو هو. فقير واحد بخش 27 ربيع الثاني 1312هہ برابر 26 ڊسمبر 1894ع تي ڪتابت پوري ڪئي. خاتمو صفحي 188 تي هن ريت ڏنل آهي:

"هٰذه (ڪذا) الکتاب ديوان آشکار محبت آثار دلاويز اشعار محرم اسرار نيکو ديدار وحدت وثار معرفت اطوار ازدست واحد بخش فقير بتاريخ بيست (ڪذا) هفتم ماه ربيع الثاني 1312 هہ يوم يکشنبہ بوقت نيم پاس (ڪذا) صورت تحرير يافت."

ان بعد هڪ رباعي ۽ ٽي بيت آهن ۽ پوءِ واري صفحي تي ٽي شعر ۽ هڪ رباعي (قلندر بادشاهہ جي) آهي. هي نسخو 189 فول اسڪيپ صفحن تي مشتمل آهي. سرائڪي غزل سچل جا ڪونهن. ٻيو سمورو ڪلام هن شاعر نامدار جو آهي. سچل جي ڪلام جو خلاصو هن ريت آهي: 315 فارسي غزل، 5 مستزاد، 22 رباعيون ۽ 16 فرديات آهن. ان

نسخي جي خاص اهميت آهي. جو تہ ڇپيل يا اڻ ڇپيل نسخن ۾ اها ڏسڻ ۾ نہ ٿي اچي. صفحي 223 کان صفحي 226 تائين نثر جو هڪ ٽڪرو ڏنل آهي، جنهن ۾ صوفياڻہ مسئلا بحث هيٺ آيا آهن. پڇاڙيءَ تي صفحي 227 کان صفحي 230 تائين سرائڪي، سنڌي ۽ اردو ڪافيون آهن. هي نسخو 230 صفحن تي آهي. هي واحد مخطوطو آهي جنهن ۾ ڪاتب صفحن جا نمبر وڌا آهن. عام طرح قلمي نسخن تي صفحن جا نمبر نہ ٿيندا آهن.

**ڪاتب نصير فقير. سن 1328 هہ:**

هاڻي جن ٻن نسخن جو ذڪر ٿيندو اهي ملتان جي ڊاڪٽر مهر عبدالحق جي ملڪيت آهن ۽ انهن جي فوٽو ڪاپي جناب الياس عشقي صاحب جي معرفت سچل چيئر کي ملي.

هڪ جو مالڪ ۽ ڪاتب نصير فقير آهي. هي نسخو اڳاري 25 ذي الحج 1328هہ تي سچل سرمست جي وفات کان 86 سال پوءِ لکجي مڪمل ٿيو. انگريزي ڪئلينڊر موجب اهو ڏينهن اربع جو، ۽ 28 ڊسمبر 1910ع جي تاريخ هئي. ڪتابت جي جاءِ معلوم ڪانهي. 306 غزل، پنج مستزاد، ۽ صفحي 143 کان صفحي 156 تائين متفرقات ڏنل آهن. صفحي 157 تي نور بخش "اسيري" جو غزل آهي. هي نسخو فول اسڪيپ جي 157 صفحن تي مدار رکي ٿو.

**ڪاتب محمد عارف. سن ڏنل ڪونهي:**

ڪتابت جو ماڳ ۽ تاريخ معلوم ڪانهي. هن نسخي جو ڪاتب محمد عارف آهي، جنهن بابت بہ گهڻي معلومات ڪانهي. هن ۾ 207 غزل، 22 رباعيون ۽ 15 مفردات آهن. نسخي ۾ 145 شعرن تي مشتمل مثنوي "تارنامہ" بہ ڏنل آهي. متفرقات بہ اٿس. مثلاً داستان ديگر، دربيان اعليٰ عزم وغيره. هي مخطوطو فول اسڪيپ جي 148 صفحن تي پکڙيل آهي.

محمد نشان فاروقيءَ وارو نسخو سچل فقير جي وفات کان ٻه سال پوءِ لکيو ويو. ان ڪري ٻين سڀني نسخن جي ڀيٽ ۾ ان کي برتري حاصل آهي. حامي مرحوم جي لکت موجب، محمد نشان فاروقي پنهنجي دور جو وڏو عالم، اديب ۽ شاعر هو. هو ڪجهه ڪتابن جو مصنف به هو. پاڻ هن نسخي جي تياريءَ ۾ پورو جتن ڪيائين، ان ڪري سندس نسخي کي هر لحاظ کان فوقيت حاصل آهي.

ٻيو نمبر معتبر نسخو پروفيسر ڊاڪٽر اياز قادريءَ وارو ڏسجي ٿو. اڪثر ڪوتاهين جي باوجود به ڪاتب جي علمي وجاهت ۽ سچل سان روحاني ۽ خانداني تعلق جي ڪري، هي نسخو به وڏي اهميت رکي ٿو. اچا به وڌيڪ ته هي نسخو سچل سائينءَ جي اشاري تي وجود ۾ آيو.

ڪوٽڙي ڪبير وارو نسخو، قادري صاحب واري مخطوطي کان قديم ضرور آهي. پر سائينءَ جي خليفي ۽ عام مريد ۾ جيڪو فرق هجڻ کپي، اهو فرق هنن ٻنهي نسخن ۾ به ڏسجي ٿو. ڪاتب گهٽ ڄاڻ رکندڙ شخص هو. باقي نسخا سچل جي وفات کان ستر اسي سال پوءِ لکيا ويا. شاهه وارو نسخو ته ان دور جو آهي جڏهن "ديوان آشڪار" لکنوءَ ۾ ڇپجي رهيو هو. ڪاتبن بابت پڻ احوال معلوم ڪونهي. ان ڪري پهريون ۽ ٽيون نسخو وڌيڪ معتبر ڏسجن ٿا.

**حوالا:**


1) پروفيسر ڊاڪٽر عطا محمد حامي: "نينهن جا نعرا" ص 30، ڪافي پبليڪيشن ڪراچي، 1983ع.

2) رشيد احمد لاشاري: "سچل سرمست" اردو، ص 88-89، سلطان حسين اينڊ سنز، ڪراچي، 1966ع.

3) ابوالنصر محمد خالدي صاحب: "تقويم هجري و عيسوي" انجمن ترقي اردو پاڪستان، 1952ع.

4) حميد آخوند (مرتب): " ڪارروائي سچل نيشنل سيمينار" 1982ع، سچل اڪيڊمي خيرپور، 1983ع.

(سه ماهي "مهراڻ" 3-4/1994ع ۾ ڇپيل، سرمست 16/1996ع ۾ پڻ ڇپيو)

●

# سنڌ جي سرحدن جي مقرري*
(1843-1947ع)


[ڪنهن به خطي جي سرحدن جي ڇانڊ، جاگرافيائي تاريخ جو هڪ اهم پهلو هجي ٿو. ان ريت سرحدي حد بندين جي مطالعي کان سواءِ خود تاريخ جو اڀياس به اڻ پورو رهجي وڃي ٿو. سنڌ جي سرحدن جي مقرريءَ بابت، جناب ايم. ايڇ. پنهور صاحب جو هي تحقيقي مقالو رسالي "سنڌالاجيڪل اسٽڊيز" جي سال 1989ع جي اونهاري واري پرچي ۾ ڇپيو آهي. ان جو ترجمو سنڌي پڙهندڙن جي خدمت ۾ پيش ڪجي ٿو]


ابتدا ۾ جڏهن ته ڪي به نقشا نه هئا، ماپڻ ڪرڻ جا اوزار به نه هئا، ۽ نه وري سرحدن کي نروار ڪري پٿر هٽبا هئا، تڏهن سنڌ جي سرحدن تي هميشه جهيڙا ٿيندا رهندا هئا. ان نوعيت جا مامرا طاقت جي زور تي نبيريا ويندا هئا. اوڻيهين صديءَ جي شروع ۾ بهاول پور جي حاڪمن ۽ راجستان جي راجائن جو سنڌ جي ٽالپر حاڪمن سان، سرحدي تڪرار هلندڙ هو. راجستان ۽ بهاول پور جي رياستن، ترتيب وار سال 1815ع ۽ سال 1820ع ۾، برطانوي بالادستي قبول ڪئي هئي. انگريزن کي مذڪوره سرحدي تڪرار جي ڀرپور ڄاڻ هئي، جنهن کي ياڻ جلد کان جلد نبيرڻ گهريائون ٿي. ڪين اهڙو موقعو 1843ع ۾ سنڌ جي فتح ڪرڻ سان ملي ويو؛ ڇو ته هاڻي انگريز فيصلہ ڪن پوزيشن ۾ اچي ويا هئا. انهن هي مسئلو هن ريت حل ڪيو.

**بهاول پور ۽ راجستان جي سرحد:**

مير علي مراد جي حدن مان بهاول پور جي حاڪم کي ڀنگ ياڙه ۽ سبزل ڪوٽ ڏنا ويا؛ جڏهن ته جيسلمير جي راجا کي شاه ڳڙه ۽

* ليکڪ: ايم. ايڇ. پنهور


UPPER SIND, KACHHI, and Parts Adjoining in 1839
State boundaries are approximate; The possessions of the Khairpur and Hyderabad Rulers were much intermingled near Sukkur and Shikarpur. Part of Sabzalkot belonged to Hyderabad.
Scale of Miles
0 20 40 60 80
Kachhi
Rinds
Domkis
Khuneris
Sibri
Uch
Sori Khushta
Duz Khushta
MULTAN
BAHAWALPUR
JAISALMIR
Burdeka
The Pat desert
Chandiyas
Chanduka
Rustam
Ali Murad
SHIKARPUR
SUKKUR
KHAIRPUR
SABZALKOT
MITHANKOT
GHOTKI
MIRPUR MATHELO
LARKANA
KAMBAR
KOTDIJI
KANDIARO
TAJAL
SEHWAN
Manchar Lake
Indus
Nara


Kachhi
KELAT
LAS BELA
SHIKARPUR
KHANGARH
KASHMOR
Burdeka
ALI MURAD
SHIKARPUR
SUKKUR
ROHRI
KHAIRPUR
KAMBAR
LARKANA
MIR ALI MURAD'S TERRITORY
BELANI
KANDIARO
TAJAL
BHIRIA
NAUSHAHRO
SADOJA
MORO
IMAMGARH
SHANGARH
GOTARU
JAISALMIR
BAHAWALPUR
SABZALKOT
UBAURO
MIRPUR
MATHELO
SEHWAN
SAKRAND
KUNHERA
KUMB LIMA
SYEDABAD
RANIKOT
SHAHDADPUR
POKHRAN
HALA
MATIARI
MIANI
KOTRI
HYDERABAD
TANDO ALLAHYAR
TANDO JAN
MIRPURKHAS
UMARKOT
JODHPUR
KARACHI
JHERRUK
TATTA
GHARO
WANGA BAZAR
NAOKOT
SHAHBANDAR
Indus
Nara
Hab R.
Malir
Rann of Cutch
CUTCH
Arabian Sea
SIND IN 1845
As divided in three Collectorates.
Mir Ali Murad's territory bordered
Territories formerly belonging to Mir Sher Mahomed bordered
Scale of Miles

گوٺاڙو ڏنا ويا. ان کان علاوه اباوڙي تعلقي مان: فتح پور، دولت پور ۽ کنب- پڻ بهاول پور جي رياست ڏي منتقل ڪيا ويا. ايچ. ٽي. ليمبرڪ پنهنجي هڪ ڪتاب ۾ ٻه دلچسپ نقشا ڏنا آهن، جي سال 1839ع ۽ سال 1845ع جي سرحدن جي نشاندهي ڪن ٿا. پر اصل ۾ هي نقشا سال 1932ع جي هڪ نقشي ۾ ٿوري تبديليءَ سان تيار ڪيا ويا آهن. ليمبرڪ هي نقشا: "سرچارلس نيپئر اينڊ سنڌ" نالي ڪتاب ۾ ڏنا آهن. هي ڪتاب آڪسفورڊ يونيورسٽي پريس 1952ع ۾ شايع ڪيو هو. ٻنهي نقشن جا عنوان هن ريت رکيا ويا آهن.

i, Upper Sind, Kachhi and Parts adjoining in 1839.

ii, Sind in 1845.

سنڌ جي اوڀارين سرحد 1845ع ۾ مقرر ٿي پر مفصل نقشا 1862ع ۽ 1874ع ڌاري موجود ڪيا ويا.

**ٿرپارڪر ضلعي سان راجستان جي سرحد ۽ بلوچستان سان حدبندي:**

بمبئي فوج جي ڪئارٽر ماسٽر شعبي جي ليفٽيننٽ ڪرنل نيل ڪيمپ بيل جو تيار ڪيل سنڌ جو نقشو سال 1850ع ۾ شايع ڪيو ويو. هي نقشو"60"x54 (انچ) سائيز جو هو ۽ هڪ ميل لاءِ اڌ انچ جي ماپ تي مشتمل هو. ان جي هڪ ڪاپي انڊيا آفيس (I.O. NO.LV) لئبريريءَ ۾ موجود آهي. هي نقشو پهريون ڀيرو آر. هيوز ٿامس جي ڪتاب: "ميمائزر آن سنڌ" ۾ شامل ڪيو ويو. مذڪوره ڪتاب سال 1855ع ۾ بمبئيءَ مان ٻن جلدن ۾ ڇپيو هو. هن ڪتاب جو سال 1979ع ۾ ڪراچيءَ مان ٻيهر هڪ ڇاپو نڪتو آهي، ليڪن ان ۾ هي نقشو شامل ڪونهي. نقشو اڻ ڇٽو آهي، مون وڏي ايمانداريءَسان ان کي نئون ڪري، هر هڪ چيز کي پنهنجي جاءِ تي رکي، جاگرافيائي ماڳن جي نالن کي اصلي هجي (Spellings) سان تروار ڪيو آهي (هي نقشو پنهور صاحب وٽ موجود آهي) هن نقشي ۾ سنڌ جي سرحدن جي مقرريءَ بابت ڪي مکيه ڳالهيون هي آهن:

- رڻ ڪڇ واري سرحد ڪيپٽن اليگزينڊر برنس جي ڪيل

سروي موجب (1825ع کان 1828ع تائين) ڏيکاريل آهي، جنهن کي 1829ع ۾ نقشي جي شڪل ۾ آندو ويو هو. ليڪن ڪئارٽر ماسٽر هن سرحد جي منظوري نہ ڏني هئي. پاڙميڙ ضلعي سان سنڌ جي اوڀارين سرحد، ڏکڻ ۾ ننگرپارڪر تعلقي جي هالا ڳوٺ ۽ پاڙميڙ جي ڳوٺ گواربو کان وٺي خيرپور ضلعي سان موجوده سانگھڙ ضلعي جي ڳوٺ ڪوملالا ٽور تائين اتر ۾، تڏهوڪي مير علي مراد جي علائقائي سرحد تائين ڏيکاريل آهي.


- 1855ع جو نقشو قلات ۽ لس ٻيلي سان سنڌ جي اولاهين سرحد، هاٿوڪي شهر خيرپور ناٿن شاهہ جي اتڪل روءِ اولهہ ۾، جيڪو تڏهن ڪراچي ضلعي جي حدن اندر هو ۽ ڏکڻ- اولهہ ۾ حب نديءَ تي ڳوٺ جهنگ ڪنڊ تائين، جيڪو تعلقي ٿاٽي بولاخان ۾ هو پنهنجي حد ڏيکاري ٿو. هن نقشي مان ظاهر ٿئي ٿو تہ مستقبل ۾ سنڌ ۽ بلوچستان جي سرحدي حدبندي، حب نديءَ جي وچ تي ڪئي وئي، جيڪا هڪ دائمي ندي آهي.

**جيڪب آباد ضلعي سان اترين سرحد:**

اپر سنڌ فرنٽيئر جي سياسي سپرنٽنڊنٽ ۽ ڪمانڊر ميجر جان جيڪب، بمبئي سرڪار کي 2 نومبر 1854ع تي هڪ رپورٽ موڪلي، اتر ۾ سنڌ ۽ بلوچستان جي سرحدن وٽ آباد قبيلن جي فهرست رواني ڪئي هئي. هن رپورٽ سان گڏ هڪ نقشو بہ آهي، جنهن ۾ جيڪب آباد ضلعي سان سنڌ جي اترين سرحد قلات، پنجاب ۽ بلوچستان سان ڏيکاريل آهي(1). سرحد موجوده سرحد جي ڏيک ڏئي ٿي. پر جڏهن ان وقت جي ماڳن جي مفاصلي کي ماپجي ٿو، تڏهن ڏسڻ ۾ اچي ٿو تہ اها حقيقي ماپن بجاءِ، زور زبردستيءَ سان طئہ ڪئي وئي هئي. ٿي سگهي ٿو تہ سرحد مقرر ڪئي وئي هجي، پر نقشا درست ماپ ذريعي نہ ٺاهيا ويا هجن.

---

(1) نقشو: "ميمائرز آن سنڌ"، صہ 125 جي سامهون ڏنل آهي. هي ڪتاب ٻن جلدن ۾ بمبئي سرڪار 1855ع ۾ ڇپيو هو. تازو ڪراچيءَ مان بہ ٻن جلدن ۾ ڇپيو اهي (1979ع). هي نقشو اسٽنٽ ڪمشنر بي. ايس. ايلس جو نقل ڪيل ۽ دستخط ڪيل آهي.


SKETCH
LOCALITIES of TRIBES
From:-
PUNJAB
KEYTRANEES
TERRITORY

انگريزن شڪارپور ۽ جيڪب آباد (خان ڳڙهه) جا علائقه سال 1839ع ۾ والاريا هئا. جڏهن انڊس آرمي افغانستان ڏي رواني ٿي هئي. هي قبضو سال 1843ع تائين جاري رهيو، جڏهن سنڌ کي به فتح ڪري گورنر جنرل جي حوالي ڪيو ويو.

جان جيڪب سال 1848ع ۾ سرحد کي مقرر ڪيو ۽ سنڌ هارس چيڪ پوسٽون: شهدادپور (شهدادڪوٽ)، ڳڙهي خيرو جمالي، روجهاڻ، دل مراد، ڳڙهي حسن، تنگواڻي، ڪمري ۽ ڪنڌ ڪوٽ ۾ مقرر ڪيون ويون؛ جن جو انتظام جان جيڪب وٽ خان ڳڙهه (جيڪب آباد) ۾ هو. هي چيڪ پوسٽون ڀروچن تي نگاه رکڻ لاءِ قائم ٿيون، جي سنڌ جي ڳوٺن تي حملا ڪندا رهندا هئا. ليمبرڪ جي ڪتاب (جان جيڪب آف جيڪب آباد) ذريعي تصديق ٿئي ٿي ته، هي پوسٽون سرحد کان ڪجهه ميل پري هيون. خان قلات يا ڀروچ قبيلن سان ناهه ڪرڻ کان سواءِ ئي، سرحد زوريءَ مقرر ڪئي وئي هئي. ان جو مقصد آباد ڳوٺن جو تحفظ ڪرڻ هو ۽ هي ڪم مناسب طرح سان ٿي ويو. مٿي ذڪر ڪيل جايون يا ماڳ ليمبرڪ هڪ نقشي ۾ ڏيکاريا آهن. هن نقشي جو عنوان هن ريت آهي:

Upper sind, Kachhi and adjoining countries 1839-1858.

هي نقشو "جان جيڪب آف جيڪب آباد" ۾ ڏنل آهي. بهرحال استعمال ڪيل نقشو گهڻو پوءِ جي دور جو لڳي ٿو ۽ بلڪل انهن نقشن جهڙو لڳي ٿو، جيڪي ويهين صديءَ جي شروع ۾ ڪتب ايندا هئا(2).


## ڪڇ سان سرحد:

سال 1851ع ۾ بمبئي فوج جي ڪئارٽر ماسٽر جنرل "20"x13 (انچ) جي ڇئن ڪاغذن (Sheets) تي، حيدرآباد ضلعي جو هڪ نقشو جاري ڪيو، جنهن ۾ هڪ انچ برابر به ميل ڏيکاريل آهن. هي اصل ۾ مختلف رستن جي ماپن بابت، چيف انجنيئر جي ماپ تي مشتمل هڪ نقشو هو. هن ۾ رڻ ڪڇ سان سنڌ جي ڏاکڻين سرحد ڏيکاريل آهي پر

---

2. ايچ.ٽي. ليمبرڪ: "جان جيڪب آف جيڪب آباد"، ص، ص 157-158.

* هي نقشو ڪتاب جي پٺين ڇاپي ۾ به آهي، جو آڪسفورڊ يونيورسٽي پريس 1975ع ۾ ڇپيو آهي.




From: John Jacob of Jacobabad.

معتبر ڪانهي. ٽالپرن جي دور ۾ سنڌڙي، ڪڇ سان سنڌ جو هڪ سرحدي شهر هو. اهو 1819ع جي زلزلي سبب رڻ ڪڇ جي پاڻيءَ ۾ غرق ٿي ويو. سرحد، نقشي ۾ سنڌڙيءَ جي اتر کان ڪجهه ميلن جي مفاصلي تي ڏيکاريل آهي، جا ٽالپرن جي دور ۾ ڪسٽم چيڪ پوسٽ هئي.

ڪجهه بيٽ جهڙوڪر: بيارٻيٽ، باواري ٻيٽ، گائيندابيٽ، ڪنجرڪوٽ ۽ ڪي ٻيا ننڍڙا ٻيٽ، ٿرپارڪر جي ڪليڪٽر جي ضابطي ۾ هئا، ۽ اهو سال 1947ع تائين ڏنارن کان پنچري ونندو ٿي آيو. نقشي ۾ ڏيکاريل سرحد سال 1829ع ۾ اليگزينڊر برنس چِڪي هئي، جڏهن پاڻ ڪڇ ۾ اسٽنٽ ڪئارٽر ماسٽر طور ڪم ڪري رهيو هو. اليگزينڊر برنس جو هي نقشو انڊيا آفيس (M.S India office No. LVIII. 16) لئبريريءَ ۾ موجود آهي. ان جي ماپ "22"x29 آهي ۽ هڪ انچ برابر ٻن ميلن جي نمائندگي ڪري ٿو.


**سنڌ ڊئريڪٽريءَ موجب سرحدون:**

جارج بياس جي "سنڌ ڊئريڪٽري" سال 1862ع ۾، بمبئي گزيٽ پريس مان ڇپري ٿي هئي، جنهن ۾ سنڌ جو هڪ نقشو به هو. هن نقشي جون چند خاصيتون هي آهن:

● راجستان جي رياستن سان اوڀارين سرحد ساڳي آهي، جيئن برطانوي ننڍي کنڊ بابت پونين سيني نقشن ۾ ڏسجي ٿي. هي سرحد 1845ع جي آخر ڌاري هميشه لاءِ طئه ڪئي وئي هئي.

● رياست بهاول پور سان سرحد جي ماپ ٿي هوندي. پر درست طرح سان نقشو نه ٺهيو، يا جي نقشو ٺهيو به هو ته سروي موجب نه ٺهيو هو. بهاول پور سان درست حد بندي، سال 1870ع کان پوءِ وارن نقشن ۾ ڏسجي ٿي.

● سنڌ ۽ پنجاب جون حدون جيئن ان وقت هيون، هڪ ٽڪنڊو ڏيکارين ٿيون. ان جا ٽئي طرف ويهه ويهه ميل هئا ۽ ٽوٽل پکيڙ 200 ميل هر چورس ڏسجي ٿي. هي ٽڪنڊو ان وقت سنڌ ۾ هو ۽ هاڻي



Sindh in 1883

According to Hand Book of the Punjab, Western Rajputana, Kashmir and Upper Sindh by Eastwick

پنجاب ۾ آهي. ان ايراضيءَ جون حدون نئن "سوري لڪ" جي حدن ۾ اچي وڃن ٿيون، جيڪا وڃي سنڌو نديءَ ۾ ڇوڙ ڪري ٿي. موجوده سنڌ جي سرحد تي بيٺل نشان (منارو)، پنجاب سان سنڌ جي اولاهين سرحد ٿاهي ٿو. هي ٽڪنڊي ايراضي ايستوڪ موجب، سال 1883ع تائين سنڌ ۾ شامل هئي[3]. ان جو مطلب ته هي ايراضي هن سال کان پوءِ پنجاب ۾ شامل ڪئي وئي. ايتڪن جي سنڌ صوبي جي گزيٽير موجب، جيڪا سال 1907ع ۾ ڇپي هئي، هي ٽڪنڊو سنڌ جي حصي ۾ ڏيکاريل ڪونهي.

- رڻ ڪڇ سان ڏاکڻين سرحد توڙي رحمڪي بازار تائين ننگر پارڪر تعلقي جي اوڀارين سرحد، 1829ع جي اليگزينڊر برنس جي سروي تي مدار رکي ٿي. نقشي ۾ سرحد ڏيکاريل آهي پر بمبئي فوج جي ڪئارٽر ماسٽر جنرل ان جي تصديق نه ڪئي هئي.
- هن نقشي ۾ ڏيکاريل سنڌ جي ساحلي ڪناري جو مدار، ٽي. جي ڪارلس جي ڪيل سروي تي آهي[4]. هن ڏس ۾ هندستاني بحريه جي ليفٽيننٽ اي. ايم. گريو جي نقشي جو به خيال نه ڪيو ويو آهي، جنهن سنڌو نديءَ جي ڇوڙ واري اوڀارين شاخ جو چارٽ سال 1855-56ع ۾ ٺاهيو هو. هن چارٽ ۾هڪ انچ برابر هڪ ميل هو ۽ اهو "26"x39 (انچ) پکيڙ جو هو (MS. India office No. U.V.A).
- بلوچستان سان سنڌ جي اترين سرحد مقرر ٿيل آهي ۽ بلڪل موجوده حد بنديءَ وانگر آهي، جنهن ۾ ننيڙي ٽڪنڊي جي پنجاب واري ايراضي ڪانهي، جنهن جو ذڪر مٿي ٿي چڪو آهي.
- سنڌ جي اتر اولهه واري سرحد دل مراد خان کان ستاويهه ڊگريون اتر طرف ($27^0$ N) مقرر ٿيل ڪونهي، ۽ اها هڪ سڌي ليڪ رستي ڏيکاريل آهي. جيتوڻيڪ هي سرحد بمبئي فوج جي ڪئارٽر ماسٽر جنرل جي ڪيپٽن ميڪڊونالڊ ۽ ڊاڪٽر ليلور جي ماپيل آهي،

---

3. دي هينڊ بڪ آف دي پنجاب، ويسٽرن راجپوتانا، ڪشمير اينڊ اپر سنڌ، جان مري لنڊن، سال 1883ع.

4. T.G . Carless: "Memior to accompany the survey of Delta of the Indus," J. Royal Geog. Soc. Vol. VII (1837), P.P. 328-366, and vol viii (1838), P.P. 459-500.

جن 1860ع جي اونهاري جي سڄي موسم ڏاڙهيارو ۽ ڪتي جي قبر وارين چوٽين تي گذاري هئي.

**سنڌ گزيٽير 1876ع موجب سرحدون:**

هيوز جو سنڌ گزيٽير 1874ع ۾ نڪتو ۽ وري 1876ع ۾ جاري ٿيو. ان ۾ هندستاني سروير جنرل جي جاري ڪيل سنڌ جي نقشي کي به شامل ڪيو ويو هو. هي نقشو مٿي ذڪر ڪيل مختلف ماپن جهڙوڪر ڊاڪٽر ليلور ۽ ڪيپٽن ميڪڊونالڊ (1860ع)؛ اي. ايم. گريو (1855-56ع) ۽ ٻين جي ڪيل سروي کي سامهون رکي ٺاهيو ويو آهي. 1874ع کان ڪري 1880ع تائين هي نقشا جاري ٿيا، جي سنڌ جون سرحدون ڏيکارين ٿا.

- سنڌ صوبي جو نقشو ماپ 1 انچ برابر 267200 انچ هو. هي نقشو رايل جاگرافيڪل سوسائٽي لنڊن ۾ (R.G.S. No. 1174) محفوظ اهي.
- سنڌ روينيو سروي جون تختيون (Sheets). 1 انچ برابر 253440 (هڪ انچ برابر چار ميل) انچ آهي. هي نقشو به رايل جاگرافيڪل سوسائٽي وٽ آهي (No. 1168).
- سنڌ صوبي جو نقشو. ماپ 1 انچ برابر 253440 انچ اٿس. نقشو رايل جاگرفيڪل سوسائٽي وٽ آهي (No. 1170).
- سنڌ جو نقشو. 1 انچ برابر 16 ميل آهي. هن جو نسخو هندستان جي قومي آرڪائيوز دهليءَ ۾ آهي (No. 1871).

**سنڌ - بلوچستان سرحد:**

1874ع وارو نقشو سنڌ ۽ بلوچستان جون حدون، جهنگ ڪنڊ کان سمونڊ تائين ڏيکاري ٿو. سنڌ جي سرحد حبُ نديءَ کان اوڀر طرف ۽ بلوچستان جي سرحد اولهه طرف ڏيکاريل آهي. ان جو صاف مطلب هي آهي تہ سرحد، حب نديءَ جي وچ تي ٿي آهي جو نديءَ جو دائمي وهڪرو آهي.

بمبئي، ڪلڪتي ۽ مدراس علائقن جي ڪئارٽر ماسٽر جنرلن جي

ڪم ڪي، سروي آف انڊيا تسليم ڪندي هئي، ۽ ان طرح مختلف صوبن، رياستن، ضلعن ۽ تعلقن جون حدون هي ڪاتو مقرر ڪندو هو. انهن جا تيار ڪيل نقشا قانوني دستاويز سمجهيا ويندا هئا. هندستان سروي جي سروير جنرل، سنڌ جون اولهه، اتر ۽ اوڀر واريون سرحدون مقرر ڪيون هيون. ڪڇ سان سنڌ جي سرحد 1870ع کان پوءِ تصديق ڪئي وئي. ان ريت بلوچستان سان اولاهين ۽ پنجاب توڙي بلوچستان سان اترين سرحد پڻ تصديق ٿي چڪي هئي!

**مترجم طرفان ڪجهه مکيه واڌارا:**

الف) پنهور صاحب جي هن معلوماتي مقالي ۾ ڪجهه اهم ماخذ هن ريت ملن ٿا.


1. R. Hughes Thomas: "Memoirs on Sind", Selections from the records of the Bombay Government, No. XVII, new series, Bombay 1855.
2. R. Huges Thomas: "Memoirs on Sind", new edition, Karachi, 1979.
3. H.T. Lambrick: "Sir Charles Napier and Sind", 1952.
4. H. T. Lambrick: "John Jacob of Jacobabad", Karachi 1975.
5. George Bease: "The Sind Directory", Bombay 1862.
6. A.W. Hughes: "Gazetteer of the Province of Sind", 1874, reprint London 1876.
7. E. H. Aitken: "Gazetteer of the Province of Sind", 1907, reprint Karachi, 1986.
8. Eastwick. W.J: "The Handbook of the Punjab, Rajputana, Kashmir and upper Sind", John Murray London 1883.


ب) هن مقالي ۾ ڪجهه انگريز عملدارن جا نالا آيا آهن. ممڪن آهي ته سنڌيءَ ۾ انهن نالن جو اچار درست نه آيو هجي. ان ڪري اصل انگريزي لکت ۾ نالا ڏجن ٿا.

George Bease; T.G. Carless; A.M. Grieve; Mc Donald; Dr. Lalor; Neil Campbell.

ج) هن مقالي ۾ ڪجهه ماڳن جي نالن کي ٻه هت انگريزيءَ ۾ ڏجي ٿو، تہ جيئن مونجهاري جي صورت ۾ اصل لکت کي سامهون رکي سگهجي.

Bhung Bara; Gotaru; Khumb; Balmir; Gwarbo; Koom Lala Thor; Jhang Kand; Tangwani; Kumri; Biar bet; Bawari Bet; Gainda Bet; Kanjarkot; Suri Pass.

د) هن مقالي ۾ ڪجهه جاين تي ڪئارٽر ماسٽر جنرل (Quarter Master General) جو ذڪر ٿيو آهي. مختلف ڊڪشنرين موجب هن جي معنيٰ آهي هڪ عملدار (اسٽاف آفيسر) جيڪو فوج جي ٽرانسپورٽ، چرپر، پارٽ ۽ ڪپڙي لٽي جو بندوبست رکي ٿو. پنهور صاحب جو چوڻ آهي تہ برطانوي دور ۾ هر پريزيڊنسيءَ وٽ سروي جو پنهنجو شعبو هوندو هو، جنهن جي نگراني ڪئارٽر ماسٽر جنرل ڪندو هو. جڏهن تہ مرڪزي سطح تي سروي آف انڊيا نالي کاتو هوندو هو، جنهن جي سربراهہ کي سرويئر جنرل سڏيو ويندو هو.

(سہ ماهي "مهراڻ 1996/2ع ۾ ڇپيل)

●

# سنڌ ۾ ڌاڙيل مسئلي جي شدت*

[سنڌ ۾ ماڻهن جو ڌوڪڙن لاءِ اغوا ٿيڻ همعصر تاريخ جو هڪ بدترين باب ۽ سنڌين لاءِ سورن جو هڪ نئون داستان آهي. پهريون ڀيرو هن اهم مسئلي تي نامور صحافي جناب شيخ عزيز قلم کنيو. جيئوٽيڪ اسان کي سنڌس تجزين سان ڪٿي ڪٿي اختلاف آهي، پر جيئن ته عنوان تي هي پهريون سنجيدو مقالو آهي، ان ڪري اهو سنڌي پڙهندڙن لاءِ ترجمو ڪجي ٿو. هي مقالو ڪراچيءَ مان نڪرندڙ انگريزي اخبار "ڊان" ۾ چئن قسطن ۾: 19 جولاءِ، 26 جولاءِ، 2 آگسٽ ۽ 9 آگسٽ 1991ع تي ڇپيو آهي. ترجمي جي ڇپائي بي ترتيب ٿي هئي، جنهن کي هتي پيرائتو ڪري پيش ڪجي ٿو]

ان ڪان اڳ جو اسين اڳتي وڌون، مسئلي جي پاڙ جانچڻ کپي، ۽ ڏسجي ته اهي ڪير ماڻهو آهن، جن قصي کي ايترو وڌايو آهي!

## ڌاڙيل ڪير آهن؟

تازو جپاني شاگردن جي اغوا ۽ انيتاليهن ڏينهن کان پوءِ سندن واپسي ۽ هڪدم پوءِ وري دادو ضلعي مان ٽن چيني انجنيئرن جي ڪڄڻ، سنڌ ۾ ڌاڙيلن جي ڦهري ڪارروواين جو هڪ نئون باب کوليو آهي. ڏوهن تي نظر رکندڙن ۽ نشانو بنجندڙ جي ڌاڙيلن جي قبضي ۾ رهيا، ان ۾ شڪ ڏيکارين ٿا ته ڪو سندن آزادي پُنگ جي رقم ڏيڻ يا وري ڏوهارين جي ڪجهه شرطن مڃڻ کان سواءِ ٿي هوندي. ڌاڙيل ڪنهن بہ شڪار بنايل ماڻهوءَ کي طئہ ٿيل رقم ادا ڪرڻ کان سواءِ نہ ٿا ڇڏين، پلي اغوا ٿيل انسان ڪيترو بہ طاقتور ڇو نہ هجي.

جتان جپاني شاگرد ڪڄيا اتان کان ٽي سؤ ڪلوميٽر پري، وري دادو ضلعي مان چيني انجنيئر اغوا ٿيا. هي نقطو وڏي عرصي کان سنڌ ۽ هينئين پنجاب ۾ ٿيندڙ ڏوهن جي لهر ۾، هڪ خطرناڪ واڌاري جي برابر ليکيو وڃي ٿو. سنڌ جي وزيراعليٰ (ڄام صادق علي) شڪ

---

* ليکڪ: شيخ عزيز

ڏيکاريو آهي تہ، کو ٻاهريون هٿ هي سنگين وارداتون ڪرائي رهيو آهي. هي هڪ بي بنياد الزام آهي جو، هر انفرادي يا اجتماعي ڏوهہ ٿيڻ تي هنيو وڃي ٿو. اهڙن بهتانن کي سچو ثابت ڪرڻ لاءِ ڪي ٺوس ثبوت ڳولڻا پوندا. پر واقعي ڏوهن جي موجوده لهر ۾ ڪو ٻاهريون هٿ ملوث آهي تہ، پوءِ ان جو حل بہ ڪٿي ٻاهر ڳولڻو پوندو. نام نهاد ڪلين اپ آپريشن ۾ مسئلي جو حل ڪونهي.

جپاني شاگردن جي واپسيءَ کان پوءِ انتظاميہ جي دعوي آهي تہ، اتر سنڌ ۾ ڌاڙيلن جي خلاف هلايل مهم جي دوران گهڻو ڪجهہ حاصل ڪيو ويو آهي. پر هن علائقي ۾ ٿيندڙ اغوا جا واقعا، رستن تي ڦرلٽ ۽ شهرن توڙي ڳوٺن تي حملا، هن مسئلي ۾ ٿيندڙ واڌاري جي نشاندهي ڪن ٿا.

ان جي باوجود تہ گاڏين کي پوليس جا دستا مليل آهن، سموري سنڌ ۾ مسافريءَ لاءِ ڪوبہ رستو محفوظ ڪونهي. اهم رستن تي محافظ موجود آهن، تڏهن بہ ڪو گذر گاهہ سلامت ڪونهي. پوري تياريءَ کان پوءِ اغوا، پروسي جوڳن ماڻهن ذريعي ڀُنگ جي ادائگي، ۽ ويجهي جاءِ تي نشانو بڻيل همراهن جي واپسي، ڏيکاري ٿي تہ اغوا جو هلندڙ هي ڪاروبار وڏي ڪاريگريءَ سان هلي رهيو آهي.

نشانو بڻجڻ جي خوف کان جيڪي ماڻهو ڪُلئي عام نہ ٿا گهمن، اهي عوامي ميڙن ۾ اغوا ٿين ٿا. جيڪي رڪاوٽ پيدا ڪن ٿا سي گهڻو ڪري مارجي وڃن ٿا. جديد ترين هٿيارن ذريعي ڳوٺ ۽ شهر نشانو بڻجي رهيا آهن. راڪيٽ ۽ بم پڻ استعمال ڪيا وڃن ٿا تہ جيئن، دهشت پکيڙي سولائيءَ سان اغوا جي واردات ڪري سگهجي.

پوليس سدائين دعوي ڪندي آهي تہ وارداتن ۾ ملوث بدنام ڌاڙيل پڪڙيا ويا آهن. پر سچ تہ ادارن کي حقيقي ڏوهاري پڪڙڻ ۾ ڪاميابي نہ ٿي ٿئي، ۽ نہ وري پوليس اهڙين نرسرين تائين پهچي ٿي، جتان ڌاڙيلن جا ڪٽڪ پيدا ٿيندا رهن ٿا. عام طرح معصوم ڳوٺاڻا پڪڙيا وڃن ٿا تہ، اهي ڌاڙيلن کي پناهہ ڏين ٿا. کين ماني ڪارائين ٿا، ۽ ڪاٻي گهربل مدد ڪن ٿا. پر انهن جي حقيقي سرپرستن ۽ محافظن کي، جن کي گهڻو ڪري انتظاميہ بہ سڃاڻي ٿي، ڪجهہ بہ نہ چيو

ويندو آهي. ڪيترا ڀيرا ائين به ٿيو آهي ته پوليس هڪ ڌاڙيل کي ڪيئي مرتبا ماريندي ڏيکاريو آهي، جيئن علي گوهر چانڊيي جي ناليِ ۾ بار بار ڪيو ويو.

جيتوڻيڪ ڪجهه سالن ۾ واقعي ڪجهه بدنام ڌاڙيل مارجي ويا آهن، پر جنهن رفتار سان اهي نرسرين مان پيدا ٿي رهيا آهن، پوليس جي عمل کي بيسود ثابت ڪري رهيا آهن. هي صورتحال وڌيڪ ڏکوئيندڙ ٿئي ٿي، جڏهن هميشه سنڌ ۾ ڌاڙا ڦرون، صرف امن امان جو مسئلو ڪري ڪنيا ويا آهن. قانون تي عمل ڪرائيندڙ ادارا چون ٿا ته، حالتن کي قاعدي موجب نيڪ ڪبو. پر صرف اهو فيڪٽر ته ڪونهي. ڪيئي ٻيا سبب به آهن جي قانون نافذ ڪندڙ ادارن جي سمجهه کان مٿيرو آهن. هو اڄ ڏينهن تائين برطانوي دور جا نصابي ڪتاب پڙهائين ٿا، پر ڌاڙيلن جي واڌاري کي روڪڻ کان قاصر آهن.

سوال آهي ته پوءِ آخر هن مصيبت جو اصل ڪارڻ ڇا آهي؟ ان جي پيدائش جا ڪهڙا ذريعي آهن؟ ڪهڙا جزا ان کي وڌائڻ ۾ مکيه ڪردارا دا ڪن ٿا؟ ڇا ڪڏهن بدامنيءَ جو خاتمو به ٿي سگهندو، يا وري اسين قطعي قياس جي آڌار تي هلي رهيا آهيون!

تاريخ، سماجيات، سماجي جوڙجڪ، معيشت ۽ سياسي ورتاءُ اهڙا ميدان آهن، جتي هن مسئلي جو مستقل حل موجود آهي.

سنڌ ۾ هلندڙ ڌاڙا ڦريون دنيا اندر ٿيندڙ ڪارروائين کان مختلف نه آهن. قانون جي نظر ۾ ڌاڙيل ان کي چئجي ٿو، جيڪو ڪنهن ماڻهوءَ کان طاقت جي زور تي، پنهنجي قيمتي شيءِ کسي وٺي ٿو. چاهي اهو عام لٽيرو هجي يا وري مهذب رابن هڊ، فرانسيسي ارگٽ، ترڪ هيڊڪ، آفريقي شفته، برازيلي ڪارگيسرو، روسي راسبونيڪي، بلقاني يا يوناني ڪليفٽ، اطالوي بانڊوليرو، هندستاني ڊاڪو يا سنڌ جو ڌاڙيل، سڀني جون خاصيتون ساڳيون آهن، ۽ ٿوري فرق سان سندن ڪارروايون ۽ مقصد به هڪجهڙا ڏسجن ٿا.*

* Whether he is a common 'Lootrera" or a noble Robin Hood, a French Argot, Turk Haiduk, African Shifta, Brazilian Cargiciro, Russian Rasboiniki, Balkan and Greek Klepht, Italian Bandolero, the Dakoo of India or Dharel of Sindh....

سڄي دنيا جو ڌاڙيل وڏي حد تائين هڪجهڙائي رکي ٿو ۽ ڪم ڪار جي طريقي ۾ به مطابقت رکي ٿو. دنيا جي گولي تي سياسي حالتن به، ڌاڙيلن جو ساڳيو طبقو پيدا ڪيو آهي. انهن ۾ جيڪڏهن ڪو فرق آهي ته پوءِ اهو سماجي رسمن جي نوعيت ۽ مٿن مڙهيل ناانصافيءَ جي درجي جو آهي.

ڏوهن جي نفسياتي ڇنڊڇاڻ موجب، ڌاڙو سماجي ۽ معاشي نظام جي خلاف نفرت جي اظهار جو هڪ طريقو آهي، يا وري ان کي ”ناحق جو بدلو“ به سڏيو ويو آهي. پر اهو سڀ ڪجهه ڪونهي. ذاتي مامرا، خانداني حق تلفيون، سماجي مسئلا جهڙوڪ سڱابنديون ۽ ذاتي خواهشون، يا وري موجود سياسي رويا، سڀ جا سڀ فيڪٽر ڌاڙيلن کي پيدا ڪرڻ ۾ واڌارو ڪن ٿا.

انهيءَ پس منظر ۾ ڌاڙن ڦرن (Dacoity) کي پنجن قسمن ۾ ورهايو ويو آهي: سماجي ڌاڙا، شهري ڌاڙا، اقليتي بغاوتون، شريفانه يا اميرانه (Noble) ڌاڙا، سياسي ڌاڙا ۽ مارڌاڙ. سماجي ڌاڙن ۾ رابن هڊ جهڙا ڪردار اچي وڃن ٿا. هن ڏس ۾ يورپ جي طرز تي، سنڌ جي ابتدائي ۽ وچئين دور جي تاريخ ۾ ڪيئي مثال ملن ٿا. ڪارڪردگي ۽ عمل ۾ سماجي ڌاڙيل (ڦورو)، هڪ قانون مخالف هاري آهي، جنهن کي رياست ۽ وڏيرو ڏوهاري سمجهن ٿا. پر اهو هاري سماج سان رهي ٿو ۽ بهادر (هيرو) سمجهيو وڃي ٿو. هڪ سورمو، هڪ انتقام وٺندڙ ۽ انصاف لاءِ وڙهندڙ هڪ جوڌو... ۽ اهو ماڻهو جنهن جي هرحال ۾ تعريف ڪجي، مدد ڪجي، ۽ حمايت ڪجي!

شهري مارڌاڙ جو به ساڳيو طريقو آهي پر اهو ڪم ڪار ۾ وڌيڪ سڌريل ڏسجي ٿو. ڇو ته وٽس نشاني تي پهچ جي وڌيڪ صلاحيت ۽ جديد ترين هٿيارن جي دستيابي عام آهي. سماجي ڌاڙن جي برعڪس، هن قسم ۾ رقم تائين تڪڙي پهچ، ۽ مهم جوئيءَ کي ترجيح ڏسجي ٿي. هن نوعيت جا ڌاڙا ڦرون ڪڏهن ڪڏهن سياسي بغاوتن کي مدد ڏين ٿا، جيئن 1980ع واري ڏهاڪي ۾ يا وري پوءِ نسلي فسادن جي وقت ٿيو هو.

اقليتي بغاوت اصل ۾ سياسي طرح منظم ڪيل ڦرلٽ آهي. هن ۾ آباديءَ جو هڪ خاص گروهه ڪردار ادا ڪري ٿو، جن جا اڳواڻ حق تلفين جو احساس رکن ٿا. ان ريت هر ان شعبي کي نشانو بنايو وڃي ٿو، جتان اڪثريت فائدو حاصل ڪري ٿي. هن نوعيت جي ڌاڙن ڦرن کي سنڌ ۾ هڪ طويل تاريخي پس منظر آهي ۽ اهو گذريل صدين کان هلندڙ زماني تائين ڏسي سگهجي ٿو.

اميراڻي ڦرلٽ (Noble)، موجود معاشي نظام جي خلاف هڪ بغاوت آهي. رابن هڊزم يا اسپيني ڦرلٽ جو نمونو، هن مارڌاڙ جي عڪاسي ڪري ٿو. هن نوعيت جي ڌاڙي ۾ هميشه امير ماڻهو نشانو بنيو آهي. جڏهن ته ڌاڙيل ڦرلٽ جي رقم جو ڪجهه حصو غريبن ۾ تقسيم ڪري ڪين سهارو ڏئي ٿو. سماجي مارڌاڙ ۽ مهذب ڦرلٽ مقصد ۾ هڪجهڙائي رکن ٿا. فرق رڳو ايترو آهي ته سماجي ڦرلٽ هارين جي طرفان ٿئي ٿي، جڏهن ته مهذب مارڌاڙ (Noble) جو بنياد مٿانهين سماج ۾ هجي ٿو ۽ ان کي ڪجهه سياسي نظريا به ٿين ٿا. بچو بادشاهه ۽ پيرو وزير (1890-1895ع)، ڦوٽو چانگ (1942-1955ع)، عبدالرحمان بروهي (1930ع وارو ڏهاڪو)، ڦل ماڇي (1949-1955ع)، ۽ پرو چانڊيو (1980-1984ع)، سنڌ ۾ هن ڦرلٽ ۽ مارڌاڙ جي طبقي ۾ شمار ٿين ٿا.

مارڌاڙ جو آخري قسم خاص ڌيان طلبي ٿو. ان کي سياسي بغاوت ۽ مارڌاڙ سڏجي ٿو. هي قسم سماجي، اقليتي ۽ اميراڻي ڦرلٽ جو سنگم آهي، پر اصل ۾ ان جي پاڙ سياسي آهي. ڦرلٽ جو هي نمونو حقيقت ۾ سماج ۾ موجود سياسي نظام خلاف هڪ رد عمل آهي ۽ ان جو مقصد موجود نظام کي تهس نهس ڪرڻ آهي. تاريخ جي سڀني مرحلن ۾ هر حڪومت، پوءِ اها مقامي هجي يا ڌارين جو راڄ هجي؛ ان کي بغاوت، شورش ۽ سازش سڏيندي، نهايت سختيءَ سان چيڀاٽيو آهي. هي طريقو رڳو سنڌ ۾ ڪونهي. پر سڄي دنيا ۾ عمل هيٺ رهيو ڏسجي ٿو.

هن آخري نوعيت جي مارڌاڙ سان سنڌ جي سموري تاريخ ڀري

پئي آهي. هن ڏس ۾ خاص طرح ارغون ۽ ترخان (1520-1592ع) دور جي ويڙهه تي نظر وجهڻ گهرجي؛ جنهن جو مقصد ڌارين جي راڄ کي ختم ڪرڻ هو. هن صورتحال کي بيدرديءَ سان ڪچليو ويو. پيو ته نهيو پر حضرت مخدوم بلال جهڙي جيّد مذهبي عالم جي چرپر ۽ جدوجهد کي به بغاوت سڏيو ويو ۽ ان کي گهاڻي ۾ پيڙائي (1522ع) ختم ڪرايو ويو.

سن 1890ع واري هٿياربند مزاحمت (پهرين حر تحريڪ) کي به جا پنج سال ڪن هلي، انگريزن "امن امان" جو مسئلو سڏي چيپاٽيو، ۽ ڪيترن ئي ماڻهن کي ڦاسيون ڏنيون ويون. هن صورتحال سبب سنڌ ۾ سياسي مارڌاڙ واري حالت پيدا ٿي هئي. 1942ع واري حر تحريڪ ۽ 1983ع واري صورتحال، هن نوعيت جي مارڌاڙ (Dacoity) ۾ شمار ٿئي ٿي، جن جا بهرحال سڌا سنوان سياسي مقصد هئا.

مارڌاڙ جو ڪهڙو به قسم هجي اهو بهرحال لاقانونيت جو عمل آهي. نفسياتي طرح ان جو مقصد "تبديلي" هجي ٿو. اها تبديلي ڌاڙيل پنهنجي زندگيءَ ۾، پنهنجي سماج ۾، يا پنهنجي سرڪار ۾ آڻڻ گهري ٿو. سماجي علمن موجب ڌاڙيل سماج جي سياسي، اقتصادي ۽ برادري نظام جي پيدائش آهي. اهو هڪ بين الاقوامي اهڃاڻ آهي. ان جي پيداوار ۽ اُپار سماجي حالتن جي عڪاسي ڪري ٿو. ان ريت مسئلي جو حل به سماج جي دل، جگر ۽ ڊانچي ۾ ڳولڻ کپي.

**تاريخي پس منظر:**

سنڌ جي عوامي ادب ۾ به دنيا جي هر ملڪ وانگر، جن جي گوناگون سماجي تاريخ آهي، اهڙا جنگي داستان ۽ جنگي شعر ملن ٿا؛ جنهن ۾ ڌاڙيلن جي ساراهه ملي ٿي. پر ان جو اهو مطلب ڪونهي ته عام ماڻهو ڦرلٽ واري صورتحال کي پسند ڪن ٿا. ڪجهه ڌاڙيل اهڙا به ٿي گذريا جن سان عوام پيار به ڪيو آهي ته، انهن جي مدد به ڪئي آهي. اهڙا ڌاڙيل اصل ۾ پنهنجي دشمن کان پلاند وٺڻ لاءِ پيدا ٿين ٿا.

سنڌ ۾ تاريخ جي هر دور ۾ مختلف قسمن جي لاقانونيت ڏٺي وئي آهي. ان جو بدترين مثال ارغونن جي دور (1520ع) شروع ٿيڻ

سان ملي ٿو. رستن تي ڦرلٽ، ڌاڙا ۽ لٽ مار عام ٿي وئي. حاڪمن جاگيرون ورهائي، جاگيردار طبقي کي وڌايو، جن سياسي بغاوتن کي ختم ڪرڻ ۾ مدد ڪئي ٿي. جاگيردارن پنهنجيون خانگي فوجون رکيون ته، جيئن پنهنجي معاشي مفادن جو بچاءُ ڪري سگهن. قبائلي سردار ۽ جاگيردار پاڻ ۾ وڙهندا رهندا هئا ۽ ڌاريان حاڪم پنهنجي حڪومت کي زبردست ظلم ذريعي مضبوط ڪندا رهندا هئا. جنهن سبب پوءِ هڪ منظم لاقانونيت وجود ۾ آئي، جا ترخانن، ڪلهوڙن، ميرن ۽ انگريزن جي دور تائين برقرار رهي.

انگريزن (1843ع) جاگيرداري نظام کي وڌيڪ مضبوط ڪيو ۽ ان لاءِ خانبهادر ۽ راءِ بهادر جا لقب به ايجاد ڪيا. سندن معاشي سڌارن ماڻهن جي سماجي زندگيءَ ۾ اصلاح آندي، پر سماج جي مختلف طبقن ۾ فرق اجان به وڌي ويو. مناسب سماجي تحفظات کان سواءِ سنڌ جي همه گير هارين وارو سماج، وڌندڙ مارڌاڙ ڏي رڙهي رهيو هو. خاص طرح سان اتي جتي نيون نيون زمينون پوکي راهيءَ هيٺ اچي رهيون هيون. قانون تي رڳو ايترو عمل ڪرايو ويو ته جيئن امن امان کي برقرار رکي سگهجي. ان جو مقصد تڪڙو انصاف ڏيڻ به نه هو. نه وري ان جو مقصد شهرين کي درپيش مسئلن جي نجات ڳولڻ هو. ٻچو اوٺيهين صديءَ جو هڪ ڌاڙيل اصل ۾ پوليس ڪاتي جي پيدائش هو، جنهن کي هڪ ڪوڙي ڪيس ۾ ڦاسائي جيل اماڻيو ويو هو. رد عمل طور پاڻ هڪ ڌاڙيل بنجي پيو. هن ڏس ۾ ڪيئي مثال ڏئي سگهجن ٿا.

سنڌ جي ڏکڻ اوبر ۾ 1860ع ۾ ٿيل هڪ مارڌاڙ، اصل ۾ هڪ سياسي بغاوت هئي، جنهن کي انگريز سرڪار ڪجهه ڌاڙيلن جو عمل سڏيو هو. فوجي دستا موڪلي نڪرن، سوڍن ۽ سندن مددگارن کي چيڀاٽيو ويو ۽ ڪيترن کي بنا ڪيس هلائڻ جي ڦاسيون ڏنيون ويون. سنڌ جي تاريخ ۾ روپلي ڪولهي جهڙا بهادر ڏسجن ٿا، جن کي انگريزن باغي ۽ ڌاڙيل سڏيو هو.

سنڌ ۾ گوريلا ويڙهه (1890-1895ع)، انگريز سرڪار خلاف

پوري ننڍي کنڊ جي پهرين منظم بغاوت ڏسجي ٿي. حرن فقيرن هڪ متوازي حڪومت قائم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ته انگريزن مارشل لا لاڳو ڪري ڇڏيو. اصليت ۽ مقصد جي لحاظ سان اها هڪ سياسي تحريڪ هئي، جنهن جو مطلب شهري نافرمانيءَ واري صورتحال پيدا ڪرڻ هو.

حڪومت سخت قدم کڻڻ شروع ڪيا. گلو گورنمينٽ وجود ۾ اچي چڪي هئي ۽ ان ٻين طبقن کان به مدد وٺڻ شروع ڪئي. حرن ۽ سندن مددگارن سخت قدم کنيا. حرن سرڪاري مفادن تي حملا شروع ڪيا. انهن هر ان ماڻهوءَ کي قرڻ ۽ قتل ڪرڻ شروع ڪيو، جو حڪومت کي مدد ڪري رهيو هو. سوين ماڻهو مارجي ويا ۽ ڪيئي خاندان اجڙي ويا. ان سبب ڌاڙيلن جو وڏو تعداد پيدا ٿيو ۽ سنڌ ۾ دهشت جو راڄ برپا ٿي ويو. اديبن ۽ شاعرن حرن کي ساراهيو. پنجن سالن کان پوءِ بچو بادشاهه ناڪام ٿيو ۽ گلو گورنمينٽ ختم ٿي. آخرڪار سنڌ ۾ امن امان بحال ٿيو پر تمام ٿوري وقت لاءِ!

انهن خاندانن جي وارثن وري به 1942ع واري صورتحال کي جنم ڏنو. هن کي به گلو گورنمينٽ سڏيو ويو. هن ڀيري پير صاحب پاڳاري جي گرفتاريءَ سان تحريڪ شروع ٿي. حرن کي لوڙهن (ڪيمپن) ۾ رکيو ويو، جي ڇانوڻين جي اردگرد هيون. ان ڪري وري به بغاوت ظاهر ٿي.

حرن جي عمل سبب سنڌ ۾ حڪومت نالي ڪاشيءِ نه رهي. سڄي سنڌ ۾ امن امان ختم ٿي ويو. پهرين جون 1942ع تي مارشل لا لاڳو ڪيو ويو. ميجر جنرل رچرڊسن جي قيادت ۾ ”اپر سنڌ فورس“ جي نالي سان هڪ فوج ٺاهي وئي، جنهن جا دفتر حيدرآباد ۾ رکيا ويا ۽ ان کي ملٽري انٽيليجنس جي مڪمل مدد ڏني وئي.

سرڪار هٿيار ڦٽا ڪرڻ لاءِ چيو. پر حرن فرسوده هٿيار اڇلي، جديد اسلحو کڻي تحريڪ کي جاري رکيو. رات جو ڪرفيو ٽوڙي اجتماعي ڏنڊ به مٿن هنيا ويا، پر ان جو ڪوبه ڪڙ تيل نه نڪتو. حڪومت مخالف سرگرميون وڌي چڪيون هيون ۽ حرن ان وقت جي

وزير داخلا غلام حسين هدايت الله کي به مارڻ جي هڪ ڪوشش ڪئي. پير صاحب پاڳاري کي ڦاسي ڏني وئي پر حرن ڪيس زنده سمجهيو ۽ پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ به پنهنجيون ڪارروايون جاري رکيون. هن بغاوت ڌاڙيلن جو هڪ پورو نسل پنيان ڇڏيو. انهن ۾ رحيم هگورو، ميرڻ خان سرخيل، ڦوٽو چانگ، عبدالرحمان بروهي ۽ غلام حسين لاکو وڏي اهميت رکن ٿا.

پاڪستان ٺهي ويو ته پير صاحب جي گادي به بحال ٿي. پير صاحب پنهنجن مريدن کي هٿيار ڦٽا ڪرڻ جو حڪم ڏنو. ستاويهن ڄڻن هٿيار ڦٽا ڪيا ۽ کين عام معافي ملي. پر رحيم هگوري انڪار ڪيو جنهن کي پوءِ حيدرآباد جيل ۾ ڦاسي ڏني وئي.

1950ع ۾ ڌاڙيلن جي هڪ وڏي لهر آئي جا به ڌاڪا جاري رهي، جنهن ۾ ڪي نالا ته تمام گهڻو مشهور ٿيا. 1966ع ۾ ايوب خان ڌاڙيلن کي ختم ڪرڻ لاءِ پير صاحب جي مدد حاصل ڪئي، ڇو ته انهن مان ڪي پير صاحب جا مريد هئا. پير صاحب ان وقت جي بدنام ڌاڙيل ڪاري ماڇيءَ کي پيش پوڻ جو حڪم ڏنو، جنهن وٽ ڌاڙيلن جو مضبوط ٽولو هو. ڪاري ائين نه ڪيو ۽ پير صاحب پنهنجن مريدن کي هن جي خاتمي لاءِ ڇٽي ڇڏيو. هن ٽولي جي خاتمي سان سنڌ ۾ ڪجهه وقت لاءِ نابر ٿي وئي پر سنت ئي ڪي نوان ٽولا پيدا ٿيا.

ستر جي ڏهاڪي ۾ (وچ ڌاري) ٻئين جوڙ جا ڌاڙيل ختم ٿيا ته، ڌاڙيلن جو ٽيون نسل (جوڙ) سامهون آيو. ڌاڙيلن جي هي تمام وڏي لوڏ پيدا ٿي آهي. انهن ۾ ڪيئي نالا اچن ٿا: صاحب ڏنو ماڇي جو پوءِ پنهنجن دوستن جي هٿان مارجي ويو. گلو ماڇي، حسن بولياڻي، قلندر بخش ڪوسو، نصير فقير نوح پوٽو، شاهه بيگ ڪوسو ۽ ڪيترائي ٻيا. انهن مان ڪي ته مقابلن ۾ مارجي ويا آهن ۽ ڪي گرفتار به ٿي چڪا آهن. ڪجهه ته اڃا به سنڌ جي مختلف حصن ۾ سرگرم ڏسجن ٿا. ڌاڙيلن جي هي ٽين لهر ۽ لوڏ تعداد ۽ عمر جي لحاظ کان، ٻين ٽولن جي ڀيٽ ۾ وڏيڪ اهميت رکي ٿي.

هلندڙ ٽولي جي ڪم ڪار جي طريقي ۾ به فرق آهي ته، روين ۽

لاڙن ۾ بہ ڦيرو ڏسجي ٿو. هاڻي جديد ترين ۽ خوفناڪ هٿيار سولائيءَ سان ملن ٿا. اصل ۾ ماضيءَ ۾ پوليس سان مقابلا ۽ ڏوڪڙن لاءِ ماڻهو اغوا نہ ٿيندا هئا. هن ڏس ۾ وڏي تبديلي نوجوان ۽ تعليم يافتہ عنصر جي شموليت سان آئي آهي. اڳ ۾ اڌڙوٽ عمر وارو ڌاڙيل ٿيندو هو پر هاڻي ائين ڪونهي.

جيتوڻيڪ ڪيئي ڌاڙيل يا تہ مارجي ويا آهن يا وري گرفتار ڪيا ويا آهن، تڏهن بہ انهن جو تعداد ڀہ هزار کن ٿي چڪو آهي، ۽ اهي پنجاه کن ننڍن وڏن ٽولن جي صورت ۾ ڪم ڪن ٿا. انهن وٽ پنهنجي ڪم ڪرڻ جو بهترين بندوبست آهي. انهن جو اطلاعاتي انتظام ايڏو تہ مستحڪم آهي جو ڪين پڪڙڻ ڏاڍو ڏکيو ٿي پيو آهي. ڪي ڌاڙيل ڦاسي چڙهي ويا ڪي وري پوليس سان مقابلن ۾ مارجي ويا آهن. اڄ انهن جا خاندان نهايت تنگ حالتن ۾ رهن ٿا. پوءِ ڀلا ڇو نوجوان ڪاتڪو جتن ۾ شامل ٿي رهيا آهن؟

نہ تہ ڪو ڌاڙيل امير خاندان مان پيدا ٿيو آهي ۽ نہ وري انهن پنهنجي پونيرن لاءِ ڪا وڏي رقم ڇڏي آهي. اهي يا تہ هاري ڪلاس مان اچن ٿا، يا وري مزدور طبقي مان پيدا ٿين ٿا. باوجود ان جي تہ ڪين ڌاڙيل ٿيڻ جي جوکم جي خبر آهي، پر پوءِ بہ اڄ سوڌو هي رستو اختيار ڪندا رهن ٿا.

ڌاڙيلن پيدا ٿيڻ جا سبب ڳولڻ لاءِ ڪيئي ڪوششون ٿيون آهن، پر ان لاءِ اڄ سوڌو درست طريقو اختيار نہ ڪيو ويو آهي. ان جو نتيجو هي نڪتو آهي جو ”ڌاڙا ڦرون“ هڪ اجنبي عنوان بنجي ويو آهي. هن ڏس ۾ هيل تائين ٿيل مطالعو هڪ عارضي حل پيش ڪري ٿو. سنڌ ۾ ڌاڙيلن جا پنج قسم رهيا آهن، جن جو واسطو هارين جي ڦرلٽ ۽ سياسي بغاوتن سان گهڻو رهيو آهي.

سنڌ جي آباديءَ جي اڪثريت جو تعلق زرعي معيشت سان آهي، جيڪو لازمي طرح سان قبائلي طرز جو آهي ۽ معاشي طور تي جاگيردارانہ ڏسجي ٿو. اقتصادي ناهمواريءَ ڪان علاوه اهو تاريخي ورثي جي پيدائش بہ آهي. ان سبب سماجي بي بندوبستگي وڏي آهي جنهن هارين جي مارڌاڙ کي جنم ڏنو آهي.

ڌاڙيلن جي پيدائش جو وڏو ڪارخانو خود زميندار ۽ جاگيردار آهي. وڏيڪ طاقت حاصل ڪرڻ (يا زمين هٿ ڪرڻ)، ۽ زميندارن جي مقامي ٽڪراءَ جي صورت ۾، اهي مجبور ٿي نہ رڳو ڌاڙيل پيدا ڪن ٿا، پر انهن جي پرورش بہ ڪن ٿا.

پنهنجن سياسي مخالفن کي جيل وجهرائڻ ۽ پنهنجن مقامي مخالفن کي تنگ ڪرائڻ جهڙا ڪارناما بہ هن فيڪٽر کي پيدا ڪن ٿا؛ جڏهن پوليس مقامي زميندارن جي چوڻ تي استعمال ٿئي ٿي ۽ وڏيرن جي مخالفن تي زبردست ظلم ڪري ٿي. هن ڏس ۾ پوليس معصوم شهرين کي تنگ ڪرڻ لاءِ وڏيرن جي سازشن ۾ شريڪ ٿئي ٿي.

ڪڏهن تہ وڏيري جو مقصد ڪنهن هاريءَ جي زال يا ڌيءُ پچائڻ هوندو آهي ۽ اهو ايسين نہ ٿو ٿي سگهي، جيسين گهر جي سربراهہ کي رستي تان نہ هٽايو ويو آهي. ان ڪم لاءِ پوليس بهترين مددگار جو ڪم ڏئي ٿي، جا هڪدم همراهہ کي ٿاڻي ۾ بند ڪري مٿس ڪوڙا ڪيس مڙهي ٿي. جڏهن اهو همراهہ ٻاهر اچي ٿو تہ پلاند خاطر وڃي ٿو بندوق کڻي!

هن ڏس ۾ پرو چانڊيو هڪ بهترين مثال آهي تہ، ڪيئن نہ هڪ پرامن ڪڙميءَ کي رهزن ڌاڙيل بنايو ويو؟ محمد پريل چانڊيو ڳوٺ علي محمد جو مال وند ماڻهو هو. ڪنهن ڳالهہ تان مقامي زميندار ڪيس ٺپي ٻيڙا جيل ۾ وجهرايو. سندس والد محمد صالح بہ ظلم جو نشانو بنيو. محمد صالح نالي لاءِ زميندار وٽ پنڌ ڪيا، پر پريل کي چوٿون ڀيرو بہ جيل موڪليو ويو. ان بعد جڏهن هو جيل مان نڪتو تہ هن وڃي هٿيار کنيا.

پرو هڪ ٽولو ناهي ورتو ۽ هڪ معرڪي ۾ ٿاڻي جي صوبيدار سميت ڇهہ پوليس وارا ماري وڌائين. بعد ۾ پوليس جي هڪ خاص جٿي کيس گرفتار ڪيو ۽ هن کي سکر جيل موڪليو ويو، جتي هن جي ميل ملاقات وڏن ڌاڙيلن سان ٿي ۽ پوءِ هو وري 31 مارچ 1983ع تي ٻين دوستن سان گڏ ڀڄي وڃڻ ۾ ڪامياب ٿيو.

هاٿي هو هڪ مڪمل ڌاڙيل هو ۽ سنڌ جي لاڙڪاڻي، شڪارپور،

دادو ۽ نوابشاهه ضلعن ۾ ڪارروايون ڪندو هو. پوليس سان ڪيس تمام گهڻي نفرت ٿي وئي. هو آسپاس جي ماڻهن جي مدد ڪندو هو جنهن سبب مقبول ٿي ويو. هن جي پاران مخبري ڪندڙن ۾ ٻار توڙي عورتون شامل هيون. سندس ٽولي ۾ ست ڌاڙيل هئا جي ننڍين ننڍين ٽولن ۾ ڪم ڪندا هئا. پر خاص ٽولو جنهن سان هو پاڻ به ڪم ڪندو هو ان ۾ ست ڌاڙيل هئا.

ٻيو پرورشي ادارو جيل آهي جتي هڪ ننڍو ڏوهاري مڪمل ڌاڙيل بڻجي ٿو. جيل جا عملدار هن (قيدي) جي پس منظر ڄاڻڻ کان سواءِ ڪيس عادي، ظالم ۽ بدنام ترين ڏوهارين سان گڏ رکن ٿا. اهڙا غريب ۽ معصوم ماڻهو جي سياسي مخالفت سبب، يا غلط ڪيسن ۾ ڦاسجي اچن ٿا، انهن کي به رهزن ڌاڙيلن ۽ قاتلن سان گڏ رکيو وڃي ٿو. جيل ۾ اهڙا معصوم به مختلف انداز سان سوچڻ شروع ڪن ٿا ۽ پوءِ انتقام جي آڳ ۾ ڪڙهندا رهن ٿا.

هن ڏس ۾ نادر جسڪاڻيءَ جو نالو وٺي سگهجي ٿو. هو تعليم يافته نوجوان هو. ڪيس غلط ڪيس ۾ ڦاسايو ويو ۽ پوءِ سکر جيل ۾ پرو چانڊيو، شوڪت راجپوت، صابر ڪنڀار، بادل لاشاري ۽ غلام مصطفيٰ سان گڏ ڪيس به رکيو ويو. هن پاڻ سان ٿيل ظلم جو بدلو وٺڻ چاهيو ۽ جڏهن ٻاهر آيو ته مڪمل ڌاڙيل بڻجي آيو.

خانداني ۽ قبائلي جهيڙا به هن ڏس ۾ اهم ڪردار ادا ڪن ٿا. نصير فقير حيدرآباد ضلعي جا هالا شهر جو هڪ معصوم انسان هو. هو هڪ امن پسند ۽ محنتي شاگرد هو. مسئلو سندس ماءُ جي مختصر ملڪيت تان پيدا ٿيو. سندس مائٽن هن جي پيءُ ۽ ڀاءُ کي قتل ڪرايو ته، جيئن نصير فقير جي ماءُ ڪراچي هلي وڃي ۽ اهي پاڻ هن جي ملڪيت جا مالڪ بڻجي وڃن. نصير فقير روڊ سان هڪ هوٽل تي مزدوري شروع ڪئي. سندس مائٽن کي هي ڳالهه نه وڻي جن ڪيس غنڊا ايڪٽ ۾ گرفتار ڪرايو. هو جيل مان ڀڄي وڃڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو ۽ پوءِ وڃي هٿيار کنيائين. ٻين ٽولن جي دٻاءَ جي باوجود به هن پنهنجي ليکي ڪم ڪيو. روڊن ۽ رستن تي ڦرون ڪري ملڪيت گڏ

ڪري هن سيڪات ٺاٺي تي حملو ڪيو ۽ ڇهه پوليس وارا قتل ڪيائين. پوءِ پنهنجي والد ۽ ڀاءُ جو پلاند به ڪيائين. نيٺ 1984ع ۾ پاڻ به مارجي ويو.

ڌاڙيل لاءِ هي مشهور آهي ته اهي پوليس جي مدد ۽ آشيرواد بغير ڪم نه ٿا ڪري سگهن. هي حقيقت ان طرح پڌري ٿئي ٿي ته گرفتار ڪيل ڌاڙيل گهڻو وقت زنده نه ٿا رهن. پيش پوندڙ اڪثر ڌاڙيل مارجي وڃن ٿا ۽ ان لاءِ پوءِ پوليس فرضي مقابلا ڏيکاري ٿي. نادر جسڪاڻي ٿنڌي الهيار مان زنده گرفتار ڪيو ويو. پر پوءِ ڪيس ڇام شوري ۾ ماري، هڪ فرضي مقابلو ظاهر ڪيو ويو.

رحيم هگوري وٽان هڪ ڊائري به لڌي وئي هئي. پر ان ۾ لکيل مواد بابت ڪڏهن به ڪا ڳالهه ظاهر نه ٿي. چون ٿا ته ڊائريءَ ۾ اهڙن پوليس عملدارن بابت معلومات درج هئي، جن کي هو ماهانو ڀتو ڏيندو رهندو هو. ان ڊائريءَ ۾ اهڙن طاقتور ماڻهن جا نالا به هئا، جن جي ڪيس مڪمل مدد حاصل رهندي هئي. هو شاعر به هو. سندس اهڙا شعر به ڊائريءَ ۾ درج هئا، جن ۾ پوليس جي ڪڌن ڪمن جي ننڌا ڪيل هئي.

خانو جکراڻي، جيڪب آباد شهر ۾ هڪ پوليس عملدار سان گڏ ڪائيندو پيئندو هو. هن ڊپٽي ڪمشنر جي سرڪاري جيپ ڪنئي، ڊرائيور ڪنيو ۽ باڊي گارڊ کي به رائيفل سميت اغوا ڪيو. تڏهن نهايت رازداريءَ سان مذڪوره پوليس آفيسر جي معرفت، ڪيس ڀُنگ طور هڪ لک رپيا ادا ڪيو ويو.

پرو چانڊيو سان به هڪ پوليس عملدار ساٿ ۾ ڏسجي ٿو. جڏهن اهو آفيسر ڏمريو تڏهن ڪيس هڪدم مارائي ڇڏيائين. پوليس اهلڪارن ۾ ڪي ذميدار آفيسر به آهن ۽ واقعي ڌاڙيلن کي ختم ڪرڻ چاهين ٿا. انهن ۾ عنايت الله ابڙو وڏي شهرت رکي ٿو، جنهن نواب شاهه ضلعي ۾ ڌاڙيلن کي ختم ڪرڻ جي رٿا تيار ڪئي هئي. پر ان کان اڳ جو هو پنهنجو ڪم مڪمل ڪري ڌاڙيلن ڪيس پورو ڪري ڇڏيو. هن کي ريل ۾ سفر ڪندي ماريو ويو هو. هن سان گڏ اهڙي رپورٽ به هئي

جنهن ۾ ڌاڙيلن، انهن جي ساٿاري وڏيرن ۽ شامل پوليس عملدارن بابت مڪمل ڄاڻ هئي. پر اها به سندس موت سان گڏ دفن ٿي وئي.

سنڌ مان ڌاڙيلن جي خاتمي ۾ هڪ وڏي رڪاوٽ، پوليس کاتي جي ملازمن جون خراب حالتون به رهيون آهن. اهو عام خيال آهي ته هو چند سؤ رپين لاءِ پنهنجي جان جو خطري ۾ وجهن. سندن اچانڪ موت جي حالت ۾ پار ڏتڙيل حالت ۾ رهن ٿا ۽ سندن سار سنڀال لهڻ وارو ڪير به ڪونهي. پوليس ملازمن جي سڌاري لاءِ ايوب خان جي زماني ۾، ۽ پوءِ به ڪميشن وهاري وئي، پر کاتي ۾ ڪم ڪندڙن جون حالتون سُڌري نه سگهيون. جي سڌارا فائدي وارا ٿين ته هوند پوليس به ڌاڙيلن جو خاتمو ڪري ڇڏي. گذريل ڪجهه سالن ۾ هڪ خطرناڪ لاڙي جنم ورتو آهي. ڪٿي ڪٿي ته نوجوان پوليس جا سپاهي به ڌاڙا هڻندي پڪڙيا ويا آهن. هي صورتحال نهايت ڳڻتيءَ جهڙي آهي.

جانورن کي پُنگ لاءِ اغوا ڪرڻ جو سلسلو سنڌ ۾ صدين کان جاري آهي. پر هاڻي ته ماڻهو به پُنگ لاءِ کڄن ٿا. اهڙي پهرين واردات 1979ع ۾ ٿي جڏهن پرو چانڊيو دادو ضلعي ۾ لليا پتڻ تي وارداتون ڪندو هو. ان ماڻهوءَ کي ڪنيو ٿو وڃي جيڪو ڏوڪڙ ڏئي سگهي. اهڙا ماڻهو جي تڪڙ ۾ ڪنيا وڃن ٿا، پر پوءِ هي ثابت ٿيڻ تي ته ڏوڪڙ نه ڏئي سگهندا آزاد ڪيا وڃن ٿا. اغوا ٿيندڙن ۾ هندو توڙي مسلمان، پُڍا توڙي جوان، زميندار، ڪارخانيدار، واپاري، سنڌي ۽ غير سنڌي سڀ اچي وڃن ٿا.

واردات کان اڳ ۾ مڪمل ڄاڻ حاصل ڪئي وڃي ٿي ته جيئن مُهم ناڪام نه ٿئي. عبدالعزيز غوري، نويد قمر، فيصل ڪاڇيلو ۽ سليمان دائود، جا نالا ظاهر ڪن ٿا ته اغوا ڪندڙ کي پيسه کپن ۽ اهي ذات، مذهب يا نسلي مت ڀيد ۾ يقين نه ٿا رکن.

گذريل هڪ ڏهاڪي کان جاري ڦرمار، اغوا ۽ ڌاڙا - جن جو طريقو ماضيءَ جي ڀيٽ ۾ نهايت مختلف آهي. هي صورتحال ٽن سبب جي ڪري نهايت گهرو تجزيو گهري ٿي.

(الف) هن ڌنڌي ۾ بنهه نوجوان ڇوڪرا شامل ٿي ويا آهن. هن

ڏس ۾ نادر جسڪاڻي، نصير فقير نوح پوٽو، طاهر نقاش، پرو چانڊيو، علي گوهر چانڊيو، گل شير برهماڻي، شوڪت راجپوت، اڪبر چانڊيو، مننار جتوئي، لائق چانڊيو، عباس، اسماعيل ۽ محب شيديءَ جا نالا وڏي اهميت رکن ٿا. اهي سيئي ويهن کان ٽيهن سالن جي عمر جا هئا.

(ب) ڀهراڙين جا مسڪين مگر تعليم يافته نوجوان به هن ڪاروبار ۾ شامل ٿي چڪا آهن. نصير فقير پڙهيل هو. نادر جسڪاڻي انگريزي، اردو ۽ سنڌي ٻوليون ڳالهائي، لکي ۽ پڙهي سگهندو هو. هن سيپٽمبر 1983ع ۾ حاجين جي هڪ قافلي کي ڦريو هو، تڏهن ڪين چيائين ته اهو اسلام جي برخلاف آهي جو، حج تان موٽندي منافعي ڪمائڻ يا عياشيءَ لاءِ سامان آڻجي.

(ج) ٽيون اهم مسئلو معاشي آهي. اغوا جو مقصد صرف ڏوڪڙ ڪمائڻ آهي. هن ڏس ۾ ڪوبه سياسي ۽ نسلي فرق حاوي ڪونهي. جڏهن ته اغوا ٿيندڙ ماڻهوءَ جي سياسي وفادارين جو به خيال نه ٿو ڪيو وڃي. 1979ع کان پوءِ هن ڪاروبار ۾ ٿيندڙ واڌارو، ڏيکاري ٿو ته سياسي نظام جي خلاف به ڪاوڙ موجود آهي. هي اهو دور آهي جڏهن بيڏوهي ماڻهن کي ڦاسايو ويو، ڦٽڪا هنيا ويا ۽ جيل موڪليو ويو.

1983ع جي شهري نافرمانيءَ جي تحريڪ ڀهراڙين ۾ شدت سان ابري ۽ پوءِ جنگ وجدل ۾ تبديل ٿي وئي هئي. ٿي سؤ کان وڌيڪ معصوم ڳوٺاڻا مارجي ويا ۽ سنڌ جا شهر توڙي ڳوٺ فوجي گهيري ۽ نرغي ۾ آندا ويا هئا.

ڀهراڙين ۾ نوجوانن ۾ وڌندڙ بيروزگاريءَ جي ڪري احساس محرومي پيدا ٿي پئي آهي، جن جو مقامي وڏيري ۽ جاگيردار هميشه استحصال پي ڪيو آهي. انهن جاگيردارن توڙي وڏيرن مارشل لا جي اوج وقت به، سنڌي عوام جي نالي ۾ ڏاڍا فائدا ورتا هئا. اهو عام خيال آهي ته اٽڪل روءِ به سؤ نوجوان پرو چانڊيي ۽ ان کان پوءِ علي گوهر چانڊيي لاءِ ڪم ڪندا هئا. انهن کي ڀڳهارون ملنديون هيون.

نصير فقير ۽ طاهر نقاش وت ننڍا ننڍا گروپ هئا. اهي شاهوڪارن کي ڦري غريبن جي مدد ڪندا هئا. اهي سڀ تعليم يافته بيروزگار هئا. پرو چانڊيي جي قبر تي پنج هزار اجرڪ ۽ گلن جون مالهائون پيون هيون. ان طرح عوام ۾ سندس ساک جو پتو پوي ٿو. ذاتي محرومين کان علاوه اجتماعي ناانصافي ۽ اقتصادي نظام جي ناهمواري ۽ ڪي ٻيا سبب به ڌاڙن ڦرن کي وڌائين ٿا.

## هٿيارن جي رسد. زندگي گذارڻ جو طريقو ۽ رسم رواج:

ڌاڙا ۽ ڦرون هڪ الڳ ٽلگ عمل آهن ۽ ان عرصي ۾ ڌاڙيل ڪنهن منظم هٿيارن جي رسد ۽ مواصلات جي بهتر بندوبست بغير ڪم نه ٿا ڪري سگهن. ان هوندي به اهي پاڻ کي سالن جا سال جهنگلن، جبلن ۽ کليل ميدانن تي لڪائين ٿا. اهي ٻيلي گهاٽن ٻيلن ۾ رهن يا ڪنهن جي گهر ۾، پر هر صورت ۾ پنهنجي هٿيارن جي رسد بحال رکن ٿا. اها هڪ حقيقت آهي جنهن جي خبر عام ماڻهوءَ کي به آهي ته پوليس کي به، ته ڌاڙيلن جي ٻئين جوڙ پنهنجي ڪم ڪار لاءِ تيز ذريعا استعمال ڪيا. انهن ناهموار علائقن ۾ جيپن جو استعمال به ڪيو آهي. هن جوڙ ۾ ڪاري ماڇي، شجاع ٻنيري ۽ اقبال پنجابيءَ جا نالا ملن ٿا. توهه چانڊيو ڀهريون ڌاڙيل هو جنهن پنهنجي مقصد لاءِ ڪار استعمال ڪئي هئي. سندس مائٽ ۽ دوست هن جي سواري استعمال ڪندي، هن لاءِ اطلاعن مهيا ڪرڻ جو ڪم ڪندا هئا. هن دور ۾ پنهنجي جاڻ لاءِ ڌاڙيلن سنڌي اخبارن کان، پوليس جي چرپر بابت به مدد ورتي آهي. اها ته پوليس کي به خبر آهي ته ڌاڙيل سنڌي اخبارون باقاعدگيءَ سان پڙهن ٿا. ڏٺو ويو آهي ته ڌاڙيلن جي چرپر کان پوليس پاڻ کي ڪوشش ڪري لا تعلق رکي ٿي.

1960ع جي ڏهاڪي دوران ڌاڙيلن ڪڏهن به پوليس ٿاڻن تي حملو نه ڪيو هو. البته سنڌ ۾ هٿيارن مهيا ڪندڙ ڪجهه مرڪزن تي هو حملا ڪندا رهندا هئا. جنهن ۾ ڪوٽ لالو ۽ ٻدعيدن (نواب شاهه ضلعو) توڙي فيض گنج (خيرپور ضلعو) اچي وڃن ٿا. هتي رڳو هٿيار ۽ بارود نه وڪامندو هو پر ان دور ۾ سفيد غلاميءَ جو ڌنڌو به وڌيو ۽

ويجهيو. ملڪ جي ٻين حصن مان اغوا ٿيل ڇوڪريون ڪيترن ئي زميندارن خريد ڪيون. ڪڏهن ته ڌاڙيلن هٿيارن هٿ ڪرڻ جو خفو نه ڪيو هو. رمضان سولنگيءَ جهڙو ڌاڙيل جيڪو اصل ۾ پوليس وارو هو، ان دادوءَ ۾ هٿيار هٿ ڪرڻ لاءِ ٿاڻي تي حملو ڪيو ۽ پوءِ وڃي ڪنهن ٽولي سان شامل ٿيو.

اڄوڪي دور جي ڌاڙيلن هر ميدان تي سٺي ترقي ڪئي آهي. اهي بهترين هٿيار هٿ ڪن ٿا ۽ اهڙا واپاري سڄي سنڌ ۾ پکڙيل ملن ٿا. اڄ گهرجائو ڪين ٻولين يا نه ٻولين پر هٿيارن جا واپاري طئه ٿيل جاءِ تي ازخود پهچي وڃن ٿا. روينيو کاتي جي ڪلارڪ حفيظ الله سيهڙ جنهن کي مارچ 1986ع ۾ اغوا ڪيو ويو هو، پوليس کي ٻڌايو ته ڪيس موري جي پرسان جتي رکيو ويو هو، اتي هڪ سفيد پوش (زميندار يا ڪامورو) آيو ۽ ڏوڪڙن تي هٿيار ۽ گوليون ڏئي نهايت اطمينان سان واپس هليو ويو.

هاڻي ڌاڙيلن لاءِ هٿيارن ڪان وڌيڪ، نشانو بنجندڙ جي باري ۾ درست ڄاڻ گهڻي اهميت رکي ٿي. اغوا ٿيندڙ متعلق نهايت پڙهيل لکيل نوجوانن جي مدد به حاصل ڪجي ٿي. ايتري به خبر رکي وڃي ٿي ته اهو ڪيترا ڏوڪڙ ڏئي سگهي ٿو، يا وري اهو ته سندس مٽ مائٽ ڪيترا ڏوڪڙ گڏ ڪري سگهن ٿا. ان طرح هو پنهنجي ڪم کي مڪمل ڪن ٿا. جڏهن عزيز غوري ڌاڙيلن کي ٻڌايو ته وٽس ٻنگ لاءِ ايترا پيسا ڪونهن، تڏهن ڪيس سندس بينڪن ۾ پيل پيسن ۽ کاتن جا نمبر به ٻڌا ويا هئا.

پوليس سان به ڌاڙيلن جو گهرو تعلق آهي. چيو وڃي ٿو ته پرو چانڊيي وٽ ايڏو ته بهترين بندوبست هو جو، پاڻ هميشه پوليس جي حملن کي ناڪام ڪندو رهندو هو. آخرڪار پرو چانڊيو تڏهن مارجي ويو، جڏهن لطيف چانڊيي سان سندس اختلاف ٿيا جيڪو سندس بهترين دوست هو. لطيف وڃي پوليس جو مخبر بنيو ۽ پوءِ پرو چانڊيي کي ختم ڪيو ويو، جنهن جي جوڙ ۾ بهترين سکيا ورتل ستر ڌاڙيل ڪم ڪندا هئا.

پهرئين ۽ ٻئين جوڙ جا ڌاڙيل پنهنجي بچاءَ لاءِ اڪثر هيراڦيريون ڪندا رهندا هئا. ڦرلٽ جي مال ۾ ڀائيوار ٿيڻ لاءِ ڳوناٺا به ڌاڙيلن لاءِ مخبري ڪن ٿا. گهڻو ڪري دڪاندار طبقو انهن لاءِ سٺو مخبر بڻجي ٿو. پرو چانڊيي وٽ پڳهاردار ماڻهو هئا. جيڪي ڪيس پوليس جي خطري يا چرپر بابت تمام گهڻي معلومات مهيا ڪندا هئا.

ڀَنگ ڌاڙيلن جو آسان ۽ سستو "نشو" آهي ۽ جتي به چاهين ٿا اتي استعمال ڪن ٿا. ٽيپ رڪارڊر ۽ ريڊيو به سندن وندر جو وڏو ذريعو آهن. هوئنن ته اڪثر ڪري صوفي راڳ ٻڌن ٿا پر ڪين عابده پروين ۽ جلال چانڊيو گهڻو پسند آهن. ضلعي نوابشاهه جي موري شهر جو جلال چانڊيو ته ڌاڙيلن کي گهڻو پسند آهي، جنهن جو راڳ 600 ڪلاڪن کان به وڌيڪ موجود آهي. ڌاڙيلن کي موسيقي ڪيتري پسند آهي ان جو هڪ مثال ڏجي ٿو. پهرين آگسٽ 1985ع تي ڌاڙيل علي گوهر ڏيپر، ضلعي خيرپور ۾ جان محمد ٻرڙي نالي ڳوٺ جي پرسان ٽولي سميت وڃي رهيو هو، جتي زميندار غلام حيدر چنه جي شاديءَ جي تقريب ٿي رهي هئي. ان موقعي تي گجن اوڏ نالي هڪ فنڪار موجود هو. هن اڃا ڳائڻ شروع نه ڪيو هو جو ڌاڙيل پهچي ويا ۽ هن کيس (فنڪار کي) پنهنجي پسند جا ڪلام ڳائڻ لاءِ چيو ته جيئن اهي هو (ڌاڙيل) رڪارڊ ڪري وٺن. گجن ته ائين ڪيو پر پوليس پهچي وئي. خونريز مقابلو شروع ٿيو جو چار ڪلاڪ هليو ۽ محمد عظيم پناڻ نالي هڪ سپاهي مارجي ويو. ان بعد ڌاڙيل ڀڄڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا.

ڪي ته بي. بي. سي. ريڊيو به ٻڌن ٿا. اخبارون ڪين باقاعدگيءَ سان ملن ٿيون. ڪي ته ڪتاب به پڙهن ٿا پر گهٽا ائين نه ٿا ڪن. وندر لاءِ ۽ وقت ڪٽڻ لاءِ پاڻ ۾ ڪبڏي راند به ڪن ٿا. اهي پنهنجي پسند جون جايون به گهمڻ وڃن ٿا ۽ ان لاءِ اڳ ۾ سخت بندوبست ڪن ٿا. سٺ جي ڏهاڪي جو مشهور ڌاڙيل مبين ڏاهري باقاعدگيءَ سان سکر ويندو هو ۽ اتي وڃي پنهنجي پسند تي هٿيار ۽ گوليون خريد ڪندو هو. توهه چانڊيو ۽ شجاع پنيرو، نواب شاهه ويندا رهندا هئا ۽

هتيار توڙي پيون گهربل شيون خريد ڪندا هئا. نصير فقير پنهنجي بيمار ماءُ لاءِ حيدرآباد جي هڪ مشهور ڊاڪٽرياڻيءَ کي پنهنجي گهر وٺي ويندو هو ۽ واپسيءَ تي فيءَ سميت ڪيس پنهنجي ڪلينڪ تي پهچائيندو هو. خانو جکراڻي هڪ آفيسر دوست وٽ جيڪب آباد ويندو رهندو هو ۽ اتي شراب نوشي ڪندو هو. ڌاڙيل مختلف موقعن تي متن مائٽن ڏانهن به وڃن ٿا. شادين ۾ شرڪت ڪري ڌاڙيل سوکڙيون پاکڙيون به ڏين ٿا. ڌاڙيل عالمو ڪوسو تڏهن گرفتار ڪيو ويو، جڏهن هو پنهنجي پاٽيجي وٽ، ڪنهن تقريب ۾ شريڪ ٿيڻ ويو هو. جڏهن به نادر جسڪاڻي چاهيندو هو پنهنجي گهران چڪر هڻي ايندو هو. علي گوهر چانڊيو تڏهن ماريو ويو جڏهن هو ڪنهن خانداني جرڳي ۾ شرڪت لاءِ وڃي رهيو هو. جتي ڪيس فيصلي لاءِ امين مقرر ڪيو ويو هو. 17 مارچ 1989ع تي سونو ڪوسو تڏهن پڪڙيو ويو، جڏهن حيدرآباد ضلعي جي سيد آباد (سعيد آباد) پرسان هو پنهنجي چاچي جي گهر ڪنهن خانداني رسم ۾ شرڪت لاءِ آيو هو. پاڻ ٽيهن خونن، ڦرين ۽ شاهي رستي تي ڦرين ۾ ملوث هو.

اڄ وڄ لاءِ گهوڙن جي جاءِ ڪارن ۽ بهترين جيپن ورتي آهي ۽ 303 قسم جي رائيفل ۽ بندوق جي جاءِ راڪيٽن ورتي آهي. تڏهن به ڌاڙيلن وٽ پراڻا هٿيار اڃا تائين موجود آهن.

هر هڪ ٽولي جو پنهنجو سردار آهي، جيڪو پنهنجن نائبن کي ڪم سونپي ٿو. ڪين معلومات گڏ ڪرڻ لاءِ چوي ٿو، پروگرام ٺاهي ٿو ۽ حملي جي قيادت ڪري ٿو. سڀني ميمبرن کي فرضي نالا ڏنا وڃن ٿا. گهڻو ڪري هو پاڻ کي شڪاري جوائڻ پسند ڪن ٿا جو سندن پراڻو نالو آهي. سڀئي ڌاڙيل پنهنجي سردار کي وڏي عزت ڏين ٿا. پنجاهه جي ڏهاڪي وارو ڦل ماڇي پاڻ کي سردار سڏائيندو هو. الهه ڏنو خاصخيلي "جيجو جرنيل"، پرو چانڊيو، "رئيس ۽ شهباز"، علي گوهر چانڊيو "قربان ۽ پيرا" (پاءُ)، طاهر نقاش "ڪمانڊو" ۽ هاٽي محب شيدي پاڻ کي "ٽريڪٽر" سڏائي ٿو.

روايتي ڌاڙيل سيد کي به نه ٿو ڦري ۽ عورت کي به هٿ نه ٿو

لائي. سفر دوران مسافرن کي ڦريندي ڪين ڪنهن سيد جي خبر پئي ٿي تہ ڪيس ڇڏي ڏين ٿا. هو ڪڏهن ڪڏهن دعا واسطي سيد کي رستي ويندي نذرانو بہ ڏين ٿا.

ڏاڙيلن جي زندگيءَ ۾ وهم وڏو ڪردار ادا ڪري ٿو. جيئن تہ هو ويڳاڻپ ۾ رهي ٿو ان ڪري ڪيس وهم بہ وڪوڙيندا رهن ٿا. پر جنهن طرح هو زندگي گذاري ٿو اهو انداز منجهس اعتماد پيدا ڪري ٿو. اهي نمازون پڙهن ٿا، خيراتون ڏين ٿا ۽ قرآن جو دور ڪن ٿا. هو درگاهن تي وڃي درويشن سان عقيدت جو اظهار بہ ڪندا آهن. پنهنجي دور ۾ پرو چانڊيو ۽ طاهر نقاش ان اميد سان پاڻهن ۾ تعويذ ٻڌندا هئا تہ جيئن اهي حفاظت ۾ رهن. طاهر نقاش هر روز صبح جو قرآن پڙهندو هو ۽ تسبيح تي ورد بہ ڪندو هو. هو پاڻ لاءِ ۽ پڻ پنهنجن دوستن لاءِ تعويذ لکندو هو. هڪ واپاريءَ حفيظ الله کي ڏاڙيل علي گوهر چانڊيي اغوا ڪيو هو. ڪيس سندس مطالبي تي نماز پڙهڻ لاءِ مصلو بہ ڏنو ويو، ۽ چيو ويو تہ اسين سڀ مسلمان آهيون ۽ هو بغير ڪنهن ڊپ ڊاءَ جي نماز پڙهي سگهي ٿو.

ان جي ڀيٽ ۾ نادر جسڪاڻي مذهبي ماڻهو نہ هو. ڪيس هڪ عجيب غريب ٻڪري پاڻ سان هوندي هئي، جنهن تي ڪي تصويرون يا چٽ گل بہ اڪريل هئا. هن جو عقيدو هو تہ جڏهن بہ هو اها ٻڪري وڃائيندو تہ سندس حياتي پوري ٿي ويندي. چون ٿا تہ هڪ بدنصيب ڏينهن تي جڏهن هو ماتليءَ پرسان گل غيبيءَ جو ساليانو عرس ڏسڻ ويو هو، تڏهن ٻڪري ساڻس گڏ نہ هئي، جا هو پنهنجي گهر ٽنڊي الهہ يار ۾ وساري آيو هو. ساڻس گڏ هڪ ڇوڪرو هو جو هن جو نوڪر هو. اهو ڇوڪرو سندس لاءِ مخبري ڪندڙ جو پٽ هو. ان ڏينهن نادر جسڪاڻي واقعي مارجي ويو. جڏهن ڪٿي ڪو انگ جو مسئلو ٿئي ٿو تڏهن وهمي ماڻهو بہ ڪم ڪن ٿا. اڪثر ڪري ڪين ستن جو انگ قبول هوندو آهي. ٻيو ڀاڳ وارو نمبر ڏهہ هجي ٿو. پرو چانڊيي وٽ ستر ماڻهن جو ٽولو هو.

ڏاڙيل واعدن ۽ انجامن کي پاڙين ٿا. ڦرلٽ جي مال مان ڪنهن

دوست جي مدد ڪرڻ لاءِ نهايت ذميداريءَ سان هر واعدي جو پورائو ڪيو ويجي ٿو. توهه چانڊيو ڪنهن واعدي جي پورائي لاءِ مُهم تي روانو ٿيو، پر ڪيس ڏوڪو نصيب ٿيو ۽ مشن جي بلڪل آخري مرحلي تي مارجي ويو. نادر جسڪاڻيءَ انهن کي سزا ڏني جن سندس دوست پرو چانڊيي سان دوکو ڪيو ۽ اهو هن پروءَ جي عزيزن سان ڪيل انجام جي پورائي ۾ ڪيو هو.

انتقام جو سلسلو باقاعده جاري رهي ٿو. پلاند جي قبائلي طريقي ۾ ڪيئي ڏاڙيل پيدا ٿين ٿا ۽ قانون ۾ سگهه نہ ڏسندي ڪيترائي معصوم شهري بہ ڏاڙيل بنجي، انتقام جي آگ ۾ ڪاهجي پيا. سانگهڙ جي راڻي مريءَ پنهنجي ڀائٽي حاجي مريءَ جي پلاند وٺڻ لاءِ هٿيار کنيا. غلام عباس ڪتوهڙ پنهنجي ڀاءُ محمد حسن ڪتوهڙ جي پلاند لاءِ ڏاڙيل بنيو هو. رازو پنيرو بہ ان طرح ڏاڍو مڙس ٿيو هو.

هاڻي اسين لفظ ”پاٿاري“ تي ايندا سين. سنڌيءَ ۾ بينڪ يا جاءِ پناهه کي پاٿاري سڏجي ٿو. اها جاءِ جتي ڦرلٽ جو مال رکجي ٿو يا رقم تقسيم ڪجي ٿي، جتي اغوا ٿيل ماڻهو رکجي ٿو ۽ پوءِ ڏوڪڙن جو حساب ڪتاب طئہ ڪجي ٿو، ان کي اڄوڪي ڏاڙيلن جي زبان ۾ پاٿاري سڏجي ٿو. پاٿاري هميشه بااثر ماڻهو هلائين ٿا. ڪڏهن تہ اهڙو ماڻهو مشهور هجي ٿو ۽ سماجي طرح کيس ماڻهو وڏي عزت ڏين ٿا. ان جو عوام سان گهرو ڳانڍاپو ڏنو ويو آهي. کيس عوام جي اڪثر طبقن وٽ مڃتا حاصل هجي ٿي. غريب، امير، زميندار ۽ آفيسر سڀ جا سڀ سندس حيثيت کي اهميت ڏين ٿا. اهو ضروري نہ آهي تہ پاٿاريدار سياسي ماڻهو بہ هجي، پر نوڪر شاهيءَ سان تعلق سبب هو ڪنهن بہ رڪاوٽ کان سواءِ، پنهنجو ڌنڌو ڪري سگهي ٿو. ان هوندي بہ پاٿاريدارن جي اڪثريت کي سياسي حمايت حاصل آهي.

پاٿاريءَ ۾ اهڙا ماڻهو ڪم ڪن ٿا جن کي علائقي جي ماڻهن بابت سڃاڻ آهي. حقيقت ۾ اهي هڪ اوطاق ۾ گڏ ٿين ٿا جتي ماڻهن کي خوراڪ ۽ رهائش ملي ٿي. پوليس هميشه ڪنهن پاٿاريءَ کي تڏهن نشانو بڻائي ٿي جڏهن ڪو مخالف وڏيرو اِڳتي اچي ٿو.

ڪم ڪار ڪرڻ جو پاٿاري هڪ انوکو طريقو آهي. ڦر يا ڌاڙي کان پوءِ پاٿاريدار جا ايجنٽ، نشانو بنيل جا دوست سڏائي؛ هن جي مائٽن سان ملن ٿا ۽ سندن مدد ڪرڻ جو واعدو ڪن ٿا. ان بعد نشانو بنيل ڌر جي خواهش پاٿاريدار کي ٻڌائي وڃي ٿي. ڪيس صاف صاف ٻڌايو وڃي ٿو تہ جي پوليس مسئلي ۾ ملوث ٿي تہ، پوءِ ڦر ٿيل مال يا اغوا ڪيل ماڻهو ڪڏهن بہ واپس نہ ٿو ٿي سگهي. ان طرح پهريائين اعتماد کي بحال ڪري پوءِ ڳجهيون ڳالهيون ۽ شرط طئہ ڪجن ٿا. ڏوڪڙ جنهن کي ڀُنگ چئجي ٿو ايجنٽ وني ٿو ۽ پوءِ پيغام پاٿاريءَ تي پهچي ٿو. ان ريت اغوا ٿيل همراهہ آزاد ٿئي ٿو.

**مسئلي جو آخري حل:**

گذريل ڏهاڪي کان جڏهن سنڌ ۾ ڌاڙيلن جو مسئلو شدت سان اڀريو آهي، پوليس ۽ ٻين قانون نافذ ڪندڙ ادارن ڪيئي حل پيش ڪيا آهن. خاص ڪري گهاٽن ٻيلن ۽ نڪاڻن ۾ "آپريشن ڪلين اپ" جو طريقو ايجاد ڪيو ويو جنهن تي وڏا وڏا بحث ٿيا آهن.

غير سرڪاري اطلاعن موجب هن وقت سنڌ ۾ ٻہ هزار ڌاڙيل، پنجاهہ ننڍن وڏن ٽولن ۾ ڪم ڪري رهيا آهن. انهن جا نڪاڻا سنڌو درياهہ جي ٻنهي ڪنڌين سان ٻيلن ۾، توڙي بلوچستان سان لاڳو جبلن ۾ آهن. ڪيترين ڪوششن جي باوجود بہ، ڌاڙيلن کي آزادانہ ڪم ڪرڻ کان ڪير بہ روڪي نہ سگهيو آهي. ڌاڙيل پنهنجي عمل کان اڳ مختلف ڪاتن ذريعي ڀرپور معلومات حاصل ڪن ٿا. نتيجي طور تي ڪابہ انفرادي يا گڏيل ڪوشش ڪامياب نہ ٿي آهي. ان ڪري غريب هاري، ڳوناڻا ۽ ڏنار پنهوار جيڪي ڪچي جي وٽ ۾ رهن ٿا اهي گرفتار ڪيا وڃن ٿا. هنن لاءِ مصيبت اها بہ آهي تہ ڌاڙيل پڻ انهن کي نشانو بنائين ٿا.

هن وقت جڏهن سنڌ ۾ ڌاڙيل فيڪٽر جي شدت خطري جي گهنٽي وڄائي رهي آهي، تڏهن مسئلي جو هڪ ئي حل، ڌاڙيل لاءِ عام معافيءَ جو اعلان آهي!

عام معافيءَ بابت ڪيئي سياسي ڌرين بہ حجت بازي ڪئي آهي.

ان جو مقصد اهو ڪونهي تہ ڌاڙيل بلڪل بيڏوهي آهن. مطلب رڳو هي آهي تہ امن قائم ٿئي ۽ ان لاءِ هي قدم مناسب ٿيندو. عام معافي غير مشروط هجي. هٿيار ڦٽا ڪرڻ ۽ ڏوهہ جو اعتراف عدالتي اهلڪارن جي روبرو ٿيڻ گهرجي. انهن کي پنهنجن ماڳن تي رهڻ لاءِ راضي ڪجي، ۽ ڪين وڏيرن کان تحفظ ڏئي، انهن کي خانگي يا سرڪاري ادارن ۾ روزگار ڏجي. حالتن کي سڌارڻ ۾ عام معافي ائين ئي مددگار ٿيندي، جيئن پنجاهہ واري ڏهاڪي ۾ ان طرح بدنام ڌاڙيلن کي سنو شهري بنايو ويو هو. پوليس يا ڪنهن خانگي سلامتيءَ واري ايجنسيءَ لاءِ، اڳيان ڌاڙيل بہ (جن اهو ڌنڌو ڇڏيو هجي) امن امان جي قيام لاءِ مددگار ٿي سگهن ٿا.

جاگيردار، وڏيرا، پوليس ۽ جيل – سنڌ ۾ ڌاڙيلن کي پيدا ڪندا رهيا آهن، تڏهن اسان کي سماجي ناانصافي ختم ڪرڻي پوندي. انصاف ڀري زرعي پاليسي ناهڻ کپي تہ جيئن زمين جي تقسيم ذريعي جيڪي مسئلا ابرن ٿا، اهي ترت حل ڪجن، جن مان پوءِ امن امان جي سنگين صورتحال پيدا ٿي سگهي ٿي.

مقامي ماڻهن تي مشتمل يونين ڪائونسل سطح تي لوڪل ڪميٽيون ۽ پنچائتون ناهجن. انهن ۾ اهڙن ڌاڙيلن کي بہ شامل ڪجي جيڪي هٿيار ڦٽا ڪري پرامن شهري بنجن. انهن ڪميٽين جا ميمبر ڪنهن بہ سياسي لاڳاپي کي ڏسڻ کان سواءِ چونڊڻ کپن. انهن ميمبرن جو ڪردار صاف سٺرو ۽ سماجي خدمتگذار وارو هجي. ٻي صورت ۾ ڌاڙيلن جو هڪ نئون نسل پيدا ٿيندو. مقامي پوليس کي بہ انهن ڪميٽين جي صلاح سان ڪم ڪرڻ گهرجي. پنچائت کي امن امان جي جائزي لاءِ لاڳيتو ڪم ڪرڻو پوندو ۽ ڪنهن بہ ڌاڙيل پيدا ٿيڻ جي صورت ۾ ان کي ختم ڪرڻ لاءِ اپاءَ وٺڻا پوندا. ان کي ڀرپاسي جي پنچائتن ۽ بااثر ماڻهن سان بہ رابطي ۾ رهڻو پوندو. ميمبرن کي سماج دشمنن تي ذاتي اثر بہ هلائڻ گهرجي.

ڌاڙيل مسئلي جي وڌندڙ دائري کي ضابطي ۾ آڻڻ لاءِ، مسئلي ڏي اسان کي پنهنجي رويي ۽ رجحان کي بہ تبديل ڪرڻو پوندو. اڄ

تائين حڪومت سخت اپاءَ ورتا آهن ۽ سمجهي ٿي تہ ڪجهہ بدنام ٽولن کي ناس ڪرڻ سان ڌاڙيل ختم ٿي ويندا. حقيقت ۾ مسئلي جي پس منظر ۾ ڪيئي سماجي سبب پڻ موجود آهن.

هن مسئلي جي سنجيده اپياس ذريعي خبر پئي آهي تہ وڏيرن ۽ پوليس کان علاوه، عدالتن جو ڏگهو طريقئہ ڪار، جهالت، قبائلي رسمون ۽ سخت خانداني قانون بہ ڌاڙيلن کي جنم ڏيندا رهيا آهن. مثال طور تي جيڪڏهن ڪارو ماڇي صرف امن امان جو مسئلو هو، تہ پوءِ سندس پٽ نورو ماڇي (تازو مارجي ويو) ڌاڙيل ڇو بنيو؟

سنڌ جو سماجي ڍانچو بنيادي طرح جاگيردارانہ آهي. جاگيردار ۽ وڏيرو نہ رڳو امير سمجهيو وڃي ٿو پر اهو اقتصادي طرح بہ حاوي عنصر آهي. ان سبب هو ماڻهن تي حڪومت ڪري ٿو. هن جاگيردار ڪلاس وڏي چالاڪيءَ سان 1958ع ۽ 1972ع جي زرعي سڌارن کي ناڪام ڪيو آهي. هن طبقي جي خواهش اڪثر ڪري غير انساني، جهالت ڀري ۽ استحصال ڪندڙ رهي آهي. حڪومت جون رٿائون بہ هن ڪلاس کي ٽيڪ ڏين ٿيون. ان سبب ڪري ڌاڙيل پيدا ٿين ٿا. هن صورتحال کي ختم ڪرڻ لاءِ هارين جي هڪ زبردست تنظيم ڪي، قانون سازي ۽ ان تي پوري طرح عمل ڪرائڻ لاءِ وجود ۾ آڻڻ گهرجي.

غير سرڪاري اندازي موجب سنڌ ۾ هن وقت، اٽڪل ڇاهٺ هزار پڙهيل ماڻهو (نوجوان) بيروزگار آهن. شهر انهن لاءِ بند آهن. ڪارخانن جا دروازا بہ انهن لاءِ بند ڏسجن ٿا. ٻهراڙين مان تمام گهٽ ماڻهو نوري آباد، ڪراچي، حيدرآباد ۽ سکر جي صنعتي ادارن ۾ روزگار حاصل ڪري سگهيا آهن. مرڪزي سرڪار جي تابع هلندڙ ادارن جهڙوڪ: پي. آءِ. اي، ريلوي، پاڻ جي ڪارخانن، بينڪن ۽ سرمايي ڪاري وارن مرڪزن ۾؛ سنڌ جي ٻهراڙين جي تمام گهٽ نمائندگي ڏسجي ٿي.

حد تہ اها آهي جو پٽيوالا ۽ چوڪيدار بہ سنڌ جي شهرن مان ڀرتي ڪيا وڃن ٿا. نوري آباد ۾ ڪارخانہ ان مقصد سان هنيا ويا تہ، سنڌ جي ڳوٺاڻن خاص ڪري دادو ۽ ٺٽي ضلعي جي نوجوان بيروزگارن

کي ڏنڊي سان لائبو ۽ ان طرح سان پوئتي پيل علائقن ۾ اقتصادي سڌارا آندا ويندا. ليڪن افسوس تہ ڪارخانيدارن نوڪريون يا تہ شهرن جي ماڻهن کي ڏنيون، يا وري مورڳو سنڌ کان ٻاهران ماڻهو آڻي ڀرتي ڪيائون. ڪراچيءَ کان پوءِ وڏو صنعتي علائقو ڪوٽڙي ضلعي دادو ۾ آهي. ليڪن اتي روزگار ۾ مقامي ماڻهن جو انگ نهايت گهٽ ڏسجي ٿو. ان ريت دادو ڀرسان پيارو ڳوٺ شگر ملز ۾ بہ مقامي ماڻهن کي ملازمت کان ٻاهر رکيو ويو آهي.

ملازمتن جي تقسيم جي هن صورتحال ڪري نوجوان بيروزگارن جي هڪ وڏي فوج تيار ٿي آهي ۽ پوءِ اهي زندگي گذارڻ لاءِ غير قانوني طريقا بہ اختيار ڪن ٿا. چون ٿا تہ نصير فقير ۽ پرو چانڊيي تعليم يافتہ نوجوانن کي ملازمتن ۾ رکيو ۽ ڪين سنيون پگهارون ڏيندا هئا. ٿورو بہ بهتر انتظام، موجود وسيلن کي استعمال ڪري روزگار جا موقعا فراهم ڪندو ۽ ان ريت حالتن کي سڌارڻ ۾ وڏي مدد ملي سگهي ٿي.

ٻهراڙين ۾ زرعي بنيادن تي ڪارخانہ لڳائڻ گهرجن. اهڙا ڪارخانہ سرڪاري بہ هجن تہ غير سرڪاري بہ. سرڪار سيڙپ ڪارن کي تحفظ بہ ڏئي تہ وڏيرن کي ٻڻ ڪارخانن لڳائڻ لاءِ مجبور ڪري. ڪارخانن جي قيام لاءِ قرضن جون سهوليتون بہ ڏيڻ گهرجن. هن ڏس ۾ وچولي طبقي وارن جي بہ مدد ڪجي تہ اهي صنعتن هڻڻ لاءِ اڳتي اچن. ان طرح هي نُڪتو لازمي رکجي تہ ڪارخانن ۾ ڳوناڻن کي ملازمتون ضرور ملڻ گهرجن.

هي بہ ڏسڻ گهرجي تہ شهري ڪارخانن ۾ ٻهراڙين جي ڪوٽا پرجي ٿي يا نہ؟ مقامي بااثر ماڻهن، سيڙپ ڪارن ۽ چونڊيل نمائندن جون ڪاميٽيون، هي چيڪ ڪنديون رهن تہ حقدارن کي روزگار ملي ٿو يا نہ؟ وقفي وقفي سان ان ڪم بابت انگ اکر بہ جاري ڪرڻ کپن.

ٻهراڙين ۾ نهايت گهٽ اسڪول ۽ ڪاليج ڏسجن ٿا. وڏيرن ۽ جاگيردارن هميشه تعليم جي مخالفت ڪئي آهي. ڪين وڏو ڊپ آهي تہ ان ريت اهي پنهنجي هڪ هٽي ۽ سياسي بالادستي وڃائي وهندا. سال

1981ع جي آدم شماري رپورٽن موجب نواب شاهہ ضلعي جي ڀهراڙين ۾، هڪ ڇوڪري بہ ميٽرڪ پاس نہ هئي. دادو ضلعي جي ٻہ سؤ ڪلوميٽرن جي پٽي ۾ ڇوڪرين جو هڪ ڪاليج بہ ڪونهي.

سخت اُپاءَ وٺي بنا ڪنهن فرق جي تعليم کي وڌائڻ گهرجي. ان مقصد لاءِ سرڪاري توڙي غير سرڪاري ادارن جي همت افزائي ڪرڻ گهرجي. هوشيار ۽ حقدار ماڻهن کي ڪپائڻ لاءِ هڪ شعبو کوليو وڃي، جيڪو هاءِ ڪورٽ جي ججن جي نگرانيءَ ۾، يونيورسٽين توڙي ڪارخانيدارن سان گڏ ڪم ڪري ۽ ان جو دائرو سرڪاري توڙي خانگي ادارن تائين پکڙيل هجي، جيئن دنيا جي اڪثر ملڪن ۾ ٿي رهيو آهي. هي شعبو مستقل طرح سان روزگار جي موقعن تي نظر رکي ۽ انهن تي اهل ۽ حقدار ماڻهن کي رکرائڻ لاءِ ذميدار هجي. هن ڏس ۾ سنڌ جي ڀهراڙين جي ڪوٽا تي خاص چوڪسي رکڻ جي ضرورت آهي. هن شعبي کي هڪ صلاحڪار بورڊ هجي جنهن ۾ چونڊيل عيوضي شامل ڪجن، پر ان کي هر لحاظ سان سياست ۽ ڪامورا شاهيءَ جي چار ڪان آجو رکجي. هن وقت خود روزي ڪمائڻ جي رٿا هيٺ ملندڙ قرض لاءِ، نهايت ڏکهو ۽ مشڪل طريقئہ ڪار موجود آهي. ان کي ڇيڪ ڪري تبديل ڪجي تہ جيئن ضرورت مند نوجوان سولائيءَ سان قرض حاصل ڪري سگهن.

پوليس کاتي جي اصلاح ۽ ڪم ڪار کي سڌارجي تہ جيئن اهو عوامي خدمت جو شعبو بڻجي ڪم ڪري. هن کاتي کي ماڻهن جي مدد، حقن جي حفاظت ۽ سستي انصاف ملڻ جي اداري طور ڪم ڪرڻ کپي. هن اداري کي ڪورٽن جي مدد ڪرڻ گهرجي تہ، جيئن معصوم ماڻهن جي بجاءِ حقيقي ڏوهارين کي سزا ڏيڻ جي سلسلي ۾ آساني ٿئي.

جيلن ۾ پڻ سڌارن جي بيحد ضرورت آهي. اڄ جيلن جون حالتون معصوم ماڻهن کي سنگين ڏوهاري ۽ ڏاڙيل بڻجڻ ۾ مدد ڪن ٿيون. جيلن جا حالات اسان جي سماجي روايتن موجب هجڻ کپن. سنڌ جي جيلن ۾ نشي جي شين جو غير قانوني استعمال ۽ واپار هڪ ڇٽي حقيقت آهي. هت جيلن جي اندر هڪ نرالي دنيا موجود آهي. هي

صورتحال هاڻي ختم ٿيڻ گهرجي ۽ سزا جي مقصد حاصل ڪرڻ تي خاص ڌيان ڏنو وڃي ته، جيئن ڏوهاري ماڻهو سٺا شهري بڻجي پاهر اچن.

انصاف ملڻ ۾ دير جي ڪري به ڏاڍيل پيدا ٿين ٿا. ڪيترائي ماڻهو ڪورٽن مان مايوس ٿي انتقام جي راهه اختيار ڪن ٿا. اهڙا ڪوڙ مثال موجود آهن جڏهن مجرمن کي ڪورٽن جي دروازي تي قتل ڪيو ويو آهي. نبيري لاءِ پيل ڪيسن کي اڪلائڻ واسطي، معزز ماڻهن کي جن جو رڪارڊ صاف هجي، اعزازي جج بنائي تڪڙا فيصلا ڪرائڻ گهرجن. سنگين ڏوهن جي ٻيٽ ۾ روينيو جا ڪيس وڏيڪ وقت وٺن ٿا، انهن تي خاص ڌيان ڏيڻ جي ضرورت ڏسجي ٿي.

ٻين ملڪن وانگر هت به ڏاڙا ڦرون معاشري جو هڪ حصو آهن، ۽ سماجي، انتظامي، قانوني ۽ معاشي حالتون، انهن جي پيدا ڪرڻ ۾ وڏو ڪردار ادا ڪن ٿيون. هن صورتحال کي پاڻ کان الڳ ڪري نه ٿو ڏسي سگهجي. صوبي جي موجود معروضي حالتن جي پس منظر ۾، انهن حالتن کي ڏسڻو پوندو. اهو امن امان جو مسئلو ته آهي پر صورتحال کي سڌارڻ لاءِ رڳو اهو ميدان ڪونهي. ان جو حل ۽ آخري ڇوٽڪارو ڪن ٻين پاسن تي توجهه ڏيڻ ۾ به آهي!

(ماهنامه "پارس" ۾ مئي 1993ع، جنوري 1992ع ۽ مارچ 1992ع ۾ ڇپيل)

●

# شيخ اياز، اردو زبان جو شاعر*

[سال 1961ع ۾ حيدرآباد مان هڪ اردو ڪتاب "سنده جا جديد اردو شعرا" جي نالي سان ڇپيو هو. هن ڪتاب ۾ شيخ اياز جو تعارف، اردو زبان جي شاعر طور ڪرايو ويو. ڪتاب جو لکندڙ مشتاق علي جعفري آهي. هت شيخ اياز صاحب بابت لکيل مضمون جو ترجمو پيش ڪجي ٿو]

نالو شيخ مبارڪ علي تخلص"اياز" پاڻ 1923ع ۾ پيدا ٿيو. والد جو نالو شيخ غلام حسين، هي صاحب شڪارپور سنڌ ۾ ڄائو.

ابتدائي تعليم گورنمينٽ هاءِ اسڪول شڪارپور مان ورتائين. پوءِ گورنمينٽ ڪاليج شڪارپور مان فارغ ٿي، وڌيڪ تعليم جي لاءِ ڪراچيءَ جي ڊي. جي. سنڌ ڪاليج ۾ داخلا ورتائين. هتان بي. اي. ۽ ايل. ايل. بي. جون ڊگريون ورتائين.

هن کي علم ۽ ادب جو شوق ورثي ۾ مليو. ڇو ته سندس والد کي انگريزي، فارسي، سنڌي ۽ اردو ادب سان دلي شغف هو. ان ڪري ننڍي هوندي کان وٺي هنن ٻولين جي رسالن ۽ ڪتابن جو مطالعو ڪندو رهيو. ان طرح شاگرديءَ جي زماني کان ئي شعر چوڻ ۽ افسانہ لکڻ جو شوق پيدا ٿيس. شعر چوڻ جي شروعات تڏهن ڪيائين، جڏهن پاڻ گورنمينٽ ڪاليج شڪارپور ۾ شاگرد هو. هن جي شاعريءَ جو ابتدائي دور خاص رومانوي شاعريءَ جو زمانو هو. اهڙو عڪس سندن ابتدائي سنڌي شاعريءَ ۾ ڏسي سگهجي ٿو. شڪارپور ڪاليج مان پڙهي جڏهن وڌيڪ تعليم لاءِ، ڪراچي آيو ته هتي جي علمي ۽ ادبي ماحول مان هن کي گهڻو فائدو پهتو. تمام ٿوري وقت ۾ ايتري ترقي ڪيائين جو، سنڌ جي نوجوانن جو هڪ پسنديده شاعر بنجي ويو. ان

---

* ليکڪ: مشتاق علي جعفري

زماني جي اديبن ۽ شاعرن ۾، سندس ادبي تخليقن کي گهڻو ساراهيو. ان وقت کان جدا جدا رسالن ۾ افسانہ، نظم ۽ ٻيون تخليقون شايع ڪرائيندو رهيو.

1947ع ۾ جڏهن ملڪ جي هوا بدلي ۽ آزاديءَ جي جدوجهد تيز ٿيندي وئي، تڏهن پاڻ ۾ ان ۾ حصو ورتائين. ان دور ۾ افسانن جو هڪ مجموعو "سفيد وحشي" جي نالي سان ڇپرايائين. هن جي سنڌي گيتن جي مقبوليت جي هي حالت هئي جو، غير مسلم ۾ انقلابي جذبو پيدا ڪرڻ لاءِ، جلسن ۾ سندس گيت پڙهندا هئا. ان پس منظر ۾ سنڌ جي مشهور نقاد پروفيسر ملڪاڻي صاحب هي رمارڪ ڏنا:

"Shaikh Ayaz is the youngest fire brand of Sindhi Poetry and the lyricist par excellence. He has the vision of born poet and his verse forms have infinite variety from blank verse to free verse".

هن رمارڪ جي ڪري پاڻ شاعر"آتش نوا" جي نالي سان مشهور ٿي ويو.

ايل. ايل. بي. جو امتحان پاس ڪرڻ کان پوءِ، ڏيڍ سال تائين ڪراچيءَ ۾ رهي پيو. ملڪ جي ورهاڱي ٿيڻ سان پراڻيون ادبي محفلون درهم برهم ٿي ويون. ليڪن جڏهن ڪراچيءَ ۾ اردو اديبن ۽ شاعرن جو چڱو خاصو تعداد گڏ ٿيو، تڏهن "حلقہ ارباب ذوق" ۽ "انجمن ترقي پسند مصنفين" جو قيام عمل ۾ آيو. جيئن تہ اياز اردو ادب سان اڳ ۾ ئي گهڻو ويجهو هو، ان ڪري اردو نظم، غزل ۽ آزاد نظم چوڻ جو شوق پيدا ٿيس، جي ڏاڍو پسند ڪيا ويا.

50-1951ع ڌاري وڪالت جي سلسلي ۾ سکر آيو، تہ اتي بہ چڱي رونق موجود هئي. 1953ع ۾ وڏي پيماني تي، اردو سنڌي ادبي ڪانفرنس جو بندوبست ڪيائين. هن ڪانفرنس جو بنيادي مقصد هي هو تہ، هر زبان جو ادب اسان جو ادب آهي. ڪانفرنس کان پوءِ "سنڌ ادبي سرڪل" جو بنياد رکيو ويو. ان جي مستقل صدارت لاءِ، اتفاق راءِ سان شيخ اياز کي چونڊيو ويو. هن ادبي سرڪل جي اهتمام سان،

شيخ صاحب جي اردو غزلن ۽ نظمن جو مختصر ڪتاب ”بوئے گل و نالہء دل“ جي نالي سان ڇپجي پڌرو ٿيو. ان زماني ۾ سندس نظم ترجمو ٿي ”افڪار ادب“ ۽ ٻين وڏن رسالن ۾ ڇپيا.

سنڌ يونيورسٽي پاران آگسٽ 1955ع ۾، شيخ صاحب کي شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي ضخيم شعري مجموعي، جي منظوم اردو ترجمي جو ڪم سونپيو ويو. هي ڪم جنوري 1957ع ۾ مڪمل ٿيو. سندس جديد اردو نظم ۽ غزل ماهنامہ ”نئي قدرين“ ۽ ”شعور“ ۾ به شايع ٿيندا رهن ٿا. اياز جي اردو ڪلام جو نمونو هت ڏجي ٿو:

صبحدم جب هم چمن مين آگئے
مثل شبنم برگ گل پر چها گئے
هے ازل سے زندگي ساغر بدوش
رند کيا کيا ميکدے چهلکا گئے
قافلے آئے ازل سے تيزگام
زندگي کي چهاؤن مين سستا گئے
اے تبسم ريز چشم سرمگين
هم تيرے حسن طلب کو پاگئے
خاک پائے حسن بنکر هم اياز
کائنات بيکران پر چها گئے

هڪ گيت ملاحظ ڪريو:

جب جهرنے مين چاند نهائے
چاند پہ نيلا بادل چهائے
کنول کنول اپني نينون مين کوئي بهيد چهپائے
رات پجارن بن کر آئے
ديپ پہ ديپ جلائے
پاني مين آکاش سمائے
نيم پہ پنچهي گائے
ميرے من کو هولے هولے جگ سندرتا گهاے
پاني اور آکاش پہ تيرا پرتوسا لهرائے

مين لپٽون مرجائے مجھ سے مين جھپٽون ارجائے
کوئي بھيد نہ پائے تيرا کوئي بھيد نہ پائے

وڌيڪ متفرقہ شعر ملاخط ڪريو.

فطرت حسن حسن فطرت ھے
چاندني سي تيري طبيعت ھے

بغاوت تو کرلي ھے دير و حرم سے
جھکاؤن کھان اب جبين تو کھان ھے

کسي پھول سے پريت نہ رکھنا
کسي پھول کو ميت نہ کھنا
پھول سدا مرجھا جاتے ھين
کانٹون مين الجھا جاتے ھين
کسي چاند سے پيار نہ کرنا
کسي چاند کو يار نہ کھنا
پنچھي ان کو کب چاھتے ھين
ارتے ارتے تھک جاتي ھين

شيخ اياز عام طور تي اردو زبان ۾ صرف آزاد نظم چيا آهن. ليڪن هن جا اڪثر سنڌي غزل ايترا صاف ۽ سادي زبان ۾ آهن، جو آسانيءَ سان انهن جو ترجمو ڪري سگھجي ٿو.

اياز صاحب نوجوان شاعرن ۾ وڏي اهميت رکي ٿو. غزل بہ لکي ٿو پر هن جا گيت غزلن کان وڌيڪ سٺا آهن. غزلن ۾ سندس انداز ساڳيو آهي، جيڪو هن وقت عام اردو شاعرن جو هجي ٿو. يعني تہ صاف سٿري زبان ۾ خيال آرائي ڪئي وئي آهي ۽ ڪٿي ڪٿي غالب جون ترڪيبون پڻ آهن. اياز اڪثر ننڍي بحر وزن جو انتخاب ڪيو آهي ۽ چڱو ڀلو لکيو آهي. ڪجھ شعر وري دھرائجن ٿا:

ھے ازل سے زندگي ساغر بدوش
رند کيا کيا ميکدے چھلکا گئے

تيرے قدمون کي بے نيازي کو
سجدهء رهگذار کيا جانے

ليڪن اياز جا گيت گهٽي ترنم ۽ موسيقيءَ سان سرشار آهن. هڪ گيت جا شعر مٿي اچي چڪا آهن. ٻئي گيت مان به ڪجهه شعر ملاحظه ڪريو:

جگ جگ جگ جوت جلے
رين اندهيري نين ملے
اندهيارے مين بيٹهے بيٹهے دهيان جو تيرا آئے
مجهکو اس پاپي نگري سے تارون پرلے جائے
جگ جگ جگ جوت جلے
رين اندهيري نين ملے

(سه ماهي "مهراڻ" 1-1998/2ع "شيخ اياز نمبر ۾ ڇپيل)

●

## مطالعو سنڌ جو

### (حصو پهريون)

- خداآباد
- سيد عبداللطيف تارڪ
- مهدي جونپوري ۽ سنڌ
- عمرڪوٽ اتهاس جو هڪ وساريل ورق
- جاگيردارانہ راڄ خلاف سنڌ جي شاندار جدوجهد
- سنڌ ۽ مرڪزي ايشيا جا لاڳاپا
- سنڌ ۾ تاريخي انشاءَ پردازي جي اوسر

هي ڪتاب 148 صفحن تي مشتمل، ڊيمي سائيز ۾، سنڌ تحقيقي بورڊ پاران 1992ع ۾ شايع ٿيو.

# مصنف جا ڪجھ ٻيا ڪتاب

- سنڌ صدين کان: هي ڪتاب سنڌ جي تاريخ جو مختصر احاطو ڪري ٿو، جنهن ۾ موهن جي دڙي کان وٺي اڄ تائين جي اتهاس کي، نهايت آسان زبان ۾ پيش ڪيو ويو آهي، هي ڪتاب 1980ع ۾ ڇپيو هو. ان جو سڌاريل ۽ وڌايل ڇاپو عنقريب ڇپجي رهيو آهي.

- سمن جي سلطنت: سنڌ جي تاريخ ۾ ڄامن سمن جو دور، هڪ سونهري زمانو ليکيو وڃي ٿو. هن دور تي هي پهريون مختصر مگر جامع ڪتاب آهي. هي ڪتاب سڀ کان اول 1987ع ۾ ڇپيو. بعد ۾ ان جو سڌاريل ۽ وڌايل ڇاپو، سال 1996ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ پاران پڌرو ٿيو.

- سنڌ جو تاريخي ۽ تحقيقي جائزو: هن ڪتاب ۾ مصنف جا ڪل ٻٽيھ تاريخي ۽ علمي مقالا ڏنا ويا آهن. هي ڪتاب سنڌ جي سياسي توڙي ادبي تاريخ ۾ پنهنجي خاص اهميت رکي ٿو. هي ڪتاب سال 1997ع ۾ ملير ڪراچي مان پڌرو ٿيو. ڪتاب جي آخر ۾ ڪي ناياب تصويرون ۽ قديم سنڌي تحرير جا ڪجھ عڪس به ڏنا ويا آهن.

- ڪلهوڙا دور حڪومت: هي ڪتاب اصل ۾ مصنف جي Ph.D ٿيسز تي مبني آهي، جنهن ۾ ڪلهوڙا دور جي حڪمراني بابت، نئين مواد ۽ جديد تحقيق جي آڌار تي، هڪ نئوس اڀياس پيش ڪيو ويو آهي. هن ڪتاب ۾ ڪلهوڙا حاڪمن جي دور جي سياست، علم، ادب، تعليم، نصاب، استادن، ڪتابن ۽ وزيرن، ڪامورن توڙي اميرن بابت، پهريون ڀيرو ڀرپور تحقيق پيش ڪئي وئي آهي. هي ڪتاب 2004ع ۾ ڇپيو، جنهن ۾ ڪي اهم تصويرون ۽ نقشا به شامل آهن.

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.



سنڌ تحقيقي بورڊ